سوجهرو
اگسٽ 2014
ABC Certified
سال:15. شمارو:185. قيمت: 50 روپيا. ڏيساور ۾ ساليانو قيمت: 50 آمريڪي ڊالر

# سنڌي ٻولي قومي ٻولي

# وچور



**مشهور دانشور ڊاڪٽر غفور ميمڻ کي سالگرهه مبارڪ - ادارو**


**ايڊيٽوريل:**
ٿچ مي پليز... تاج بلوچ

**ناٽڪ:**
لاڙڪاڻو، ماهتاب ۽ سانگ... منظور کوهيار

**ادبي شخصيت:**
شيام جئسنگهاڻي... ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي

**ناول:**
اسٽيل جا پنج گلاس (14)... ڊاڪٽر رسول ميمڻ

**ڪهاڻي:**
جيجل... بادل جمالي
سفيد پري ۽ گل پري... پرويز
ماسڪو مان پيوند ٿيل انب... پير عبيد راشدي
ٽي وي دانشور... انور شيخ
موت مذاق... آصف مهر
ايج ڊفرنس... بشير احمد سومرو
آءِ ايم سوري... ذوالفقار جوڻيجو
پٽڪو... زاهد منگي
ڪين مليو پيار مان... عبدالحق قريشي

**آتم ڪٿا:**
پاتم جهاتي جهان ۾ (35)... شيام ڪمار

**نظم:**
مختيار سهتو، شير هاليپوٽو ۽ ج.ع.منگهاڻي

**غزل:**
حنيف عاطر، پونم سنڌو، سندر چانديو ۽ رضا بخاري

**جي مارن مون ڏي موڪليا:**
مدد علي سنڌي، ڊاڪٽر پالاري، منور ڪيهر، اياز رضوي ۽ علي نواز آريسر


## ٽچ مي پليز...

سنڌ مان علمي ۽ ادبي ساڃاهه موڪلائي ويل ٿي ڏسجي. نوجوان ليکڪ ۽ اڌو گابرا حرف شناس دوست، فيس بوڪ جي گليمر ۾ اهڙيءَ ريت اڙجي ويا آهن، جيئن ڪو جيت ڪوريئڙي جي ڄار ۾ ڦاسي، ڦٿڪڻ لڳندو آهي. 'جيت-جٽي' جي ڄار ۾ ڦاسي پوڻ ڪي حادثو چئي سگهجي ٿو. پر اسانجي نئين پيڙهي (عمر جي حساب سان) جي ريشنل ائپروچ کان ڪن-لاٽار، جڻ ڪو سانحو آهي. اٽيا-سٽيا، غير منطقي ۽ فن ۽ فڪر جي ڳَر کان وانجهيل ليک ۽ ٻيو الائي ته ڇا ڇا. رنگين جاميٽريڪل خاڪن سان سنواري سينگاري 'وال' تي اپ لوڊ ڪري ڏاڍو خوش پيا ٿين! ۽ ڪي ته وري جعلي فيس بوڪ اڪائونٽ کولي، بداخلاقيءَ جو مظاهرو به ڪن ٿا.

پاڻ کي خوش رکڻ، سٺي ۽ اميد افزا ڳالهه آهي، پر سنڌن لکٽين جو 'متن' نه ته ڪنهن جديد فڪر ۽ عقلي بنياد رکندڙ ڪنهن نظريي جي پوئيواري ڪندي ڏسجي ٿو. ۽ نه ئي ڪلاسيڪل روايتن کان واقف. ڄاڻ حاصل ڪرڻ واري ڄَرَ، ڄڻ ڪنهن ڄَرڪي جي وات ۾ هلي وئي آهي. علم جي ڪوٽ ڏينهان پوءِ وڌندي وڃي، جڏهن ته ڪاپي ڪلچر جي بنياد تي ايم اي، ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي، ڊگري هولڊرس جي قطار ڊگهي ٿيندي پئي وڃي.

تازو هڪ ايم فل 'ڪواليفائيڊ' اسڪالر مبارڪ علي لاشاري صاحب جو جديد ادبي تنقيدي نظرين بابت ڪتاب پڌرو ٿيو آهي. ڪتاب 'پليجرزم' جو اعليٰ شاهڪار آهي. لاشاري صاحب ادبي چوري ۾، ڊاڪٽر فهميده حسين صاحبہ جا به رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن. هن يورپي نقادن Pater Barry جي ڪتاب، The Beginning theory ، Hans bretans جي ڪتاب، Literary theory the basics ، رئوف نيازي جي اردو ڪتاب ۽ عمران شاهد ڀنڊر جي ڪتاب کانسواءِ انٽرنيٽ جي بلاگس تان صفحن جا صفحا ناقص سنڌي ترجمي سان پنهنجي 'شاهڪار تحقيقي ڪتاب' ۾ شامل ڪيا آهن. ۽ ڪٿي به ڪو حوالو نه ڏنو آهي. صاحب موصوف جيڪڏهن 'ترجمو' لکي ها ته سندس 'انگريزي داني' جي ضرور 'واڪاڻ' ٿئي ها.

ڪو به ادبي نظريو پولارن ۾ ناهي جنم وٺندو. هر ادبي نظريو لاڳاپيل خطي جي معروضي حالتن جي بنياد تي وجود ۾ ايندو آهي. ۽ جيڪڏهن معروضي ادبي حالتون تبديل ٿينديون آهن؛ يا ٻيو ڪو متبادل نظريو جنم وٺندو آهي ته تنقيدي سياءُ به مٽجي ويندو آهي. ۽ ادبي ڪڇ-وهٽ لاءِ رڳو هلندڙ دور جا دائمي، علمي ۽ ادبي قدر ئي باقي رهندا آهن، جنهن ۾ ڪلچر کي وڏي اهميت حاصل آهي.

يورپ ۾ اٺويهين صدي جي پهرين ڏهاڪي ۾ جيڪي ٿيوريز آيون، اهي به ساڳي صدي جي اٽڪل انين ڏهاڪي ۾، تضادن جو شڪار بڻجي رد ٿيون. پر اسان جو ڪمال آهي جو اسين انهن 'مئل' ٿيوريز کي ماضيءَ جو حوالو ڄاڻائڻ بدران انهن کي هر دور لاءِ عمل جوڳو قرار ڏيڻ لاءِ بي قرار آهيون.

سنڌي ڪلاسيڪل ادب ۾ يورپ وارا سمورا ادبي نظريا پريميٽو ٿيوريز (اوائلي نظريا) جي صورت ۾ اڄ کان اٽڪل 3 سئو سال اڳ موجود آهن-خاص طرح سان لطيف سرڪار جي شاعريءَ ۾ ماڊرنزم، ريئلزم، سريئلزم کان ويندي رومانيت، تجريديت ۽ اهڃاڻي ڏانءُ سميت هڙئي ڌارائون وڏي قوت ۽ جمال سان موجود آهن، جن تي يورپ جي رد ٿيل نظرين جو اطلاق اڻ سهندڙ ٿيندو-ڇاڪاڻ ته ثقافتي سونهن، ٻولي ۽ متن انهن ڌارائن جو مضبوط حوالو ۽ بنياد آهي. يورپ ۾ مروج ٿي رد ٿيڻ واريون ٿيوريز جن جو مارڪسزم جيان سائينٽيفڪ بنياد ئي نه هو، انهن جي هلڻ يا جاري رهڻ جا امڪان نه هئا. پوسٽ ماڊرنزم جي موضوع تي مٿي ذڪر ڪيل آمريڪي نوجوان اسڪالر عمران شاهد ڀنڊر جو ڪتاب، 'پوسٽ ماڊرنزم...' اردو ۾ موجود آهي. ان سائنسي، علمي ۽ ادبي تجزيي سان انهن 'نظرين/ ڌارائن' تي بحث ڪندي اهڙين ٿيوريز جي 'واڪاڻيل' قلمڪارن جهڙوڪ گوپي چند نارنگ ۽ وزير آغا جي 'ڪوڙ' ۽ 'چورين' جي لاڪ لاٿي آهي.

علم وڏي وٿ آهي. ان کي ضايع ڪرڻ نه گهرجي. علم جو هاڪاري پرچار يا ورڇ علم کي وسعت بخشي ٿي. وائڙو ۽ چوري ڪيل علم، اڻ لاڳاپيل خطي جي ادبي منظر نامي ۾ ادبي گمراهي ۽ بددلي پوکي ٿو.

**تاج بلوچ**


0300 / 0313 / 0332 } 9288496
tajbaloch2505@yahoo.com

**مئنيجنگ ايڊيٽر:** فراز بلوچ
**ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر:** تاج بلوچ
**اعزازي ايڊيٽر:** ڊاڪٽر شير مهراڻي
**آرٽ ۽ فوٽوگرافي:** هالار احمد

**خريداريءَ جا اگهه:**
رجسٽرڊ ٽپال: =/700 ساليانو
سادي ٽپال: =/600 ساليانو

**آفيس ايڊريس:**
بنگلو نمبر: 177، بلاڪ: 7
گل هائوسز،
گلستان جوهر ڪراچي.

هي رسالو ايڊيٽر/پبلشر تاج بلوچ ذڪي سنز پرنٽرز آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچيءَ مان انور ذڪيءَ وٽان ڇپائي بنگلو نمبر: 177 بلاڪ 7 گل هائوسز گلستان جوهر ڪراچيءَ مان پڌرو ڪيو.

# لاڙڪاڻو، ماهتاب ۽ سانگ...

منظور ڪوهيار

'اسان لڪير جا فقير ڇو آهيون؟'

ان جو جواب هڪڙو اهو به آهي ،ته اسان وٽ جستجو ۽ شوق جي ڪمي آهي .اسان دقيانوسيت جي حد تائين روايت پسند آهيون.اسان جي ڪنهن عقل جي اڪابر لکي ڇڏيو ته سنڌي ڊرامي يا ناٽڪ جي شروعات1879يا1880 ۾ ٿي ،ته اسان ڪڏهن به اها تڪليف گوارا نه ڪئي سي ، ته ان جي ڇنڊڇاڻ ڪيون يا ڪي ٻيا حوالا به ڳوليون.

مان ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو هيس،ته ڇا انگريزن جي اچڻ کان اڳ سنڌ ۾ ڪنهن به قسم جو با ضابطہ ناٽڪ مروج نه هيو، جنهن ڪي مثال يا حوالي طور پيش ڪري سگهجي؟ ويهارو سال اڳ، رچرڊ ايف برٽن جو ڪتاب "Sindh Revisited" پڙهڻ جو موقعو مليو،ته ڏاڍي حيرت ٿي،ته ان صاحب سنڌيءَ جي ان اصلوڪي ڊرامي يا ناٽڪ کي لاڙڪاڻي ۾ نه صرف ڏٺو ،بلڪ ان تي باقاعده تنقيد به ڪئي. ساڳئي وقت لاڙڪاڻي جي حسن ۽ فن ۾ يڪتہ فنڪارائن کي دل کولي داد به ڏنو آهي. ڏس ۾ مان سنڌ جي مشهور مترجم ۽ ڪاهوڙي شخصيت محترم عطا محمد ڀنڀري صاحب جي ترجمو ڪيل مذڪوره ڪتاب کي "سنڌ منهنجي نظر ۾" مان حوالو پيش ڪيان ٿو ۽ رچرڊ ايف برٽن خود ڪلاميہ واري اسلوب ۾ قيامت خيز منظر نگاريءَ سان پيش ڪيو آهي.

"سائين جان بل !مون ڪي پنهنجو وعدو ياد آهي ته اوهان کي لاڙڪاڻي جو ناچ ضرور ڏيکاريندس.اوهان کي اها به خوشخبري ٻڌايان ٿو ته اهڙو بندوبست پاڻ واري منشي هريچند ڪري ورتو آهي. هاڻي اها پنهنجي پيرن سان گڏ اچي رهيو آهي.سندس هرهڪ پيڻ پنهنجي جدا ڪجائي ۾ سوار ٿيندي. اهڙي ريت نون اٺن جو قافلو هوندو.اجهو ڄاڻ پهتيون.

ميان جان بل!اکيون راھ ۾ اٽڪايون ويٺو آهي.اڃا ته اوهان ماهتاب کي ته ڏٺو ئي ڪونه آهي.پر جڏهن انهيءَ جي اکين جي ڪجل جون ڪهاڙيون هليون ته توهان پوئتي انگلنڊ ته ڪونه پهچي سگهندا. ماهتاب جي معنيٰ چنڊ آهي ،هي ماهتاب به چنڊ کان گهٽ ڪونه آهي.ڄڻ قدرت پنهنجي ڪاريگر هٿن سان چنڊ جي هڪ ٽڪري کي هٿوڙي ۽ ڇيڻيءَ سان گهڙي ٺاهي،ماهتاب جي شڪل ڏئي ڇڏي آهي. سندس جسم جو هرهڪ عضوو قدرتي سونهن ۽ سيبتائي جو بي مثال شاهڪار آهي. توهان ڪيس ڪهڙي به پاسي کان ڏسندا ته ان جي خوبصورت منهن جو وَجهُ بي انتها سهڻو من مهڻو لڳندو. ڪارا ۽ تلهڙ ڊگها وار ڄڻ ڪنهن جوڳيءَ جي پنڊي مان ڪاريهر نانگن جيان نڪري سندس ڪلهن تي وڪري ويا آهن. چمڙي به سفيد سنگ مرمرجهڙي اٿس.وات جهڙو ويندو.چپ گلاب جون پنکڙيون.نڪ آمي ڦار.ڀنبٽيون تاڻيل تلوارون.جاڙا ڀرون ،اکيون وڏيون۽ ڪاريون ۽ نندا ڪيون ڄڻ منجهن مڌ جا مٽ اوتيل آهن.ائين معلوم ٿي رهيو آهي ڄڻ قدرت انهن کي هاڻي تازو تيار ڪري هن جي جسم ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي.هن جو اڪيلي سر منهن به مڪمل حسن جو هڪ خوبصورت اظهار آهي. اها آهي ماهتاب لاڙڪاڻي جي ڊونا( Donna ).ڏسو ڪيڏي نه سنجيده آهي.سندس ماڪيءَ لار جهڙي منڙي منهن تي ڏڪن جا پاچولا آهن.ڀلي ان ڏانهن بار بار نهاريو.ڀلي پيار ۽نفرت وچان هن ڏانهن گهوريو.ڀلي ڪيس خوش ڪرڻ ۽ ڪلائڻ جا جتن ڪريو،پر سندس خوبصورت چپن تي مرڪڻ جي هلڪي جهلڪ به ڏسڻ ۾ ڪونه ايندي،ڏسڻ ۾ ائين ايندو ڄڻ ته اها هڪ زنده انسان بدران سنگمرمر جي بي جان مورتي آهي، جيڪا چوڏنهين جي چانڊوڪي ۾ گهمي ڦري رهي آهي.



"سائين جان بل،" ماهتاب جو منهن مختلف شين جو مجموعو آهي.ان کي اوهان سونهن جا بيشمار روپ چئي سگهو ٿا.اوهان اهي بيشمار قسم ڏسي ڳڻي ٿڪجي پوندا.اوهان جيڪڏهن ان جي جسم ڏانهن نظر ڪندا ته اتي اوهان کي گهڻ رنگيون اندلٺيون ڏسڻ ۾ ايندي‌ون.سائين جان بل مان سمجهان ٿو ته ڪا شئي اوهان جي نڙيءَ ۾ اٽڪي بيهي رهي آهي. اوهان ڪا شئي چوڻ چاهيو ٿا، پر ٻاڦ ٻاهر ڪڍي ڪونه ٿا سگهو. توهان شايد اهو چوڻ چاهيو ٿا، ته ماهتاب عاج جو سفيد منارو آهي.جنهن کي مٿان چوڏنهين جي چنڊ جو چورو ڀرڪيو ويو آهي. ڳچي به هرڻيءَ جهڙي سهڻي . مان اهي لفظ تشبيهہ طور چيا آهن.پر اها ماهتاب جي حسن جي توهين آهي.ان کان سواءِ سونهن جي سڪايل اوهان جي نظر،سرڪندي ترڪندي وڃي ماهتاب جي ڪلهن وٽ ٽڪ ٻڌي بيهي وڃي ٿي.ان وقت توهان جي دل مان دانهن نڪري وڃي ٿي، ته ڇا ته سندس سِر جي سونهن آهي؟ڇا ته سندس ڌڙ جو حسن آهي! اوهان اتي جو اتي بيهي رهو،جان بل!ڪٿي اوهان جون نظرون محبت ڪرڻ جي صفا غلطي نه ڪري وجهن. هن ٿوليءَ جي ڊگهي چوليءَ پاتل ۽ نيٽ جي ڇهي جهڙي سنهڙي ڇوڪريءَ جي عشق ۾ دين ايمان گنوائي ويهندءُ.. هن کي ننڍڙو عورتاڻو خوبصورت ڪوٽ پاتل آهي. هاڻي اوهان جي ته مون تي اک به ڪانه ٿي ٻڏي. منهنجي چوڻ تي اوهان جو ڪن به ڪونه ٿو لڏي .توهان هن منظر ۾ صفا گم ٿي چڪا آهيو. آخر ته اوهان کي وطن ڏانهن به ورڻو آهي. مان ته اهو سوچي ڏڪي ويو آهيان،ته خوبصورتي جي نقطۂ نظر کان هيءَ طرحدار ۽ شوخ ڇوڪري آهي. ٿڌي ساھ کڻڻ کانسواءِ ڪجھ ڪري به نه ٿو سگهجي.اسان هاڻي ناچ شروع ڪرڻ لاءِ اشارو ڏينداسون. سڀ ڳائڻيون تنبوءَ جي پاسي سان وڇايل گلم تي ويهي رهن ٿيون.جن سان گڏ هڪ بين وارو،هڪ گٽاروارو ۽ ڍڪڙن وارو آهي،جيڪي پنهنجين مقرر جاين تي ويهي رهن ٿا. وڄائيندڙن آڏو ماهتاب ۽ سندس ڀيرون ويٺل آهن.جيڪي ڏاڍيون خوش نظر اچي رهيون آهن.پر ماهتاب جي منهن تي ڪنهن به قسم جي خوشي نظر ڪونه ٿي اچي.ان جو سارو جسم سون سان جهنجهيل آهي.هنن سيني عورتن کي اطلس ۽ ڪيمخواب جا وڳا پاتل آهن. سندن هار سينگار به انتها جو آهي.جتيون به اهڙيون پاتل اٿن ، جن تي بيهڻ به مشڪل پيو لڳي.شلوارون سوڙهيون ۽ مُرن ۾ ڦاٿل آهن. لانگون ڪڏهن به سرڪي ڪونه ٿيون سگهن. سندن نرڙ تي پٽي ٻڌل آهي.تنهنڪري هنن جي شڪل صورت ۾ ڪجھ تبديلي اچي وئي آهي.اچرج جهڙي ڳالھ آهي، ته هنن ڳائڻين جي ٽولي سان گڏ تلوارون ، خنجر ۽ ڍالون به آهن.هنن کان اڳيا به وڏيڪ خطرناڪ صراحيون ۽ پيالا آهن. صراحين ۾ شايد پاڻي آهي ، جنهن ۾ ٿورو شراب ملايو ويو آهي.

ناچ شروع ٿيڻ وارو آهي. ماهتاب ويٺل ماڻهن کي گهوري ڏسي رهي آهي. نچندي سندس هر عضوو ٽڙڪي ۽ ڦڙڪي رهيو آهي.سندس اهڙي تيز ۽ تڪڙي چر پر ۾ هڪ طوفان موجود آهي.يورپ جي ناچ ۾ اهڙي ڪلا ڪونه ڏسڻ ۾ ايندي. هتي کي اهڙا ماڻهو به موجود آهن،جن جو وس پڄي ته جيڪر ناچڻين جا مٿا ڪوڙي ڪين رتورت ڪري ڇڏين ۽ اهڙين ٻوسٽ ۽ گهُٽ وارين ڪوٺين ۾ واڙي ڇڏين جن ۾ در ۽ دريون به نه هجن.

ماهتاب ڄڻ هوا ۾ ترندي ۽ تڙڦندي اڳتي وڌندي رهي آهي. سندس ان تيز چرپر ۾ ڪو آواز ئي ڪونه هيو ڄڻ مور جو ڪنپ هوا ۾ ڦڙڪندو اڳتي وڌندو پيو اچي. هن جي اڇين ٻانهن تي ڏسبو ته انهن تي ڄڻ مانار ڇانيل آهي،ڄڻ صبح جي ٿڌڙي هير تي زعفران جا نرمل ۽ نازڪ لڱ ٽڙڪي رهيا هجن.هن جي ٻانهن جي ٽڙڪڻ جو ته ڪو احساس ئي ڪونه ٿو ٿئي. مٿس هڪ قسم جي بي خودي طاري آهي. ڪيس اهڙو ڪو احساس ئي ڪونه آهي ،ته هوءَ اوهان جي مٿان اچي بيٺي آهي.پوءِ هڪ غير محسوس انداز۾ڦڙڪندي ۽ ٽڙڪندي هلي ٿي.ڄڻ ڪو مکڻ مان زعفران جو ونگ ڪسڪائي ڪڍي رهيو آهي.سندس هن ڦيري کي گول چڪر به چئي ڪونه ٿو سگهجي.اهو ته ڄڻ ٽئگليوني (Taglioni) وارو ڦيرو آهي.هوءَ هاڻي نچندي پوئتي هٽندي پئي وڃي۽ ناچ جي ڪنهن اٿاھ سمنڊ ۾ ٻڏندي پئي وڃي. هوءَ هڪ جاءِ تي بيهي آهستي آهستي ائين نچي رهي آهي ڄڻ ته بيٺي آهي۽ هوءَ ميڻ جي اچي گڏي وري ساڳي طريقي سان نچڻ شروع ڪري ٿي.سندس هر عضوي جي لوڻءَ لوڻءَ ۾ ڄڻ ساھ پريل آهي."

رچرڊ ايف برٽن ،ماهتاب جي پروقار حسن ۽ ناچ جي تعريف ته گهڻي ڪئي آهي ،پر اسان جو زير بحث موضوع سنڌي ناٽڪ آهي،ان ڪري "رچرڊ ايف برٽن" جي راءِ يا تبصري جي شروعاتي انگريزي جملن کي،اوهان جي خدمت ۾پيش ڪري، پوءِ ڳالھ کي اڳتي وڌائجي ٿو:

"Now far the ballet or melodrama, the favorite piece of the evening. The Nach girls all equip themselves in manly and martial dresses-all except the "Donna" whom dignity forbids"

هتي "برٽن" بئليٽ يا ميلو ڊرامہ جي ڳالھ ڪري ٿو.جيڪا سائين عطا محمد ڀنڀري صاحب جي ترجمي ۾ "بئليٽ نموني جو ناچ" ڄاڻايل آهي.سائين تمام لائق فائق مترجم آهي.ان جو ترجمو غلط ناهي. بئليٽ بنيادي طور تي ناچ جو قسم آهي،پر جڏهن ان ۾ ڊرامائي عنصر شامل ٿي ويو،ته ان کي "بئلٽ ڊرامہ" سڏيو وڃي ٿو. جيئن ته منهنجو ٿورو ٽڪو تعلق ڊرامي سان رهيو آهي،ان ڪري مان گهرائي ۾وڃي ڏسڻ چاهيان ٿو،ته آخر "رچرڊ ايف برٽن" ، لاڙڪاڻي ۾ ڪهڙي قسم جو ڊرامو ڏٺو هو،جنهن کي هو "بئليٽ يا سريلو ڊرامہ"

سنڌي پيو ؟

اچو ته هاڻي عطامحمد ڀنڀري صاحب جي خوبصورت ترجمي کي اڳتي وڌايون ۽ ”برٽن“ جي ڪيل تنقيد مان ڪي نتيجا اخذ ڪيون:

”شام جو بئليٽ نموني جو ناچ ڪيو ويندو،جنهن ۾ سڀ عورتون مرداڻو لباس پائي ڪِرِبل ڪردار اداڪنديون .پر ماهتاب پنهنجي وقار جو خيال ڪري اهو لباس ڪونه اوڍيندي، مان پنهنجي راءِ جو اظهار هن ريت ڪري رهيو آهيان، ته ٿيٽر ۾ عورت جو مرداڻو ڪردار ادا ڪرڻ ٿيٽر کي گهڻو متاثر ڪري ڇڏيندو آهي.پر ان سان گڏ اهو پرڪشش به ٿي ويندو آهي. اهڙين ڳالهين ۾ اينگلو انڊين ٿيٽر گهڻو مشهور آهن.مثال طور هڪ خوبصورت ڇوڪري کي هيلميٽ پاتل آهي ۽ ٻي نازڪ ۽ نفيس ڇوڪري کي هٿ ۾ گيندي جي ڪل جي ڍال ته اسان جهڙن عاشق ماڻهن جو ته لڏو ئي لٽ ٿي. مان اڪيلو نه پر هر نفاست پسند عاشق ٿيٽر اڌ ۾ ڇڏي احتجاج طور اٿي هليو ويندو،ڇاڪاڻ ته اهڙيون ڳالهيون سونهن ،سوڀيا،نزاڪت۽ نفاست جي خلاف ڪلي بغاوت آهن ۽ گهڻن ماڻهن جو ته عشق ڪرڻ ڪان روح ڪچي ويندو. ٻيو مثال ته ’جولئيٽ‘ (ڊرامي) ۾ گهڙي جي شڪل جهڙو هڪ اجگر آهي.جنهنکي فوجي خدمتون سر انجام ڏيندي ڏيکاريو ويو آهي.هن جي ڪلهن وٽ سندس جسامت6+3 فوٽ ڏيکاري وئي آهي.سندس مڇن مان باه جا اُلا نڪرندي ڏيکاريا ويا آهن.ان اجگرجو آوز ائين آهي جڻ پري ڪاٿي ڳئون رنڀي رهي آهي.پر جيڪڏهن اهو ڪردار هڪ خوبصورت ۽ نازڪ نفيس عورت ڪندي ته عشق جا ٽپڙ ئي پاڏي ٿي.هڪ سهڻي ’ڊسڊيونا‘جو ڪردار هڪ اينترو ڇوڪرو ڪندو جنهن جو منهن ڏيرو،رنگ زرد،نڪ ڪنيو،ميرو، گدلو، آوز جڻ دٻي ۾ نڪريون ته ڏسڻ واري جي ته ڪاوڙ ڪندي تي چڙهي ويندي،جيڪڏهن اسڪول ويندڙ هڪ ننڍڙي ٻار کي وڏي عملدار جي روپ ۾ ڏيکاريو ويندو ته ضرور برو لڳندو.“

رچرڊ برٽن ،اهڙي تنقيد ڪي پيش ڪندي، آخر ۾ سنڌي بئلٽ يا ميلو ڊرامه تي جيڪا راءِ ڏي ٿو: اها اسان لاءِ گهڻي اهم آهي.ملاحظ ٿئي،سائين عطا محمد ڀنڀري جو ترجمو:

”ڏيکاريو ويندڙ هي بئلٽ مزاحيه آهي،جنهن ۾ هڪ خوبصورت عورت کي اهڙي ڪراڙي جهور مرد سان پرڻايو ويو آهي،جيڪو هلڻ ۾ هلاڪ آهي.ان عورت جو هڪ نوجوان عاشق آهي. هن بئليٽ ۾ ڪي منظر غير معياري آهن.هن قسم جي منظرن جو مشرق جي گهرو زندگي سان ڪو تعلق ڪونه آهي.اهڙي ريت هر ڪردار کي وڌاءَ ڪري ڏيکاريو ويو آهي . ٿي سگهي ٿو ته اهڙو پلاٽ جاٽي ٻڇهي آندو ويو هجي يا ٿي سگهي ٿو ته صراحي واري شراب اهو رنگ لاتو هجي. ڇاڪاڻ ته مشرق ۾ ڪراڙو مڙس اينترو ڇيڙاڪ ۽ تيسارو ڪونه هوندو آهي. جنهن جي ڪاوڙ سدائين ڪندي تي چڙهيل هجي.نه وري نوجوان سدائين سر تان تتو وينو هوندو آهي ۽ پنهنجي محبوب تان قربان ڪرڻ لاءِ سر ترياءِ تي ڪنيو گهمندو وتندو آهي.نه وري هتان جون خوبصورت ۽ نازڪ نفيس عورتون اينريون عاشق مزاج آهن جو ڪلئي ميدان ۾ عشق ڪنديون وتنديون آهن . **شاعري ۽ ٻيون ڳالهيون به سنڌي ٻوليءَ ۾ آهن. ٻي** ڳالهه ته ان سهڻي عورت جو حقيقي ڪراڙو مڙس تلوار جا ويھ گهاءَ ڪائي هيٺ ڪري پوي ٿو .پر اخلاقي اصولن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ نوجوان ان هيٺ ڪريل جهونڙي جي قيمتي تلوار ،خنجر ۽ نئون پٽڪو کنيون هليو وڃي ٿو. سندس منهن مان نفرت جهلڪي رهي آهي ۽ زمين تي پڪڙيل مذڪوره شيون وڏي آڪڙ ۽ گهمنڊ سان ائين ڪٽندي ڏيکاريو ويوآهي جڻ اُهي سندس پنهنجيون هجن. پروڊيڪ افسوس جي ڳالهه اها آهي ته هتان جو فن اينترو ڪري پيو ،جو جڏهن پکواز جو آواز ويھجي ويو ته مالڪ ان کي نيڪ ڪري ڪونه سگهيا هيا.پر اسان جا ٻه افغان نوڪر اٿيا ،جن وڃي پکواز جي سر آواز کي ٺيڪ ڪيو هيو.ساڳي ريت جڏهن ماهتاب جي خوبصورت ۽ ننڍي پيٽ نورجهان پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهي هئي ته ٻين جو آواز نهايت تيز هيو،جڏهن ته سندس ڪردار هڪ الڳ تاثر ڏئي رهيو هيو. اها غلطي اسان جي هئي جو اسان ڪين شراب آڻڻ جي اجازت ڏني هئي.“

سنڌي ڊرامي جي ڀهرين نقاد ”رچرڊ ايف برٽن“، جي هيءَ راءِ يا تنقيد اسان کي گهڻو ڪجهه ٻڌائي ٿي .جنهن سان سنڌي ناٽڪ جي حوالي سان ڪي گم ٿيل ڪڙيون ملن ٿيون .مثلن جڏهن ”رچرڊ ايف برٽن“ اهو ڊرامو لاڙڪاڻي ۾ ڏسي ٿو، ته اهو دور1876 جو آهي. وڏي ڳالهه ته ڊرامي جي حوالي سان جڏهن اهو ٻڌائي ٿو ته شاعري ۽ ٻيون ڳالهيون به سنڌيءَ ۾ آهن .ته پوءِ ان مان ثابت ٿئي ٿو ته نج سنڌي ڊرامو1876کان اڳ ۾به رائج هيو ۽ جنهن کي ماڻهو وڏي ذوق شوق سان ڏسندا هيا. جنهن کي لاڙڪاڻي جا سهڻا سيبتا ۽ من موهڻا ڪلاڪار پيش ڪندا هيا.ان ڪري سنڌي ڊرامي جي شروعات 1879 يا 1880 کان ڪرڻ ٻي انصافي آهي.البته ان ناٽڪ يا ڊرامي کي ان دور ۾ ڇا سڏيو ويندو هيو،اهو هڪ اهم سوال آهي؟ ”برٽن“ ته ان ڊرامي کي ، پنهنجي ثقافتي منظر جي تحت بئليٽ يا ميلو ڊرامه سڏي ٿو. ڀهرائين ته اهو ڏسون ته بئليٽ يا ميلو ڊرامه ڇئجي ڇاکي ٿو؟

ميلو ڊرامه(Melo drama)

ميلو ڊرامه جي حوالي سان جيڪي به وصفون مليون آهن ،انهن مان هڪ وصف اها به آهي ته:

”ميلو ڊرامه هڪ اهڙو ڊرامو آهي جنهن جو پلاٽ مبالغي آرائي تي ٻڌل هجي، ته جيئن انسان جذبن کي گهڻو اڀاري سگهجي.عمومن هن ڊرامي جا ڪردار ٻولي، ورتاءَ يا واقعن جي لحاظ سان عام رواجي هوندا آهن. يورپ ۾ هن قسم جو ميلو ڊرامه 18 يا 19 صديءَ ۾ موسيقي ۽ راڳن جي آڌار تي پيش ڪيو ويندو هيو.

**بئلٽ ڊرامه:**

بنيادي طور تي ناچ جو هڪ قسم آهي. پر سترهين صديءَ ۾ ان کي ناٽڪي ڍنگ سان پيش ڪيو ويو،جنهن ڪري ان هڪ پنهنجي الڳ صورت ورتي ، جيڪا اوپيرا جي گهڻو ويجهو ٿي وئي.

**اوپيرا:**

اوپيرا بنيادي طور تي هڪ سنگيت ناٽڪ آهي.ان جي جي هڪ وصف سني انداز ڊاڪٽرغلام رسول بلوچ به بيان ڪئي آهي،جيڪا هتي پيش ڪجي ٿي:

”هي ڊرامي جو اهو قسم آهي،جنهن ۾ مڪالمن کي نثر جي بدران نظم ۾ جوڙي سربستہ سرن سان ڳائڻ ۽ سازن سان رقص ۽ موسيقي جي ذريعي اسٽيج تي پيش ڪيو ويندو آهي.“

ڀهرائين اچو ته ماهتاب جي رچيل بئلٽ ياميلو ڊرامه تي رچرڊ ايف برٽن جي ڪيل تنقيد جي چند ڇاڻ ڪيون. رچرڊ برٽن جي اها تنقيد ته ”هن ڊرامي ۾ هر ڪردار وڌائي ڪري ڏيکاريو ويو آهي يا مشرق ۾ ڪراڙو مڙس اينترو ڇيڙاڪ تيسارو ڪونه هوندو آهي،جنهن جي ڪاوڙ سدائين ڪندي تي چڙهيل هجي.

مان سمجهان ٿو ائين ناهي.مشرق ۾ جيترو ڪراڙو مڙس ڇيڙاڪ، تيسارو، ريسارو ، سَڪِڻو ۽ شڪي هوندو آهي، مغرب ۾ ان جو مثال ورلي ملندو.خاص ڪري سنڌ ۾ ۽ خصوصن لاڙڪاڻي ۾.پنهنجو ذاتي مشاهدو آهي ته ڪراڙو مڙس يا جهونوعاشق، نوجوان زال يا معشوق جي ڀنيان ائين هر وقت ڏڪندو آهي، جيئن تازي ڇاول ڦر مٿان سوئا ڳئون ڏڪندي هجي.

لڳي ٿو ته هن بئلٽ ڊرامي جي رچنا ڪار ”ماهتاب“ پاڻ هئي، تڏهن ته هن ان ڊرامي ۾ جڻ پنهنجي درد ڪٿا بيان ڪئي آهي.ماهتابي حسن تي سڄي سنڌ ۽ لاڙڪاڻي جا جهونا ۽ آڙيڪاپ عاشق، ٻگهڙن جي ولر جيان ڪنا ٿيا هوندا ،جن نازڪ اندام ۽ نازنين ماهتاب کي مچيون ڏئي، پريشان ڪري ڇڏيو هوندو. ان ڪري ”ماهتاب“ جي جيڪا نفسياتي ڪيفيت رچرڊ ايف برٽن ٻڌائي آهي، ان ۾ اها شوخي يا الهڙپڻ ڪونهي، پر متانت، بردباري ۽ سنجيدگي آهي. هونئن به ڪراڙپ جو عشق نهايت ئي اذيتناڪ آهي. جواني جو عشق ته سڪل ٻند کي باه مثل آهي، جيڪو جلدي ٻري ختم ٿي ويندو آهي. پرٻڍاپي جو عشق ائين آهي،جيئن پُٺي ٻاهڻ کي باه لڳي ، رڳو پيو دُکندو ۽ دونهان ڏيندو، جيستائين محبوبه يا معشوق جو نورنه وجائيندو. تيسين بس نه ڪندو. ”رچرڊ ايف برٽن“ جي باقي تنقيدون پنهنجي جاءِ تي گهڻي قدر درست آهن. پر ڳالهه ته ان نقط نظر تي ڪٿي ٿي، ته ميلو ڊرامه يا بئليٽ ڊرامي ۾ مبالغي آرائي ناٽڪ جي اشد ضرورت آهي،ته جيئن جذبات کي اڀاري ڪٿارسس کي پيدا ڪري سگهجي. تنهنڪري ان ڊرامي ۾ ٿيل مبالغي آرائي کي نظرانداز ڪري سگهجي ٿو .پر ان ۾ جيڪا ٻي جوڙ عاشقي واري حقيقت پسندي موجود آهي،اها ساراه جوڳي آهي.جوته اهاانساني فطرت آهي،ته سن مان ساءِ ايندو آهي. هاڻي اچو اصلي ڳالهه تي، ته ڇا انگريزن جي اچڻ کان اڳ يا پوءِ سنڌ ۾ اهڙي قسم جو ڪو ناٽڪ رائج هيو، جيڪو بئلٽ يا ميلو ڊرامه يا اوپيرا جي ويجهو هجي؟

ان حوالي سان شيخ اياز جي سنگيت ناٽڪ ”پکيٽ سنگهه کي ڦاسي“، تي مرحوم رشيد ڀٽي جو مهاڳ،اسان کي ڪجهه ڏس پتوضرور ڏئي ٿو،تنهنڪري اچو ته ان ۾ جهاتي هڻي ڏسون:

”سنڌيءَ جي آڳاٽي ادب ۾ اسان کي سنگيت يا نرتيه ناٽڪ ته ڪونه ٿو ملي،پر انهن سان ملندڙ جلندڙ ڪيئي منظوم شيون ملن ٿيون.جن ۾ ڪم و بيش اُهي ئي موضوع ملن ٿا.جي ڪي قدر يوناني اوپيرا ۽ هندي سنگيت ناٽڪ ۾ ملن ٿا. اهي آهن منظوم داستان يا ويرگاٿا ڪال جا منظوم قصا يعني پنهنجي سورمين ۽ سورمن جا منظوم قصا.سنڌ جون تاريخي جنگيون ۽انهن جا جوڌا،انهن منظوم داستانن جو

موضوع آهن. انهن لوڪ ادب جي شعرن جي ساخت اهڙي آهي. جو انهن کي پيچي ، ڊائلاگ يا گفتا ڪري، آسانيءَ سان ڊرامائي تشڪيل ڏئي سگهجي ٿي. ٻي هڪ سنڌي صنف اوپيرا کي ويجهي آهي، سا آهي سانگ. هيئت جي لحاظ کان اها اوپيرا جهڙي آهي. پر مواد جي لحاظ کان فرق آهي. اوپيرا ۾ موضوع گهڻو ڪري الميه هوندو آهي. پر سانگ ۾ اهو طربيه هوندو آهي. ان فرق سان "سانگ" کي سنڌيءَ جي اوپيرا جي اوائلي صورت چئي سگهجي ٿو."

اهڙي مستند شاهدي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ به پنهنجي ڪتاب "مناظرا" جي مقدمي ۾ ڏي ٿو:

"سانگ سنڌ جو ڊرامو آهي. جنهن جي شروعات آڳاٽي وقت کان ٿي. مڱڻهار، ڀٽ، شيدي ۽ ٻيا خاص حرفتي ۽ هنرمند گروه شادين ۽ محفلن جي موقعي تي سانگ وجهندا هيو، جنهن ۾ مختلف ڪردارن جا روپ اختيار ڪري، واقعي يا سماجي منظر جي جيئري جاڳندي تصوير پيش ڪندا هئا. هنرمند عورتون وري عورتن جي مجلس ۾ سانگ وجهنديون هيون."

اسان کي انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جي واليوم ستون (اپريل 2012) ۾ به ڪجهه رهنمائي ملي ٿي:

"سانگ: ناچ جو هڪ قسم آهي. سنڌي لوڪ ناچ جي سانگ ۾ ڪل يوڳ ۽ گيچ ڳايا ويندا آهن. هي ناچ شادين مرادين ۾ ڳائڻ وڄائڻ وقت ڪيو ويندو آهي. قديم وقت کان وٺي گوٺن راڄن ۾ مڱڻهار ڳائڻ وڄائڻ سان گڏ سانگ وجهندا هيا. جنهن ۾ عورتون توڙي مرد ڪو مزاحيه روپ ڌاري هٿن پيرن جي اشاري سان ڊولائيتيون وڪون ڪٽندي تمثيل پيش ڪندا آهن. مثال طور: هڪڙو ناچو مهري مٿي تي رکي، ان مٿان پاٽيءَ جو پريل گهڙو رکي گهنگهرن وارو ڏونڪو هٿ ۾ ڪٽي پيرن ۾ چير ٻڌي نچڻ شروع ڪندو ۽ هيءُ ٻول چوندو:

پاٽيڙي تي ٿي وڃان منڙا، پاٽيڙي تي ٿي وڃان
هن ڪوهر جو ڪارو پاٽي، مٿي تي ٿي وڃان،
سينهي ناهي مٿي تي، گهڙو گهڙي تي پچان

سانگ ۾ ڪيترائي قسم هوندا آهن. جن ۾ عورتون عورتاڻن ڪمن ڪارن جا نقل پيش ڪنديون آهن ۽ مرداڻن مامرن تي سانگ وجهندا آهن. مثال طور هڪڙو ڇوڪرو اٿي چوندو "ماما، چاچا مونکي پرڻاءِ" جواب ۾ ٻيو چوندو "زال پوڙهي آهي ڏند به ڪونه اٿس." وغيره.

ڇوڪرو چوندو "ماما مڱيو آهيان، چاچا تڳيو آهيان
سرمي سينگار ڪان ڇتو آهيان
ابا ، زال پوڙهي آهي
ڏندڻ مساڳ ڪان ڇتو آهيان."

ائين سانگ ۾ معاشري جي عيبن جي عڪاسي ٿيل هوندي آهي. سانگ ، غم ، خوشي ۽ مزاح جي ترجماني ڪن ٿا. عورتون سانگ 'جهيڙي کي به چون ، جيئن هڪ عورت ٻيءَ سان لاڳيتو جهيڙو ڪندي ته چيو ويندو، ته فلاڻي سانگ وڌو آهي يا سانگ ڪيو آهي.

سانگ کي سنڌي اوپيرا يا منظوم ڊرامي جي اوائلي صورت چئي سگهجي ٿو. هن ۾ مختلف ڪردار تاثراتي ادائگي جي صورت ۾ ماڻهن لاءِ تفريح جو سامان موجود ڪندا آهن. سانگ گهڻو ڪري مذهبي ڏڻن ، شادين مرادين ۽ خوشيءَ جي موقعن تي وڌا ويندا آهن. سانگ سنڌي اوائلي معاشري ۾ تفريح جو اهم ذريعو هيو. سانگ هنديءَ ٻوليءَ جو لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ مسخري ڪرڻ ، راند ڪرڻ ، ڪل يوڳ ڪرڻ آهي."

پوءِ ڀلا چو نه ، متين حوالي سان هندي ٻوليءَ جي لفظ سانگ کي به سمجهجي. جيڪڏهن هندي ٻوليءَ ۾ سانگ جي بڻ بنياد کي ڳولينداسين ته ، خبر پوندي، ته هندي يا پراڪرت ۾ "سانگ" لفظ "سوانگ" مان نڪتل آهي. جنهن جي معني آهي: بهروپ ڌارڻ ، کيل تماشا ڪرنا وغيره . اهڙي طرح هندي، پراڪرت يا اردو ۾ ان لفظ جون جيڪي ڏنل معنائون آهن، سي مختصرن هيٺين ريت آهن:

"نقل، اداڪاري، بهروپ، تماشه، کيل، ٺٺ، مذاق، ، شعبده بازي ، ڪرتب وغيره."

اهڙي طرح سانگ جي حوالي سان جيڪي عمومي اصطلاح ملن ٿا ، سي ڪجهه هن ريت آهن:

سانگ بنانا، سانگ ڀرنا، سانگ دکانا ، سانگ ڪرنا، سانگ لانا، سانگ مچانا ، روپ ڀرنا، نقل ڪرنا، اداڪاري ڪرنا ، مسخري ڪرنا وغيره.

اهڙي طرح هنديءَ يا پراڪرت ۾ به جيڪا ڪلاسيڪل شاعري موجود آهي ، ان ۾ به مان پتو پوي ٿو ته سانگ لفظ ناٽڪ يا کيل تماشي طورتي استعمال ٿيندو رهيو آهي:

مثلن ڀڳت ڪبير جو هي شعر ته،
هويا جهان ڪوئي "سانگ" تماشا
تني ڪا ، نه نيند ستائي ري

سترهين صديءَ جي هڪ هندي شاعر "سبل سنگهه چوهاڻ" جو هڪ شعر آهي، جنهن ۾ سوانگ جو ذڪر آهي:

ڪهُونر تيه ڪاري ، نچي گاوي
ڪهُو ناٽڪي "سوانگ" دکائي

اهڙي طرح هندي، پراڪرت يا اردو ۾ سانگي لفظ جي معني آهي:

سانگ ڀرني والا، ڀانڊ ، نقال وغيره

پنجابي اردو لغت مرتب و مولف تنوير بخاري ڇپائيندڙ اردو سائنس بورڊ ۾ به سانگ لفظ جي معني ڪجهه هن ريت آهي:

نيزه، ڀالا، آنڪس، سوانگ، بهروپ، ناٽڪ، نقل آواز، هجر، فراق وغيره.

"سانگي" لفظ جي معني وري هيٺين ريت ڄاڻايل آهي:

سوانگي، نقال، نقليا، بهروپيا ، ايڪٽر وغيره

سرائيڪي ۾ به "سانگ" لفظ جي معني جهڙوڪر ساڳي آهي، يعني روپ ڀهروپ، کيل تماشو وغيره. مثلن خواجه فريد جي هيٺين ڪافي جي هن بند ۾ "سانگ" لفظ جو استعمال ڏسو:

تتي تي جوڳڻ چوڌار قران
هند سند پنجاب تي ماڙ قران
سڄ ٻارتي شهر ، بازار قران
متان يار ملر ، ڪنهن "سانگ" سبب

اڄو ته هاڻي سنڌي ٻوليءَ جي لغت ۾ "سانگ" لفظ جي معنائن کي تفصيل سان جاچيون ۽ پنهنجي ڪا راءِ قائم ڪيون:

سانگ 1:
هٿيار جو قسم
ڀالو، ٻڇي، نيزو، ترار، ڪٽاري، نيمچو، ڏڦو، هلڪو ڀالو، ڪانُ، چمٽو، سٽڇ، ترشول، ڪنيو، چوڪو، ڪُسُ، ڀسانگ، ٻيل، ڀيانو وغيره

سانگ 2:
نقل، راسليلا، ناچ، تماشو، کيل، ناٽڪ، کيڏ، بازي، اٽڪل، جوا، روءِ نشو، راند، ، ونڊر، نماءُ، لقاءَ، ڊيڪ، ڊيڪوڪ، نظارو، ناهنوه، پيڪو، ڊيکاءُ، اڊمبر، بهروپ، بهروپي، ويسڌاري، ڊونگ، مڪر، حرفت ڪل يوڳ، چرچو، وغيره.

اهڙي طرح سنڌي محاوره جيئن سانگ بنائڻ، سانگ رچائڻ، سانگ ڪرڻ، سانگ مچائڻ جي معني مسخري وجهڻ، کيل ڪرڻ، تماشو ڪرڻ، ڍونگ رچائڻ وغيره به ڏنل آهي. اهڙي طرح 'سانگي' لفظ جي معني سانگ وارا، مارو ماٺهو، لاڏائو، گهمندڙ، سيلاني، رمتا، خانه بدوش، رولو، ساٿي ، سنگتي، اتفاق سان ايندڙ، مسافر ، پرديسي، بهروپي وغيره به آهن .

پنهنجن صاحب علم دوستن عبدالوهاب سهتي ۽ عنايت ميمڻ سان نجي ڪچهري ڪندي به اها خبر پئي ، ته سانگ لفظ جو سنڌي پهاڪي ۾ به چڱو خاصو استعمال ٿيل آهي، مثلن:

1 چنا چوءِ ڪي ذات، "سانگ" پائي "سانگي" ٿيا.
2 ملان ڪي به "سانگ"، ڏي ڀهارو يا ٻانگ
3 ملان ڪي هڪ سانگ ، جاڏي ٻارهو تاڏي ٻانگ
4 هڪ سيهو، ٻه سانگ

پر حقيقت اها آهي ته اسان جي سنڌي شاعري ۾ به "سانگ" جو ذڪر تمام گهڻو موجود آهي. شاه سائين جي رسالي ۾ اهو لفظ سندس شاعريءَ ۾ ڪيترائي دفعا مختلف معنائن ۾ ڪم آيل آهي. ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا:

لنگ ڪديائون لانگ، موتي ڪن نه مسحو
جا اسلامان اڳي هئي، سا سٽائون ٻانگ
سامي چڙي "سانگ" ، ڳڏيا گورکناٿ کي
(سر رامڪلي)

جڏهن ڪر جاني، سڄڻ "سانگ" سداريا
راتيان راحت ناه ڪو، ڏينهان حيراني
آءُ پنهنجي پرينءَ تان، ڪوڙين قرباني
رضا رباني، نات ڪيم وس وصال ڪي.
(بروو سنڌي)

ڏيا تيل قليل جا ، ٻاريم تائين ٻانگ
ٻولو ڊٿ رهايو، ڪنهن سٽائي "سانگ"
چانگي چڙهي آءُ تون لال ورائي لانگ
ڪوڙين پتين ڪانگ، اڏايام اڇيج تون (سر مومل راڻو)

سچل سائين به ان لفظ کي "سر مارئي" ۾ هن نموني استعمال ڪيو آهي:

پنهوارن پيغام، جيڪر مڪا تڏهين
پر مونڪان اڄ پري ٿيا، ويڙهيچا ورڀام
تيلهان مونڏي نه آيا، ڏنهن سنگهارن سلام
هئا ملير مدام، پر ڪو سانگن اڇي "سانگ "پيو

سچل سائين جي هڪ ڪافي جو هڪ بند ملاحظ ٿئي:

مون ته چيو ته اڳهين، نه تون دل ڦاساءِ
"سانگي" ويڙا "سانگ" تي، پنهنجي "سانگ" سڻاءِ

امين محمد جي ڪافيءَ جون هي سٽون به معني خيز آهن :

سڄڻن جا ساريا "سانگ"، آءُ ويٺي روز رڙان پئي الا
مارن جا ساريا "سانگ."

ماضي قريب ۾، لاڙڪاڻي جي ڪهنه مشق ۽ استاد شاعر نواز علي "نياز" جعفري جي هڪ خوبصورت نظم ۾ سانگ ۽ سانگين لفظن کي پنهنجن ويجهن جي محبت ۽ پوءِ وڇوڙو ڏيندڙن جي علامت ڄاڻائيندي لکيو آهي:

ڪري سانگ سانگي وساري هليا ويا
ٻي ڏينهن هٿ ۾ پي گذاري هليا ويا

جيوٽي ٻائي جي هڪ ڪلام جون سٽون آهن:

"سانگ" ڪري، "سانگين"، ڪئي پرديس تي تياري

"سانگ" لفظ جو ته هونئن ته وسيع معنائن ۾ سنڌي شاعري ۾ استعمال ٿيل آهي. پر جيوٽي ٻائي جي ڪلام ۾ "سانگ" لفظ جو مطلب چٽوپٽو "تماشو، ڪيل، نماءِ، لقاءُ" بيهي ٿو ۽ "سانگين" لفظ جي معني بيهي ٿي: ڪيل ،تماشو ڪرڻ وارا، جيڪي هڪ هنڌ پنهنجو ڪيل، تماشو ڏيکاري وري ٻي جُوءِ ڏانهن وڃڻ وارا. پر ذهن ۾ اهو ضرور رهي ته سنڌ جي اندر "سانگي" ذات جو ان حوالي سان ڪو تعلق ڪونهي . چو ته سانگ لفظ جي معني صرف ڪيل تماشو به ناهي .اهو مون اڳ ۾ به ڄاڻايو آهي ته "سانگ" جي هڪڙي معني هٿيار جو هڪ قسم به آهي. ٿي سگهي ٿو ته اهڙي قسم جو هٿيار رکندڙن کي به سانگي سڏيو ويندو هجي. چو ته سانگي ذات، ابڙا قبيلي جي ڦري آهي. جڏهن ته ابڙا قبيلو راجپوتن جي شاخ آهي ۽ پراڻي دور ۾ هٿيار راجپوتن جي جسم جو، جڻ ته حصو رهيا آهن. ان ڪري ان مناسبت سان قبيلي يا ذات جو نالو ٿي سگهي ٿو.

چا "سانگ" جي حوالي سان ماضي قريب ۾ لاڙڪاڻي ۾ ڪو اهڙو مستند حوالو آهي. جنهن جي بنياد تي چئي سگهجي ته لاڙڪاڻي ۾ سانگ ٿيندو هيو. ان بابت آرٽ ڊرامن جي مشهور هدايت ڪار ممتاز ابڙي ٻڌايو ته "ويهه پنجويهه سال اڳ لاڙڪاڻي ۾ اسٽيج جا مشهور اداڪار يعقوب مڪراني ۽ حاجي بهار خاص ڪري هندن جي شادين مرادين تي "سانگ" وجهندا هيا. انهيءَ سانگ جو تڪيه ڪلام هوندو هيو ، "اسان جون ته ويهون ئي وڃائي ڇڏيوَ !"

ممتاز ابڙي جو چوڻ آهي، "يعقوب مڪراني خداداد صلاحيتن جو مالڪ هيو، جيڪو ننڍا ننڍا سانگ يا خاڪا ٺاهي پيش ڪندو هيو. پر هاڻي ناٽڪ جو اهو قسم لاڙڪاڻي مان ختم ٿي چڪو آهي."

ٿي سگهي ٿو ته "سانگ" اڃا به سنڌ جي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾، ڪي لوڪ فنڪار رچائيندا هجن. پر ان جي پاڻ کي خبر ڪونهي. جيڪڏهن ڪن دوستن کي خبر آهي ته اهي ان کي رڪارڊ تي ضرور آڻن ۽ ان جي وڊيو به ڪن ، ته جيئن اسان به دعواي سان چئي سگهون ته "سانگ" سنڌ جو به قديمي لوڪ ناٽڪ رهيو آهي. چو ته مون ان لوڪ ناٽڪ "سانگ" جي حوالي سان جيڪي به بين الاقوامي ليول جي ڪتابن يا جرنلس ۾ مضمون يا ليک پڙهيا آهن، ان ۾ گجرات، راجستان، هريانه ، پنجاب، اترپرديش، مڌيا پرديش (مالوا) جو ته ذڪر آهي، پر سنڌ جو ڪونهي. آخر چو؟

(هلندڙ)

# شيام جئسنگهاڻي

**ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي**

شيام جئسنگهاڻي سنڌيءَ جو هڪ گهڻ پاسائون فنڪار هند-سنڌ جي ادب ۾ هڪ وڏو نالو. هن جو جنم 12 فيبروري 1937ع ۾ ڪوئيٽا (بلوچستان) ۾ ٿيو هئو، جيڪو هينئر پاڪستان جو حصو آهي. ڪهاڻيون لکيائين. ناول لکيائين، ناٽڪ لکيائين، تنقيد تي به قلم هلايائين ۽ پوءِ شاعريءَ طرف سُري آيو. جيتوڻيڪ نئين ڪوتا جون ڪجهه سگهاريون جهلڪيون، هن جي ناولن ۾ به ملن ٿيون. شيام ستن سالن جو مس هئو، ته ورهاڱو ٿيو. شيام پنهنجي پيءُ سانولداس، ماءُ ڪلاٻائي، پنجن ڀينرن ۽ ٽن ڀائرن سان ڪلياڻ ڪئمپ اچي وسائي. هو 1960ع تائين ڪلياڻ ڪئمپ ۾ رهيو. (هاڻي الهاسنگر) ۽ پوءِ ڪلياڻ ڪئمپ کي الوداع ڪري، چيمبورِ وڃي رهيو. هو زندگيءَ جي پڇاڙيءَ جي گهڙين تائين اُتي رهيو.

شيام ليکڪ نه، پر چترڪار بڻجڻ ٿي چاهيو. پر هو بڻيو ليکڪ. هند-سنڌ ۾ وڏو ناءُ. هن جي Destiny ۾ ليکڪ بڻجڻ لکيل هو. هن کي ماحول ۽ دوست ئي اهڙا مليا، جو هن جي ليکڪ بڻجڻ جو رستو ازخود ٺهندو ويو.

شيام لکڻ جي شروعات هڪ ڪچي ڪوتا سان ڪئي.

هو ننڍو هئو. اسڪول ۾ پڙهندو هئو. هن کي هڪ پپن پري وڻندي هئي. هو لکي لکي هڪ نوٽبڪ ۾ ان پريءَ بابت ڪوتائون لکندو هئو. هڪ طرح اهو هن جي پيار جو پهريون مهاڪاويه هو، جنهن کي صرف هن جي اسڪولي، دوست شاليوا هن آشزئي پڙهيو هو. شيام، اهو نوٽبڪ هميشه تالي بند ٽرنڪ ۾ لڪائي رکندو هئو. اها ٽرنڪ هن جي نانيءَ جي گهر ۾ محفوظ هئي. هن جي نانيءَ جو نالو سکي هو ۽ هوءَ ئي شيام جي پهرين دوست هئي. هوءَ به سندس پرسان ئي ڪلياڻ ڪئمپ ۾ رهندي هئي.

شاليواهن آشر هن جو گهرو دوست هو. هو به شيام سان گڏ نيتا جي هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هو. هو ذهين هو ۽ سٺو گايڪ به هو. هو ننڍي عمر ۾ ئي فڪشن لکڻ لڳو هو. سندس ماءُ به ادب جي شوقين ۽ اپياسي هئي. شاليواهن آشرتي ماءُ جو وڏو اثر هو. اهڙي نموني شيام ۽ آشر ٻئي ادب ڏانهن ڇڪبا ويا. انهن ڏينهن ۾ جڳت آڏواڻيءَ جي 'ڪهاڻي' ۽ تيج پارواڻيءَ جي 'نرگس' جو عروج هو. هو ٻئي انهن رسالن ڏانهن مائل ٿيا. ازانسواءِ اردو ۽ هنديءَ جي معرفت پارتي ادب کان به واقف ٿيندا ويا. ديال آهو جا به انهن ڏينهن ۾ چرچا ۾ هوندو هو. ديال آهوجا، شيام ۽ آشر کي ڪيترن ئي سنڌي ساهتيڪارن کان واقف ڪيو.

شيام ادب ڏانهن سُرندو ويو. شيام چواڻي: "سنڌي ليکڪن جي برادريءَ مان سڀ کان پهرين منهنجي دوستي موهن ڪلپنا سان ٿي. ان وقت سندس پهريون ناول، 'آواره' ديال آهوجا ڇپائي رهيو هو. موهن ڪجيءَ جيان ڏگهو جوان هو. شڪل صورت مان ئي رومانٽڪ لڳندڙ ۽ مان اسڪولي ڪتابن جي ڍير مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ واجهائيندڙ هڪ ئي وقت ٻي انداز ڳالهين کي تهه کان سمجهڻ جي ڪوشش ۾ ٻي آرام نظر ايندڙ مڪي هائوس نينگر. ڇا ته ياري هئي! قد-بت جي ٻن الڳ نقشن جي ئي نه بلڪ هڪ حساس دل فنڪار ۽ هڪ اڻ-گهڙيل ٻي لغام ڪيئين (Worm) جو پاڻ ۾ هڪ لڳاءُ هو. جيئن ۽ جيترو ياد اٿم: موهن ان وقت گهٽو-ٽٽو هڪ نه سمجهه ۾ ايندڙ، اڻ-ڄاتل انوکيءَ دنيا جون ڳالهيون ڪندڙ ۽ سپنا لهندڙ فيلسوف جيان لڳندو هو. موهن سان آخري ودائي ان ساڳي شمشان ڀوميءَ ۾ ٿي، جتي مان اسڪولي زماني ۾ ڪيترائي دفعا رات جو ساڻس گڏجي ويو هوس. فرق صرف اهو هو ته آخري دفعي ڏيهن جو ساڻس گڏ هوس ۽ گني سامتاڻيءَ جو هٿ منهنجي هٿ ۾ هو. موهن ڪانسواءِ اسان مان ڪير به گهمڻ لاءِ نه نڪتو هو. مون موهن جو مستڪ ڇهيو. نه ڄاڻ ڇا ڇا ڪٽي ويو هو پاڻ سان."

پنجين ڏهاڪي جي ڳالهه آهي. شيام جَنِ جي مالي حالت ٺيڪ نه هئي. هو گهٽيءَ جي بلب هيٺان ويهي پڙهندو هئو. هن کي ڪتاب ۽ ڪاپيون خريد ڪرڻ لاءِ به پورا پئسا نه ملندا هئا. شيام کي رف نوٽبڪ، ان جو دوست موهن پنواڻي ڏيندو هو، ۽ اسڪول مان پڇي وڃڻ تي، شيام جا ڪتاب به هو ئي سندس گهر پهچائيندو هو. هو ننڍپڻ کان ئي رولاڪ هئو. شيام ان لحاظ کان بيحد ئي خوشنصيب هئو، جو ڪيس ننڍپڻ کان ئي دوستن جو پيار نصيب ٿيو. مان جيڪر شيام کي سنڌيءَ جو اجات-شترو چوان. هن جو ڪو به دشمن نه هئو ۽ شيام به ڪنهن جو دشمن نه هئو. پڇاڙيءَ تائين هن جو سيني ننڍن وڏن سان پيار ڀريو ورتاءُ رهيو.

شيام چترڪار بڻجڻ ٿي چاهيو. امرتا شير گل، رامڪمار، بيندري، مقبول فدا حسين (M.F.Hussain) جي چترڪاريءَ کان، هو بخوبي واقف ٿي چڪو هئو. پر مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ، مائٽن جي زور بار تي شيام سائنس ۾ داخلا ورتي. پر هو سائنس پڙهي نه سگهيو. هن سائنس ٻي سال ڇڏي ڏني. آخر گهٽن ڏکن ڏومن ۽ آواره گرديءَ ڪانپوءِ، هن ممبئي يونيورسٽيءَ مان ايڪنامڪس ۾ گريجوئيشن ڪئي. ان ڪانسواءِ هن سَرِ جي. جي اسڪول آف آرٽس مان فوٽو گرافي ڪورس ۽ فلم ۽ ٽيليويزن انسٽيٽيوٽ

- شيام جئسنگهاڻي. 9، 8، 7، 6-ساهتڪار-94 مهاراشتر راجيه سنڌي ساهتيه اڪاديمي، ممبئي صفحو 89

،پونا مان Course in script writing and film appreciation ۾ ڪيو. گريجوئيشن ڪانپوءِ شيام ساهتيه اڪادمي، ريجنل آفيس، ممبئيءَ ۾ ملازمت ڪئي ۽ اتان ئي سن 1995ع ۾ اسسٽنٽ ايڊيٽر جي عهدي تان رٽائر ڪيو.

شيام حياتيءَ جا ٽيهه سال پورا ڪري چڪو هئو. هينئر هو زندگي جي پيچرن کان واقف ٿي چڪو هئو. شاديءَ لاءِ پٽس جو زور وڌندو ٿي ويو. ليڪن شيام جي شاديءَ ۾ ڪا ئي دلچسپي نه هئي. هن جي پنجن ڀينرن مان هڪ جي شادي ٿي چڪي هئي، پر گهرو اٽيٽت سبب، هن جي طلاق جون ڳالهيون هلي رهيون هيون. سندن گهر جون مالي حالتون خوشگوار نه هيون، پوءِ به شيام جي پيءُ چاهيو پئي ته هو شادي ڪري. هو شيام جي ڀهرين ناڪام محبت کان به چڱيءَ پُر واقف هو. شيام کي نوڪري به هئي ۽ هو سيني پائر -پينرن ۾ وڌو به هئو. شادي نه ڪرڻ جو، شيام کي ڪو به سبب نه هئو. مائٽيون چالو رهيون. اڪثر موڪل جي ڏينهن يا وقتي مهل ڪهمل اڻجاڻ شخص يا ڪا اڻجاڻ عورت سندس گهر ۾ گهڙي ايندا هئا. ڏاڙهي وڌيل، ڪپڙا منڌل ۽ اُبا سبتا جوراب پاتل، اُهي شيام بابت ڪو به سٺو اميج پاڻ سان ڪٽي نه ويندا هئا. شيام من ئي من ۾ مسڪرائيندو هو. 'جيڪڏهن منهنجا مائٽ مونکي ان طرح بازارو چيز بڻائي رهيا آهن ته مان ڪنهن به طرح سندن اُها مراد پوري ٿيڻ نه ڏيندس.'

شيام جو حياتيءَ سان سنگهرش جاري رهيو. شام تائين آفيس ۾ ۽ پوءِ فري لانس فوٽوگرافي. هن جي خواهش ته ان کيتر ۾ معياري ڪلاتمڪ ڍنگ جي ڪم ڪرڻ جي هئي، ليڪن مالي حالتن جي مجبوري سبب، شيام جي اها خواهش، خواهش ئي بڻجي رهجي ويئي. لاچار ٿي، هن ڪامرشل فوٽو گرافي شروع ڪئي. پنهنجي گهرو مالي حالتن کي سڌارڻ خاطر، شيام شادين، پارٽين جلسن ۽ محفلن ۾ فوٽو ڪڍڻ شروع ڪيا. شيام رات جو گهر دير دير سان اچڻ لڳو. هو هڪ رات گهر تمام دير سان آيو. جهو ٻيچ تي ڪنهن ڪاڪ ٽيل پارٽيءَ جا فوٽا ڪڍندي، هن کي دير ٿي ويئي هئي. سندس پتا شيام جو بي صبريءَ سان انتظار پئي ڪيو. هو بيحد ٽامٽيل چهرو بڻائي ويٺو هو. فوٽوگرافيءَ جي بئگ، شيام جي ڪلهي ۾ ڏسندي به، هو غصي مان چوڻ لڳس. "مونکي ڪجهه ٻڌڻو ڪونهي. تون ڪجهه به ڪر. مان چاهيان ٿو ته تون بنا دير شادي ڪر، هيءُ گهر ڇڏ ۽ پنهنجو گهر وڃي وساءِ. تنهنجي آوارگي هن گهر ۾ وڌيڪ وقت نه هلي سگهندي."

شيام ننڍپڻ کان ئي سياءَ جو ڏاڍو ضدي، بي ڇيو بند هئو. ماءُ، پيءُ جو ڪجهه به نه مڃي، اڪثر پنهنجي هوڏ هلائڻ، هڪ طرح سان هن جي عادت بڻجي چڪي هئي. شيام جو پيءُ اندر ئي اندر بيحد نرم ليڪن ٻاهران نهايت ئي سخت، آدرشي، انتظام پسند، ڌرمي ۽ پراڻن خيالن وارو تعليم يافته شخص هو ۽ شيام شروع کان ئي ڪنهن به گهيري ۾ نه ٻڌجندڙ، اوشواسي، هوڏي باغي رهيو. اڳتي هلي هن ادب ۾ ڪنهن مقرر دائري ۾ پاڻ کي قيد نه ڪيو.

سن 1968ع . هڪ تيجسوري ڪرڻو غئب مان پرگهٽ ٿي، هن جي سموري تن من تي ڇائنجي ويو. شيام ان کي سجاڻي ورتو، گويا هن کي يگن کان ان 'ڪرن' جي تلاش هئي. ڪرن کي پائي، هو ڪجهه وقت سڀ ڪجهه ڀلجي ويو. ڪرن هن جي زندگيءَ ۾ بهار بڻجي آئي. 22 مئي 1968ع ۾ ڪرن سان شاديءَ بعد، هن جي حياتي پٽڙيءَ تي اچي ويئي. ڪرن جي حياتيءَ ۾ اچڻ سان، هن جا خوشگوار ڏينهن شروع ٿي ويا. ادبي مشغولين تيزي پڪڙي. پر هن جو رولاڪ پڻو به قائم رهيو. هن کي گهڻو وقت هڪ هنڌ ٽِڪي ويهڻ هرگز پسند نه هو.

اتي ئي هن جي ويجهائپ هري موٽواڻيءَ سان جڙي.سن 1965ع ۾ شيام جون ٻه ڪهاڻيون "ننگو آسمان" ۽ "پڙاڏا"هريءَ جي ڪونج ۾ شايع ٿي چڪيون هيون. 1968ع ۾ هري موٽواڻيءَ 'هو جمالو' فلم ٺي ڪڍي. شيام فوٽو گرافي ۽ اسڪرپٽ رائيٽنگ جي تعليم اڳ ئي حاصل ڪري چڪو هئو. بس پوءِ ڇا ٿيو، هري موٽواڻيءَ هن کي يونٽ ۾ ملٽيپل جوابداريون ڏيئي، گهر، ٺڙ ئي ڇڏائي ڇڏيو. شيلم هڪ ئي وقت ڪلئپر بواءِ، ڪنٽينيونٽي گرل، اسٽل فوٽو گرافر ۽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر بڻجي ويو.

سن 1960ع وارو ڏهاڪو پارتي ادب ۾ ڪافي هلچل وارو ڏهاڪو هو. هندي ادب ۾ نئين ڪهاڻي زور پڪڙي چڪي هئي. اگيه جي تارسپتڪ[*] تي ڪافي بحث-مباحثا پئي ٿيا. موهن راڪيش ڪمليشور، راجنيدر يادوَ، نرمل ورما. دوڌناٿ سنگهه، رويندر ڪاليا ۽ رميش بخشيءَ جي ڪهاڻين جي هنديءَ ۾ ڪافي روح هيو. تارسپتڪ جي ڪوين. گجانن مڪتيبوڌ، نيمچندر جئن، پارت پوشڻ اگروال، گرجا ڪمار ماٿر، پرڀاڪر ماچوي، رام ولاس شرما ۽ اگييه جون ڪوتاهيون به بحث جو موضوع هيون. مغربي ادب ۾ سارتر، ڪامو، اليٽ، پائونڊ، بڪيٽ، جايس، ڪافڪا، وولف، پئسٽرنڪ، جو جتي ڪٿي ذڪر هو. شيام جي چوطرف فلمن، پاپ ميوزڪ، جئز ۽ چترڪلا جي پُرڪشش وسيع دنيا هئي. ايلوس پرسلي، فرئنڪ سناٽرا، ڪلف رچرڊ، ڪوني فرئنسز کان وٺي لوئي آرم، اسٽرانگ جا بلويز ۽ جئز، جيوڪ باڪسز، بئنڊ، بسٽروز ۽ جئم سيشنس، هئمبرگرس ۽ ايسپريسو ڪافي هن جي ڪشش جا مرڪز هوندا هئا. هن کي فلمن جو به ڪافي شوق هئو. هن پنهنجي بئرڪ جي، ڪوٺيءَ جي پٽ تي چار تصويرون فريم ڪرائي ڪوڪن سان لڳايون هيون. دلپسند فلمي هيرو دليپ ڪمار جو ڪلوز اپ، چيخوف جو پورٽريٽ، امرتا شير گل جو سيلف پورٽريٽ ۽ هنديءَ جي برک شاعر نرالا جو پروفائيل. گريگري پيڪ، مارلن برئنڊو، گارڊنر، آڊري هئپبرن جون فلمون ڏسڻ جو هن تي جنون سوار هوندو هئو. ساڳي طرح نرگس، گيتا بالي، وحيدا رحمان، نوتن، راجڪپور ۽ گرودت جي فلمن لاءِ به ڪريز هوس. گيتا دت، طلعت محمود ۽ سچن ديو برمن هن جا فيوريٽس هئا. هن کي سئيڊس ۽ اٽالين ڊائريڪٽرس انگمار برگمن ۽ مائيڪ انجيلو انٽنو تيوني جي فيسٽيولس جو به بي صبريءَ سان انتظار رهندو هو. چترڪلا ۾ سباوالا، سوزا، پايني ۽ گائتو ندي سان گڏ حسين جي نون تجربن ڏانهن به هن جو ڌيان ويندو هئو. ستيه جيت ري کان وڌيڪ رتوڪ ڪهڪٽ جون فلمون، هن کي وڻندڙيون هيون.

انهن ڏينهن ۾ شيام کي ائبنارمل شخص پاڻ ڏانهن وڌيڪ ڇڪيندا هئا. هو سوچڻ لڳندو هئو ۽ بعد وري حياتيءَ ۾ به هو اڪثر سوچيندو رهيو ته ڪلاڪار نارمل ڇو نه هوندا آهن يا نارمل طرح سان سندن سياءُ ۽ هلت ڇو نه هوندي آهي؟ لگن، جُنون، ڪجهه الڳ ڪري ڏيکارڻ واري مراد ۽ مقصد کي سمجهي سگهي ٿو. هڪ الڳ قسم جي مئٿميٽڪس چواڻي:

'ڪوي نرالا (هنديءَ جو برک شاعر) سموري زندگي ڪشمڪش ڪندي دماغي توازن وڃائي به سرجڻ نه ڇڏيو. چيخوَ ڊاڪٽري پيشي ۾ دلچسپي نه وٺي ساهت ۾ پاڻ کي نمايان ڪري ڇڏيو. ساحر لڌيانوي صرف شاعريءَ ۾ زنده رهيو ۽ شاعريءَ ۾ مري ويو. داستو وسڪي زندگيءَ جون ذلتون سهندي به لکڻ جي پچر نه ڇڏي، ڦاسيءَ جي سزا کان بچي هن سائبيريا جيل ۾ 'دي هائوس آف دي ڊيڊ' لکيو. گنٽر گراس جرمنيءَ کان هزارين ڪلو ميٽر دور ڪلڪتي جي گندين بستين ۾ رهي 'ڪالي' تي ناول لکيو. عورت جي بنيادي فطرت، واسنا ۽ ترپتيءَ سان وابسته ۽ سنڌل سوالن جا جواب ڳولهڻ جي ڪوشش ۾ ڊارس ليسنگ پنهنجي نجي ڊائريءَ ۾ کي ناول جو روپ ڏيئي 'گولڊن نوٽبڪ' پيش ڪيو. تڪشي شو شنڪر پلئي ڪيرل جي دور دراز ڳوٺ ۾ گهڻو ٽٽو زندگي نشي ۾ گهاريندي به هڪ کان وڌيڪ شاهڪار لکيا. جيمس جايس 'ڊبلن' شهر جوڙيو ۽ 'يوليسز' ۾ ان شهر ۽ شهر واسين جي جاگرافيءَ جي سنڀال ڪندو رهيو. سبيميوئل بڪيت اهڙي ٽرالاجي لکي، جنهن جي نقل ڪرڻ جي ڪوشش اڄ تائين ڪو به نه ڪري سگهيو آهي. سريش جوشيءَ اڪاديمي انعام ٺڪرائي ڇڏيو ۽ جيڪي چاهيو سو ئي لکيو. موهن ڪلپنا آخري گهڙيءَ تائين زندگيءَ کان آڻ نه مڃي، نه ئي هٿيار ڦٽا ڪيا.'[*]

شيام جو ادب ۾ هڪ وڏو سفر رهيو. ان سفر ۾ هن جي تلاش جاري رهي. تلاش زندگيءَ کي ڏسڻ جي، ان کي الڳ الڳ ڪنڊن کان جاچڻ جي، انکي سمجهڻ جي زندگي جا اڄ جي زندگي آهي، جيڪا اسين جيئون پيا. سا زندگي، زندگيءَ جي هر سرحد تي: جنگ جي احساس، تهذيب جي ماڻن جو ٽٽڻ يا بدلجڻ، رشتن جو برف ٿيڻ، اڄ جي زندگيءَ مان پيدا ٿيل بي احساسي، ڍونگ، فريب، انسان جي بنيادي ڀاونائن ڏانهن بي رخيءَ جهڙن ويچارن جو اظهار، هن جي ادب ۾ ڇتي انداز ۾ ٿيل آهي. هن روايت جي بي معنيٰ ڌهراءَ کان هٽي، اخلاقي يا آدرشي نقط نظر کان بلڪل ئي بي نياز بڻجي، جيون-ملهن کي نئين صورتحال ۾ فنائتو اظهار ڏنو آهي. هن جو گهرو اپياس ۽ احساس جي شدت، سندس زبان ۽ انداز بيان ۾ نرالپ کٽي اچي ٿي،

[*]Taarsaptak (poems) Edited and Compiled by AJNEYA Bhartiya Jhanpith publication, second edition 1996

[*] شيام جئسنگهاڻي: 9، 8، 7، 6- ساهتيڪار-94 مهاراشٽر راجيه سنڌي ساهتيه اڪادمي صفحو 92

dfafdas



جا شيام جي نجي سچاٽپ ٻڌجي پوي ٿي. الڳ الڳ قلمڪارن جي اظهاريل ويچارن، نڪتن ۽ هوشمنديءَ مان هن جي عالمگير سطح تي، ٻين ٻولين جي عالمن ۽ اديبن جو مطالعو صاف جهلڪي ٿو. هو پاڻ تي ڪنهن به فلسفي، منوگيان، منطق يا آدرش جو نسخائي تهه چاڙهڻ پسند نٿو ڪري. هو هڪ هنڌ Henry Cartier Bresson جا الفاظ ڪوٽ ٿو ڪري. I have neither a message nor a mission. I have a point of view

هن جي لکڻين ۾ وزن آهي، وڪڙ آهن. تجربن ۾ سندس وشواس آهي. شيام چوي ٿو، ائڊوينچر يعني للڪار يعني جيئڻ جي ڪسوٽي!! هيترو سارو ادب لکڻ ڪانپوءِ به هن کي دلجاءِ نہ ٿي. هو هڪ هنڌ چوي ٿو:

'مون جيڪي ڪجھ چاهيو ۽ سوچيو آهي اهو اڪثر لکي نہ سگهيو آهيان. ڪهاڻيءَ ۽ ناول ۾ تہ بلڪل ئي نہ. جيڪي بہ لکيو اٿم، لکڻ بعد پنيان نهارڻ نہ چاهيو اٿم. ان کي اُتي ئي ڇڏي، وڏي وڃڻ چاهيو اٿم. بلڪل ان ڏاڙٽا جيان تہ، ڪنهن بہ سناتني رولاڪ کي زمين جي ساڳئي حصي کي ٻہ دفعا لتاڙڻ نہ ڪپي.'

هڪ ٻئي هنڌ لکي ٿو:

"تازو هوا پائڻ لاءِ جڏهن جڏهن مان ڪنهن پاور فل پنچ يا ڪِڪ لاءِ موڊ کي تيار ٿيل ڏسندو آهيان تہ دوست وسڪيءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن رچنا کي ڪٽي جتان بہ ايندو آهي، پڙهڻ شروع ڪندو آهيان، لڳندو آهي ڄڻ هو مونکي ئي چئي رهيو آهي. 'پاڻ کي گوشي نشينيءَ (Isolation) ۾ بند نہ ڪر، پر ڪرتيءَ کي پاڻ سونپڻ، مٿي اچ-چاهي ٿورو ئي سهين، ٻاهرين دنيا ۽ ٻاهرين چيزن سان مخاطب ٿيءُ.'

سال 2009ع سنڌيءَ لاءِ سياڳو سال ناهي. هند ۽ سنڌ جا ڪيترائي ساهتيڪار ۽ فنڪار هڪ ٻئي پٺيان راه رباني وٺي ويا. شيام جئسنگهاڻي بہ آرتوار 22 مارچ 2009ع تي، هن فاني دنيا کي ڇڏي رب ڏانهن روانو ٿي ويو. 19 جون 1991ع ۾ ڪرن جي گذاري وڃڻ ڪانپوءِ، شيام اڪيلائپ جي پيڙا ڀوڳي جنهن هن کي نهوڙي ڇڏيو. شيام کي ڪو پنهنجو اولاد بہ ڪي نہ هئو. پر سندس مائٽياڻيءَ مينا جڳيتاڻيءَ (شادي ڪانپوءِ جيشما سامتاڻي) هن جي ماءُ جيان پرگهور لڌي. شيام هن جي ماسيءَ جو گهوٽ يعني ماسڙ هئو. مينا شاديءَ بعد سينگاپور هلي ويئي پر پوءِ بہ سندن رشتو قائم رهيو. شيام ٽي ٽي مهنا هن جي گهر سينگاپور ۾ وڃي رهندو هئو. مون سان بہ شيام مينا جو ذڪر ڪيترائي دفعا ڪيو هئو.

شيام زندگيءَ جا پويان سال، لاعلاج بيمارين ۾ ڏاڍا ڏکيا گذاريا. Wheel chair تي بہ رهيو. هو لا علاج بيمارين سان لڙندو رهيو، پر هار قبول نہ ڪئي. شيام جئسنگهاڻي اڪثر ارنينسٽ هيمنگويءَ جي ناول Old man and the sea جو ذڪر ڪندو هئو، ان جي ٻڍي مهاڻي نائڪ جو ذڪر ڪندو هئو. چوندو هئو:

The man canbe destroyed, but not defeated ۽ سچ پچ شيام بہ بيمارين جي باوجود شڪست قبول نہ ڪئي. وهيل چيئر تي هئو، ڪيس ڳالهائڻ ۾ تڪليف ٿيندي هئي، پوءِ بہ جڏهن ممبئيءَ ۾ هوندو هئو، رات جو فون ضرور ڪندو. "منهنجو صاحب ويٺو. آ؟" ڪيترو نہ لڪل درد هوندو هو، انهن لفظن ۾! هڪ ازغئبي طاقت ڪانئس اهو سڀ ڪرائيندي هئي.

شيام جئسنگهاڻيءَ ويٽا پبليڪيشن جي Book Release جي لڳ ڀڳ سيني جلسن ۾ شرڪت ڪئي. پويون پروگرام، جنهن ۾ هو شامل ٿيو هئو، سو هو يوٿ سرڪل الهاسنگر ۾ 27 آڪٽوبر 2007ع تي منهنجي لکيل ڪتاب، 'ايم، ڪمل جي شاعري' جو مهورتي جلسو، ڪتاب جي رونمائي ڪندي، شيام جيڪي لفظ چيا هئا. سي اڄ بہ منهنجي ذهن ۾ ٻُرن پيا: 'اڄ جي مبارڪ محفل ۾ پروفيسر هيرو شيوڪاڻي ۽ ڊاڪٽر لڇاڻيءَ جهڙا قابل استاد ويٺا آهن، جن مونکي ٻو سڀ ڪجھ تہ سيکاريو پر ڳالهائڻ نہ سيکاريو، ان ڪري اڄَ ڪمل صاحب تي لکيل بي مثل ڪتاب جو مهورت مون کان ٿو ڪرايو وڃي. حضرت ڪمل صاحب اڄ هند ۽ سنڌ جو ممتاز ۽ اول نمبر شاعر آهي. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ جنهن طرح جدت اُڀري ۽ اوج تي آئي آهي، ڪمل صاحب شاعريءَ ۾ ان طرح ئي جدت سان جڙيل سينسيبلٽيءَ کي ڪمال بلنديءَ تي چڪي ويو آهي. ڊاڪٽر جگديش لڇاڻيءَ مونکي هن ڪتاب جي آف پرنٽ نظر مان ڪڍڻ لاءِ موڪلي، تڏهن مون ڪيس پڙهي چيو تہ 'مان پٽ تي تہ ڊانس نٿو ڪري سگهان پر پنهنجي صحت جي مد نظر بستري تي نچي سگهان ٿو.'

اڄ شيام جسماني طور اسان وٽ ڪونهي. پر چوندا آهن لفظ ڪڏهن مرن نٿا. شيام پنهنجين ڪهاڻين، ناولن ۽ ڪوتائن ۾ اسان سان گڏ آهي. هن جيڪا فڪري روشني ڦهلائي آهي، ان جي لاٽ اجهامڻ جي ناهي. اڄ بہ منهنجي ڪنن ۾ شيام جا لفظ ٻرن ٿا: 'منهنجو صاحب ويٺو آهي.' پوءِ مان ڪيئن چوان تہ شيام اسان وٽ ڪونهي. هو اسان وٽ آهي، آهي.



# غزل

## پونم سنڌو

مون مٿان آسمان ئي ڪونهي
ڄڻ تہ منهنجو جهان ئي ڪونهي
هيڪلائي ۽ بي ڪسي جو دور
ٻاجھ جو آستان ئي ڪونهي
جند صحرا ۾ ڀٽڪندي گذري
ڪو نظر ۾ مڪان ئي ڪونهي
سنگريزن ۾ عمر گذري آھ
ڦول جهڙو گمان ئي ڪونهي
مون لڳاتار آهي ٻاڪاريو
سڏ ورنائي، خان ئي ڪونهي
سنڌ اندوه ۾ گرفتار آه
سک جو هلڪو گمان ئي ڪونهي
ڪير 'پونم' کي هاڻي سارينڌو
اڄ چڪورن ۾ جان ئي ڪونهي.

# سنڌ جو ترانو



## ور وري اي مورڙا...

### ج.ع.منگهاڻي

هر گهڙي هر پل نڪوري وارتا
سنڌ جيجل جي ڪيان ڪهڙي ڪٿا

ماءُ جهڙا پٽَ ڀي وڪٽيو ڇڏين
ڪيترو هلندا اهي ڪوڙا سڪا

سمنڊ، دريا حيرتن ۾ ٿا هلن
ٻيٺ ڀي ڦريو وڃن ٿا چاڙتا

ناز سان تون ڇوڪرين جيئن ٿو هلين
مرد جهڙي چال ڪا سک ٻالڪا

لوھ جهڙا لڳ ۽ ڇاتيون ڇپر
سنڌ جي اهڙي سچاٽپ آھ ڪا؟

وقت ڪهڙا سنڌ سان هاڃا ڪيا
تون، نہ ڄاڻين وات ڳاڙها ڇوڪرا

سچ کي تاريخ ظاهر جي ڪيو
پاڻ ڏسجو سنڌيت جا سوجهرا

ڳاٽ اوچي ساڻ اڄ بہ سنڌڙي
سرخرو آهي ابد کان انتها

تون نہ ٿو ڄاڻين سگهين ڏوتا ڪڏهن
هن مٽيءَ جا معجزا ۽ ڪرشما

واءُ ورندو نيٺ پنهنجي مرڪ جو
ايئن نہ هنجون هار موهن جا دڙا

حيرتن ۾ ويڙهجي مڪلي وئي
هاءِ هيڏا وقت جا ڦيرا ٿيا

ڏس ڪراچي وينتون پيئي ڪري
وَرُ ڪراچي ڏي وري تون مورڙا

شاھ کي سڏ ڏي ڪلهوڙا جانشين
ريت ڪهڙيءَ تو وڃن پاريا نہ ها

موٽ ڏيو، ڪيئن سنڌڙي کي مات ٿي
چچ، ڏاهر، سومرا، او ڙي سما

ڪيئن رهندا ڳل-ڳوڙها سنڌ جا
ڪو منگهاڻيءَ کي اچي ڏي آسرا

# اسٽيل جا پنج گلاس...



**اسٽيل جي ڪوڪن** سان پٽ ۾ تختو هٽي ان تي ڇهه گلاس ائين سينگاري رکيا ويا جيئن نئون وقت شروع ٿي چڪو هجي. سانوڻ جا مينهن وسيا هجن، سنڌو ڪنارن تائين گجگوڙ ڪري وهندو هجي ۽ ٻنين ۾ رونبي ڪانپوءِ سارين ۾ نوان چانور جوانيءَ ڪان ڦاٽ ڪائي ٻاهر نڪرڻ جي تياري ڪندا هجن. بابي نئين گلاس ۾ پاڻيءَ جو ڍڪ پريندي چيو:

”شڪر آهي جنگ ختم ٿي، گلاسن جو مقدر آهي ڀڄڻ ۽ ٽڪر ٿيڻ.“

مون کي بابي جي ڳالهه تي حيرت ٿي.

”پر بابا ملڪن ۽ گلاسن ۾ ڪجهه ته فرق هوندو؟“. مون چيو

”پٽ جيڪي ملڪ گلاسن جيان هوندا آهن ضرور ڀڄندا آهن. ان ۾ حيرت جي ڳالهه نه آهي.“

”پر ملڪ گلاسن جيان ڪيئن هوندا آهن؟“ مون وري پڇيو.

”دنيا ۾ ڪي فيڪٽريون ملڪ ٺاهينديون آهن ۽ اهي ملڪ وڪري لاءِ هوندا آهن.“ بابي چيو.

مون کي بابي جي ڳالهه سمجهه ۾ آئي ۽ چيم، ”پوءِ اسٽيل جا گلاس؟“ ”وفادار هوندا آهن“. بابي چيو، ”تڏهن ته چوندو آهيان اسٽيل جي گلاسن هوندي شيشي جي گلاسن جو ڪهڙو ضرور آهي؟“

مون بابي کي ڏک جي خبر ٻڌائي.

”توهان کي اهو ٻڌي افسوس ٿيندو ته اسٽيل جي پنجن گلاسن مان هڪ گلاس چوري ٿي چڪو آهي.“

بابي کي ڪو ڏک نه ٿيو.

”مون کي خبر آهي“ هن چيو ”شل اسين باقي بچيل اسٽيل جي چئن گلاسن جي حفاظت ڪري سگهون.“

تن ڏينهن ۾ آئون سياسي طرح باشعور ٿي چڪو هيس. جڏهن نائين ڪلاس ۾ پڙهندو هيس ته مون پهرين ڪهاڻي لکي جنهن جو نالو هيو ’خضاب‘ جيڪا هڪ پوڙهي جي ڪهاڻي هئي جيڪو حجم ڪان وار نهرائي ٿو ۽ اڱيان ڪرندڙ اڇن وارن کي ڏسي ان جا جيڪي احساس آهن مون انهن کي چٽيو هيو. ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ اهو ڪردار سوچي ٿو ته اڇن وارن جو حل خضاب آهي. مون اها ڪهاڻي مسُ سان لکي هئي جنهن جا پنا مينهن ۾ ڪارا ٿي ويا.

انهن ڏينهن خبر پئي هئي ته جي ايم سيد سکر ايئرپورٽ تي اچي رهيو آهي. مان به ان جلوس ۾ شامل ٿي ويس جيڪو سکر ايئرپورٽ جي ايم سيد جو استقبال ڪرڻ وڃي رهيو هيو. جڏهن نئين ڳوٺ وارو ڦاٽڪ ٽپياسين ته ماڪن واري ڳوٺ ڪان ٻنيون شروع ٿي ويون. سيني کي ڏاڍي بک لڳي هئي. ٻنين ۾ گوبيون ۽ گوگڙو پوڪيل هيا. سڄو جلوس ٻنين ۾ ڪاهي پيو، سيني گوبيون ۽ گوگڙو ڪائي ڍوَ ڪيا. پريان ويچارا هاري ڏسندا رهيا، ان ڪري ويجهو نه آيا ته متان جلوس وارا نقصان نه پهچائين. جڏهن ايئرپورٽ پهتاسين ته سيني کي قطار ۾ بيهاريو ويو. جي ايم سيد آيو، ان واري اچڻ تي سيني سان هٿ ملايو. جي ايم سيد سان هٿ



ڊاڪٽر رسول ميمڻ

ملائڻ وقت مون محسوس ڪيو. سائينءَ جو هٿ ڪپهه ڪان به نرم هيو. اهڙو نرم هٿ منهنجي تجربي ۾ نه آهي.

ون يونٽ وقت سائين جي ايم سيد جو نانءُ سنڌ جي لکيل پڙهيل ۽ دانشور طبقي جي زبان تي ائين هوندو هيو جيئن ٻُسريءَ ۾ ڳڙ. سائين جا لکيل ڪتاب هٿئون هٿ وڪامي ويندا هيا. اسان نوجوان هڪ ٻئي ڪان پڇندا هياسين ته ”سائينءَ جو ڪتاب جيئن ڏنو آهي مون پڙهيو ٿي؟“

جيڪڏهن ڪو ائين چوندو هيو. ”اڃا نه پڙهيو آهي.“

ته ڪيس چيو ويندو هيو.

”معنيٰ ته ڪجهه ڏٺو ٿي، نه پڙهيو ٿي.“

سنڌ جي اها بدقسمتي آهي جو ڀٽو ۽ سيد ساڳي دور ۾ هيا. اڳتي پوئتي ٿين ها ته ڪو ڪڙتيل نڪري پئي سگهيو. جيڪڏهن ساڳئي دور ۾ ڀٽو نه هجي ها ته بنگلاديش جي آزادي ڪانپوءِ سنڌ الڳ ٿي پئي سگهي، پر ڀٽي صاحب جو رهيل پاڪستان بچائڻ ۾ وڏو ڪردار آهي. هن سنڌ ۾ قومپرستيءَ کي ڪچلڻ ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏي. جي ايم سيد جو اثر لکيل پڙهيل طبقي تائين محدود رهيو جيڪي تعداد ۾ گهٽ هيا. ڀٽي جي شخصيت عام ماڻهوءَ ۾ اندر داخل ٿي وئي. هاسٽلن ۾ رهندڙ هر شاگرد جي ايم سيد جو مداح هيو. ان جي ديومالائي شخصيت هر ڪنهن جي چپن تي هوندي هئي. اهي سيد بابت ڪوڙيون سچيون ڳالهيون ٻڌائيندا هيا. تنهن وقت ڪنهن شاگرد ٻڌايو هو ته، ”شيخ اياز سائين جي ايم سيد کي زور ڏيندو آهي. هڪ دفعي سائين سمهيو پيو هيو ۽ شيخ اياز ڪيس ڄنگهن تي زور ڏئي رهيو هيو. ٻئي ڪنهن ڳالهه تي بحث ڪري رهيا هيا. جي ايم سيد، شيخ اياز سان متفق نه ٿيو ۽ هن کي اهڙي لت هنيائين جو پري وڃي ڪريو. جيئي سنڌ جو صدر رمضان سنڌي جيڪو ڊاڪٽر ٿيڻ ڪانپوءِ فوج ۾ ڪيپٽن ٿيو ۽ هاڻي برگيڊيئر آهي. اهو ڪاڇي ۾ رهندو هيو ۽ سن وڃي جي ايم سيد جي حاضري ضرور ڀريندو هيو، تنهن جي ايم سيد جي سُرمي ۽ سرائيءَ جو لطيفو ٻڌايو هيو جيڪو لکڻ مناسب نه ٿو سمجهان. سندس چوڻ هيو ته، ”سائين پرمزاح شخصيت جو مالڪ هيو. هو ڪاوڙ ۾ به اهڙي ڳالهه ڪندو هيو جو ٻڌندڙ جي چپن تي مرڪ اچي وڃي.“ سٺ ۽ ستر واري ڏهاڪي ۾ جيئي سنڌ جو عروج هيو. تنهن وقت ان تحريڪ جا ڪارڪن سلجهيل ۽ سچا هيا. مون کي ياد آهي رمضان سنڌي ٻئي سال ايم بي بي ايس ۾ ٽي دفعا ناپاس ٿيو. هن جو سال ضايع ٿي ويو. رمضان پاس ٿيڻ لاءِ تحريڪ کي استعمال نه ڪيو. هن محنت ڪئي ۽ پوءِ اڳتي ڪامياب ٿيو. تڏهن اڃا سنڌ پيپلز اسٽوڊنٽ فيڊريشن جو بنياد نه پيو هو. ان فيڊريشن ڪانپوءِ سنڌي شاگرد ورهائجي ويا ۽ انهن ۾ ويڙهه شروع ٿي وئي.

چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي جي پهرين شاگرد يونين جي چونڊن ۾ سنڌي شاگردن جا ووٽ ورهائجي ويا ۽ اسلامي جمعيت طلبا کٽي وئي. ڀٽي صاحب جي اقتدار ۾ سندس شهر مان جمعيت جو کٽڻ هڪ وڏي ڳالهه هئي؛ مان جيئي سنڌ پاران واحد اميدوار هيس جنهن يونين ۾ مئگزين سيڪريٽري جي پوسٽ کٽي. مون ڊاڪٽر ثناءُ الله ڪوڪر جي مدد سان يونين جي پهرين مئگزين آندي. جنهن جو نالو ”موهن جو دڙو“ مئگزين هيو. جيئن ته اها سرڪاري مئگزين هئي، ان ۾ جي ايم سيد جو پيغام ته نه اچي سگهيو پر ان وقت جيڪي اقتدار جي ايوانن ۾ هيا انهن پنهنجا پيغام شايع ڪرائڻ لاءِ موڪلي ڏنا. انهن ۾ ڀٽي صاحب جو پيغام به شامل هيو، جنهن جا هٿ اکر مون وٽ محفوظ آهن.

لاڙڪاڻي ۾ مون ويهه سال گذاريا. اٺويهه سوَ ٻاهتر ڪان اٺويهه سوَ ٻيانوَي تائين. شاگرديءَ جي زماني ڪانپوءِ مان اتي ئي ميڊيڪل ڪاليج ۾ ڊيمانسٽريٽر مقرر ٿيس. مون ڀٽي صاحب کي ويجهي ڪان ڏٺو. جڏهن ڪجهه شاگردن کي گرفتار ڪيو ويو ۽ هڙتال ڪري ڪاليج پندرهن ڏينهن بند رهيو ته ڀٽي صاحب دل تي پٿر رکي جمعيت جي ان يونين کي پنهنجي سامهون برداشت ڪيو پر تنهن هوندي به ڳالهائڻ وقت سندس منهن تي مرڪ ۽ شفقت هئي. هن ڳالهه ٻڌڻ ڪانپوءِ رڙ ڪري پنجل ايس پيءَ کي گار ڏني.

”اڙي پنجان پيڻ جا... شاگردن کي ڇڏ.“

پنجل ڪجهه ڪڇي نه سگهيو. هيٺ ڪنڌ ڪري چيائين، ”حاضر سائين.“

ان وقت سڀ شاگرد آزاد ٿيا ۽ ڪاليج کلي ويو.

مون لاڙڪاڻي شهر ۾ ايران جي شهنشاهه جو استقبال ڏٺو. زندگيءَ ۾ ايڏا ٽمڪندڙ بلب اڄ ڏينهن تائين نه ڏٺا آهن جيڪي ان رات لاڙڪاڻي جي روڊن تي ڏٺا. روڊن تي بيٺل بيدمشڪ جا ڊگها وڻ پنهنجي اوچائين تائين ٽمڪندڙ بلبن سان سينگاريل هيا. هر هنڌ جنريٽر هلي رهيا هيا ۽ امن امان جي صورتحال بهتر هجڻ ڪري روڊن تي ڪا به سيڪيورٽي نه هئي. المرتضيٰ ۾ اندر وڃي ته نه سگهيس پر خبر پئي ته اتي اداڪارا ممتاز آيل آهي ۽ اڄ رات ڀٽي صاحب ۽ ايران جي شهنشاهه اڳيان ناچ پيش ڪندي. اها ساڳي رات هئي جڏهن حبيب جالب مشهور شعر لکيو هو.

لاڙڪاڻي چلو
ورنا ٿاڻي چلو
اپني هونٽون کي هنسي
لٽاني چلو
لاڙڪاڻي چلو،

لڪ شابس آهي حبيب جالب کي خرچ به ڀٽي صاحب جو ڪائيندو هيو ۽ لکندو به ان جي خلاف هيو.

ٻڌڻ ۾ ايندو هيو. جڏهن پيٽو صاحب ايران جي دوري تي ويندو هيو ته شاهه کيس ست سوَ سال پراڻو شراب پيئاريندو هيو. چون ٿا رکيل شراب ۾ نشو ڏينهون ڏينهن وڌندو ويندو آهي. جيئن پوڙها انب پوکيندا آهن ۽ چوندا آهن ”انهن جا انب اسان ته کائي نه سگهنداسين پر اسان جا پويان کائيندا“.

ائين شايد بادشاهن جا وڏا به شراب جا مٽ ڇڏي ويندا هوندا ۽ چوندا هوندا ”جيئن اسان پنهنجن وڏڙن جو ست سوَ سال پراڻو ڇڏيل شراب پيتو آهي، ائين اسان هي پريل مٽ انهن لاءِ ڇڏيو وڃون ٿا جيڪي ست سوَ سال کانپوءِ انهن جو ڍڪڻ لاهيندا“.

خوشنصيب هيو پيٽو صاحب جنهن کي عظيم شهادت نصيب ٿي ۽ ان جيئري ست سوَ سال پراڻي شراب جا ڍڪ پريا، پر ان رات المرتضيٰ ۾ پيٽو صاحب شهنشاهه کي ايڏو پراڻو شراب پياري نه سگهيو هوندو ڇو جو پاڪستان جو پراڻو شراب ڏپ ڪري ويندو آهي ۽ پيئڻ سان ماڻهو بيهوش ٿي اسپتالن ۾ گذاري ويندا آهن.

سائين جي ايم سيد جو اهو سمورو عرصو جيل ۾ گذريو ۽ ان کانپوءِ جيڪو حڪمران ايندو رهيو ائين چئي سيد کي جيل ۾ رکندو هيو ته ”اهو اسان کي پهرين حڪمرانن کان تحفي ۾ مليو آهي“.

ميرن جي ان لطيفي وانگر ته ڪو عالم ڪوٽڏيجيءَ جي قلعي جو مطالعو ڪرڻ اندر ويو ته کيس قيدي سمجهي جيل ۾ واڙي ڇڏيائون. ان گهٽيون رڙيون ڪيون ته ”مان قيدي نه عالم آهيان، جيل جو مطالعو ڪري مقالو لکڻ پئي چاهيو“.

هن جي ڪنهن نه ٻڌي. اهو ڪيئي سال قلعي ۾ قيد رهيو. جڏهن مير صاحب گذاري ويو ۽ سندس ولي عهد تخت تي ويٺو ته اهو هڪ ڏينهن قلعي اندر جيل جي دوري تي ويو. جڏهن عالم ڏٺو ته وقت چڱو آهي مير صاحب کي دانهن ڏيان. مير صاحب ڏانهن ان وٺ پهتو ته عالم چيس. ”مير صاحب مان بي ڏوهي آهيان. قلعي جو مطالعو ڪرڻ آيو هيس ته غلطي سان ڪيترن سالن کان بيگناهه سزا ڀوڳي رهيو آهيان. مون تي رحم ڪيو ۽ جيل کان ٻاهر ڪڍو“.

مير صاحب جڏهن جاچ ڪئي ته کيس اهو واقعي بيگناهه نظر آيو. سندس اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا ۽ روئيندي چيائين ”بيشڪ آهين ته بي ڏوهي پر توکي جيل کان ڪيئن ڪڍان. تون ته منهنجن وڏڙن جي نشاني آهين“.

سو جي ايم سيد به زندگي جي آخري ساهه تائين حڪمرانن جي وڏڙن جي نشاني طور جيل ۾ رهيو. لاڙڪاڻي ۾ شاگرديءَ جي زماني ۾ هڪ ڪارڪن اچي لفافي ۾ جنهن جي قيمت ڏهه روپيا هئي، سائين جي ايم سيد جا چار فوٽو وڪڻي رهيو هيو. اهو تحريڪ لاءِ فنڊ ڪٺو ڪرڻ جو طريقو هيو. سائين جا اهي چار فوٽو ڪنهن ڪنهن بيڪار ڪيمرا سان قابل اعتراض حالت ۾ نڪتل هيا، جيڪي ڪنهن ردي پريس مان ڇپرائڻ ڪري ڏنڌلڪا ۽ غير واضع هيا. انهن ۾ ڪنهن بيوقوف ڪيميرامين سائينءَ جا فوٽو ڪنهن دانشوراڻي انداز ۾ ڪڍڻ بجاءِ فلمي انداز ۾ ڪڍيا هيا ۽ ڏسڻ سان سندن سٺو اثر نه پئجي رهيو هيو. مون ان ڪارڪن کان اهي چار فوٽو خريد ڪيا پر ڦاڙي ٽوڪريءَ ۾ ڦٽي ڪيا. اها سائينءَ جي وڏي توهين هئي جيڪا مون کان برداشت نه ٿي. ون يونٽ کانپوءِ اڻويهه سوَ پنجاسيءَ تائين سنڌ ۾ قومپرستيءَ جو عروج هيو. سنڌي اڳواڻ ان بحث ۾ رڌل هوندا هيا ته سنڌ جي آزادي ڪهڙي نظريي تحت ٿيڻ گهرجي. اها قومپرست تحريڪ ذريعي ممڪن آهي ۽ سوشلسٽ تحريڪ ذريعي يا نيشنلسٽ سوشلسٽ انقلاب ذريعي؟. اهڙن بحثن جو مرڪز عام ماڻهو نه پر شاگرد هاسٽلون هونديون هيون يا دانشور طبقو هوندو هيو، جنهن ۾ ان وقت جا وڏا اديب ۽ شاعر به شامل هيا، جن قومپرستيءَ کي پنهنجين لکڻين ۾ فوقيت ڏني. وڏيري جي ڪردار کي ننديو ويو ۽ هارين جي حقن جي ڳالهه ڪئي وئي. پيٽي صاحب جي ڦاسيءَ کانپوءِ مون ائين محسوس ڪيو سنڌ هڪ سال اندر آزاد ٿي ويندي پر ائين نه ٿيو.

اڻويهہ سوَ ٽياسيءَ ۾ ايم آر ڊي جي تحريڪ کانپوءِ جنرل ضيا سنڌين جون همدرديون حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو. هن محمد خان جوڻيجي کي وزيراعظم بڻايو، جنهن جي اچڻ کانپوءِ سنڌ ۾ هڪ واضح تبديلي آئي. ماڻهن کي نوڪريون مليون، ترقياتي ڪم ٿيا ۽ حيرت انگيز طور اظهار جي آزاديءَ جي ان حد تائين اجازت ڏني وئي جو ان جو مثال نه پئي نظر آيو. پيٽو صاحب پل سنڌ لئي سون هجي پر اظهار جي آزاديءَ جي حوالي سان سندس دل پٽل جي هئي. مون کي ياد آهي جنرل ضيا جڏهن سکر جي دوري تي آيو هيو ته خيرپور جي هڪ وڏي شاعر وفد وٺي ان سان ملاقات ڪئي هئي. ان ملاقات ۾ لاڙڪاڻي ۽ ڪجهه ٻين شهرن جا اديب به هيا. جنرل ضيا ايجنسين ذريعي ڪجهه سنڌي قومپرست اڳواڻ پيدا ڪيا جيڪي اڄ ڏينهن تائين پڳهاردار آهن ۽ ٻئي طرف ايم ڪيو ايم جو بنياد وجهي سنڌ جي طاقت کي ٽوڙي وڌو.

جنهن رات پيٽي صاحب کي ڦاسي آئي ان صبح جي اس جو رنگ سرءُ ۾ ڇڙندڙ پنن جهڙو هيڊو هيو. شهر ۾ خاموشي ۽ ڏک جي لهر هئي. ٽريفڪ روان دوان هئي. نه بازارون بند ٿيون، نه ٽائر سڙيا. ڪو اهڙو جلوس نه نڪتو جنهن ۾ اڳواڻن تقريرون ڪري اهڙي عمل کي ننديو هجي. مون کي ۽ منهنجي دوست هدايت الله کي ايڏو ڏک ٿيو جو اسان ٻئي سکر جي بازار مان گلاسن جو سيٽ ان ڪري خريد ڪرڻ وياسين جو ان رات شراب پيئڻو هيو. مون هدايت الله کي چيو. ”يار ڇو ٿو خرچ ڪرائين، چار اسٽيل جا گلاس موجود آهن. سوچ پاڻ به ڇڙا آهيون ۽ اسٽيل جا گلاس چار.“

هن مون ڏي ڏٺو، سندس اکين ۾ ڳوڙها پريل هيا.

”تنهنجا اهي اسٽيل جا گلاس ڪنهن ڪم جا نه رهيا آهن. انهن کي سنڌودرياهه ۾ اڇلي اچ جيئن ڏيڏر استعمال ڪن.“

مون هن جي جواب تي غور ڪيو ۽ پوءِ چيو ”ائين نه چوءُ هدايت الله اهي اسان جي وڏڙن جي نشاني آهن.“

منهنجي جواب تي کيس ڪاوڙ لڳي.

”ڌوڙ پئي آهي وڏڙن کي“. هن چيو، ”نه وڏڙا اهڙو ڪم ڪن ها، نه اهي اسٽيل جا چار گلاس اسان جي ڀڳيءَ ۾ پون ها“.

مون به اهو ئي سوچيو. وڃي ڪڏ ۾ پون اسٽيل جا گلاس، اڄ رات شيشي جي گلاسن جو سيٽ ٿا وٺي اچون. جڏهن بازار پهتاسين ته مٺائيون ورهائجي رهيون هيون. سکر جي سڄي بازار ذري گهٽ مهاجرن جي حوالي آهي ۽ خبر نه آهي ڇو مهاجر ملڪ ۾ ڏک جي موقعي تي مٺائي ورهائيندا آهن ۽ خوشيءَ جي موقعي تي روئيندا آهن. پيٽي صاحب کي ڦاسي آئي ته انهن مٺائيون ورهايون. جنرل ضيا جو جهاز ڪريو ته انهن جا منهن لٿل هيا. جڏهن هدايت الله ۽ مان گلاس وٺي موٽي رهيا هياسين ته هڪ ٿلهو جوان اسان اڳيان سنڌي ٽوپي پائي هلي رهيو هيو. بازار ۾ هڪ دڪان جي دڪي تي ويٺل مهاجر ان کي ڏسي چيو. ”اڇا هوا گنجي ڪو ڦانسي هوگئي“.

ايترو چوڻ ان صحتمند سنڌيءَ ٽوپي لاهي پرسان بيٺل موٽرسائيڪل جي گدي تي رکي ۽ مهاجر کي ڳچي کان وٺي زور سان به لپاٽون وهائي ڪڍيون. سنڌيءَ جي اهڙي عمل تي مهاجر ائين هيسجي ويو جيئن پٽ. چپ ڪري بيهي هن کي ڏسندو رهيو. ٻيا مهاجر به وچ ۾ نه آيا. هر طرف ان جي هيبت طاري ٿي وئي. ان سنڌي موٽرسائيڪل جي گديءَ تان ٽوپي کڻي ڇنڊي پاتي ۽ اڳتي هليو ته اسان ٻئي ان پويان وياسين.

”سائين بيهجو“ هدايت الله ان کي آواز ڏنو.

ان سنڌي ٽوپي واري جوان ڪنڌ ورائي اسان کي ڏٺو ۽ چيو ”حڪم ڪيو.“

هدايت الله نه ڪئي هم نه تم هٿن ۾ جهليل شيشي جي گلاسن جو سيٽ هن ڏانهن وڌائيندي چيائين. ”منهنجي دل چوي ٿي هي گلاسن جو نئون سيٽ اوهان کي انعام ۾ ڏيان.“

سنڌي ٽوپيءَ واري جوان جي منهن تي مرڪ اچي وئي

”پر ڇو؟“ هن چيو.

”ان ڪري ته توهان وچ بازار ۾ اڪيلا هوندي به وڏي دليريءَ جو مظاهرو ڪيو آهي.“ مون چيو.

”ڏک جي موقعي تي ان ڳالهه ئي اهڙي ڪئي جو مون کي ڪاوڙ وٺي وئي.الائي ڪڏهن انهن کي عقل ايندو؟“

پوءِ ان اسان سان همدردي مان ڏٺو ۽ چيو ”هن ڏک جي موقعي تي مان توهان کي اهي گلاس تحفي ۾ نه وٺندس. مون وٽ اسٽيل جي گلاس آهن، جيڪي انهن شيشي جي گلاسن کان سوَ دفعا سٺا آهن“.

اسان ٻئي حيرت مان ان ڏانهن ڏسڻ لڳاسين.

”ته ڇا توهان وٽ به اسٽيل جي گلاس آهن؟“ مون پڇيو.

”ڇا ڇو نه.“ هن جواب ڏنو، ”ٽي اسٽيل جا گلاس آهن“.

”چوٿون ڪاڏي ويو؟“ مون وري پڇيو.

منهنجي سوال تي هو به حيرت ۾ پئجي ويو.

”توکي ڪيئن خبر پئي ته اسٽيل جو چوٿون گلاس به هيو؟“

”اهو ته مون اندازي سان پڇيو، ڇو جو اسٽيل جا ٽي گلاس بغاوت جي نشاني آهن“.

هن اسان سان وڌيڪ بحث ڪرڻ مناسب نه سمجهيو ۽ چيو، ”اسٽيل جو چوٿون گلاس پراڻو ٿي وڃڻ سبب پالش تي ڏنو اٿم. نهيو ته ٺيڪ آهي نه ته ڪنهن قومپرست کي خيرات ۾ ڏئي ڇڏيندم.“

جڏهن اسين ان همراهه کان موڪلائي اوطاق تي آياسون ته ان رات شيشي جي گلاسن ۾ شراب پيتوسين. هدايت الله نشي ۾ آئوٽ ٿي ضيا کي گاريون ڏيندي ڪاوڙ ۾ به گلاس ڀڃي وڌا. باقي چار گلاس مون

بابي کي ڏيکاريندي چيو ”گهر ۾ گلاس نہ هيا. نئون سيٽ وٺي آيو آهيان. هن ڏٺو ۽ گلاس ڳڻيا.
”باقي ٻہ گلاس ڪاڏي ويا؟ هن پڇيو.
”اهي ڀڄي پيا“ مون چيو.
”ڪيئن؟“
”گلاسن جو سيٽ وٺي گهر اچي رهيو هيس. رستي ۾ خبر پئي تہ ڀٽي صاحب کي ڦاسي اچي وئي آهي. صدمي ۾ گلاسن جو سيٽ هٿ مان ڇڏائجي هيٺ وڃي ڪريو. ٻہ گلاس ڀڄي پيا.“
اهڙي ڳالهہ ٻڌي بابو ٿڌو ٿي ويو. افسوس مان چيائين،
”پٽ چڱو ٿيو. ڀٽي صاحب جي ڦاسي ۾ ٻيو تہ ڪجھ نہ ٿيو، گهٽ ۾ گهٽ اسان جا ٻہ گلاس تہ ڀڳا.“
پوءِ هن پيار مان چيو. ”وڃي تختي تي رک“.
مون شيشي جي چٽن گلاسن کي تختي تي رکيو ۽ اتي پيل اسٽيل جي چٽن گلاسن کي نفرت مان ڏسندي چيو ”ڪڏ ۾ پون اسٽيل جا گلاس“ ڪيئن بہ هجي پر اسٽيل جا چار گلاس هيا مضبوط، هيٺ ڪرن، پٽ لڳين، ڳوڙها گيس جا گولا لڳن. ڀڄڻ وارا نہ هيا. انهن ۾ هر تشدد برداشت ڪرڻ جي سگهہ هئي. اهي چار گلاس ائين هيا جيئن اسان چار دوست ثناءُ اللہ کوکر، اشرف آصف مصراڻي، نواز پيرزادو ۽ مان. ڏينهن تتي جو لاڙڪاڻي جي روڊن تي ائين رلندا هياسين جو اُس بہ پناهہ وٺندي هئي. هاسٽل کان ٽي ميل پري ڪاري اس ۾ پنڌ ڪري رائل سينيما پرسان هڪ هوٽل تي ويهي چانهہ پي مڪيش جي گانن جي فرمائش ڪندا هياسين.
هاسٽل جي ڪمري ۾ مون وٽ ريڊيو رکيل هوندو هيو، جنهن تي دير سان انڊيا جا پراڻا گانا هلندا هيا. هڪ دفعي ٻڌي رهيا هياسين تہ نواز جو ريڊيئي کي هٿ لڳي ويو، چينل بدلجي ويو ۽ ان تي جنرل ضيا جي راولپنڊي جي دوري جي رپورٽ نشر ٿي رهي هئي. اها رپورٽ ڪجھ هيئن هئي.
”اڄ جنرل ضيا هڪ کليل جيپ ۾ اڪيلي سر راولپنڊي شهر جو دورو ڪيو. ماڻهن تاڙيون وڄائي سندس استقبال ڪيو. جنرل ضيا هڪ هنڌ ماڻهن جي گڏ ٿيل هجوم کي خطاب ڪندي فرمايو.“
پوءِ ريڊيو تي ضيا جو آواز اڀريو.
”پيارا هموطنو، اسلام عليڪم.“
هجوم مان آواز آيو، ”وعليڪم سلام“
”اسلام اسان جو دين آهي“ جنرل ضيا چيو ۽ پوءِ هجوم کان سوال ڪيو، ”ڪهڙو دين آهي؟.“
”اسلام“. هجوم مان آواز آيو.
”اسان تي ڪلمو، نماز، روزو، زڪوات ۽ حج فرض آهن“ هن چيو ۽ وري سوال ڪيو ”ڇا فرض آهن؟“
”ڪلمو، نماز، روزو، زڪوات ۽ حج“ هجوم چيو.
”نماز ۾ ڏينهن پنج وقت ضرور پڙهبي آهي“ هن چيو ۽ وري سوال ڪيو ”ڪيترا دفعا؟“.
”پنج دفعا“ هجوم جواب ڏنو.
”جيڪڏهن اسان سٺا ڪم ڪنداسين تہ رب انهن جو اجورو ڏيندو“ وري سوال ڪيو ”ڪير اجورو ڏيندو؟.“
”رب“. هجوم جواب ڏنو.
اسان چارئي دوست جنرل ضيا جو خطاب ٻڌي کل ۾ اونڌا پيا هياسين. جنرل ضيا کي خطاب ڪرڻ نہ ايندو هيو. ڀٽي صاحب جي طوفاني تقرير ڪانپوءِ اهڙيون تقريرون ٻڌي ائين لڳندو هيو جيئن پهرين درجي جي ڪلاس ۾ ماسترن کي ٻار پڙهائيندو هجي.

# جيجل



بادل جمالي

مبارڪ ڳوٺ پنهنجي علائقي جو سڀ کان وڏو ۽ مرڪزي ڳوٺ آهي. هن جي چوطرف ڪيترائي ننڍا ننڍا ڳوٺ آباد آهن، جيڪي هڪ ٻئي کان رڳو اڌ ڪلو ميٽر کان ڏيڍ ٻن ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي آهن. هزار کن گهرن تي مشتمل هن ڳوٺ ۾ ننڍيون وڏيون ڏهہ مسجدون، ڪيترائي دڪان، ميڊيڪل ۽ جنرل اسٽور، هوٽلون، ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ الڳ الڳ پرائمري ۽ هاءِ اسڪول آهن. ڳوٺ جي گهٽين جي فرش بندي ٿيل آهي. بجلي ۽ گئس جي اٽپوري سهوليت بہ موجود آهي. مالي لحاظ کان هتي جا رهواسي وچترا آهن. يعني تہ تمام شاهوڪار نہ وري صفا ڪنگال. اڪثر ڳوٺاڻن کي زمين جا پنهنجا ٽڪرا بہ آهن جيڪي ٻن کان ٽيهن ايڪڙن جي وچ ۾ آهن. ان ڪري ڳوٺاڻن جي گذر ٻني ٻارو ڪرڻ آهي. پڙهيل ڳڙهيل نوجوانن مان وڏو انگ ماسترن جو آهي. ان کانسواءِ پوليس ۽ فوج ۾ بہ ڪي نوڪري ڪن ٿا. باقي جيڪي بيروزگار آهن، سي ڳوٺ ۾ مزدوري ڪري گذارو ڪن ٿا. واندڪائيءَ واري وقت ۾ هوٽلن تي ويهي انڊين فلمون ۽ ٻيا پروگرام ڏسي دل وندرائن ٿا.
هن ڳوٺ جي خاص ڳالهہ اها آهي تہ ڳوٺ جي ڪن خاص ماڻهن تي سندن شخصيت ۽ ڪردار مطابق هڪ اضافي نالو رکيل هوندو آهي، جو ان جي مقابلي ۾ سندس اصل نالو، ڪمزور ٿي هيٺ دٻجي ويو آهي يا ڪٿي ڪٿي تہ بلڪل ختم ٿي ويو آهي. جيتوڻيڪ هن ڳوٺ ۾ ڪو بہ اديب يا شاعر ڪونهي، پر تڏهن بہ ڪنهن شخص تي اضافي نالو رکڻ وقت، لاشعوري طور ”تجنيس حرفي“ جو تمام گهڻو خيال رکيو وڃ ٿو. مثال طور: نذر محمد جو نالو بگڙيو تہ ”نذرو“ ٿي پيو. وري جو پنهنجي ڪردار سان لوڪ کي عذاب ڏنائين تہ ”نذروءَ“ مان ڦري ”نذرو نانگ“ ٿي پيو. اهڙيءَ طرح قادو ڪافر، خدو خفتي، خانو خنزير، گلو گوپال، قاسم ڪنگلو وغيره ناپسنديده نالا رکڻ وقت ۽ اهي ماڻهو شروع شروع ۾ تہ ڏاڍا چڙيا. ڪي تہ ماڻهن سان وڙهيا ۽ گار گند بہ ڪئي هئائون، پر پوءِ وقت گذرڻ سان آهستي آهستي ٿڌا ٿيا. نہ چاهيندي بہ ان ناپسنديده نالي کي جڻ قبول ڪري ورتائون.
محمد قاسم بہ ڳوٺ جي عام نوجوانن وانگر هڪ شريف نوجوان هو. مئٽرڪ پاس ڪرڻ کانپوءِ بهتر زندگي جا خواب اکين ۾ سجائي، ڪن سالن تائين هو نوڪريءَ لاءِ ڌڪ ڌوڙ ڪندو رهيو هو. ڪٿي ٽيسٽ تہ ڪٿي انٽرويو. ڪڏهن هِن شهر تہ ڪڏهن هُن شهر، پر سڀ فضول. پاڻ سنگت ساٿ جو قرضي ٿي پيو. مجبور ٿي پيٽ گذر خاطر مزدوري ڪرڻ لڳو. ڪڏهن رازن وٽ تغاري کڻندو هو تہ ڪڏهن ڪڏهن هاريءَ سان ٻنا ٻڌرائيندو هو. ڪڏهن ٻج يا ڀاڻ ڇٽرائيندو هو تہ ڪڏهن ٿريشر تي مزدوري ڪندو هو.
پر اها ئي هوائي روزي لڳي تہ ٻہ چار ڏينهن هلي. ٽُٽي تہ هفتن تائين سڀ خير! مزدوريءَ جي اهڙي اڪ ٻوٽ کان تنگ اچي هن فيصلو ڪيو تہ ڪيس ٻي ڪا ڪرت ڪرڻ گهرجي، ڪو پنهنجو ڌنڌو يا ڪاروبار ڪرڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ هن پنهنجيءَ گهر واري مراديءَ سان صلاح ڪرڻ ضروري سمجهيو.
مرادي، خانو خنزير جي پنجين نمبر ۽ سڀ کان ننڍي ڌيءَ هئي. خانو کي پٽ جو اولاد ڪو نہ هو. سندس پنج ئي ڌيئرون، نہ رڳو پنهنجي ڳوٺ پر پوري علائقي ۾ ڦڏيباز مشهور هيون. جهيڙي لاءِ هنن جو پهريون اولين ٽارگيٽ سندن مڙس ۽ ان جو سڄو خاندان ۽ ان ڪانپوءِ اوڙو پاڙو هوندو هو. ان سلسلي ۾ هر آچر تي وڏي ڀيڻ آميءَ جي گهر گڏجاڻي ڪنديون هيون، جيڪا ڳوٺ جي هڪ معتبر شخص حاجي نورل جي گهر واري هئي. حاجي نورل پنهنجي شرافت، زنده دلي ۽ خوشحالي جي ڪري ڳوٺ ۾ عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو. هو آچر جي ڏينهن منجهند واري ماني گهران گهرائي پاڙي واري هوٽل ۾ کائيندو هو تہ جيئن سندس گهر واري پنهنجين ڀيڻن سان بنا ڪنهن رنڊ روڪ جي گڏجاڻي ڪري سگهي ۽ هن جو ڏينهن بہ ڪنهن جهيڙي ۽ ڦڏي کانسواءِ سڪون سان گذري.
قاسم، ڊڄي ڊڄي تمام هيڻاهينءَ سان پنهنجو موضوع ڇيڙيو:
”توکي تہ خبر آهي تہ مزدوريءَ مان گذارو نٿو ٿئي. ان ڪري مون سوچيو آهي تہ هاڻي پنهنجو ڪو ڪاروبار ڪرڻ گهرجي. ظاهر آهي تہ ان لاءِ پئسي ڏوڪڙ جي ضرورت...“
”سمجهان ٿي، سڀ سمجهان ٿي.“ قاسم اڃان رڳو ڳالهہ ڇيڙي هئي، هو اڃان اصل ڳالهہ تائين پهتو ئي نہ هو تہ وچ ۾ ئي ڪانئس مراديءَ گفتگو جون واڳون کسي ورتيون.
”ڪنگلا، ڪنگلا، توکان ڪجھ ڪو نہ ٿيندو. گهمي ڦري اتي ئي اچي بيهندين تہ واليون لاهي مون کي ڏي ۽ وڪڻي ڪو ڌنڌو ڪيان. خبر اٿم تہ سالن کان اهي واليون تنهنجي اکين ۾ آهن. پر والين کان ڏيندي سانءِ ٻئي آڱوٺا وات ۾...“
”اي ڪير ٿو توکان واليون گهري؟“
قاسم ڪنگلي پوري زور سان جوابي حملو ڪيو.
”اهي وڃي خانو خنزير جي ختمي تي خرچ ڪجانءِ. مون تہ توکان سهڻي صلاح پئي ورتي، پر جنهن جو ٻوٿ، شڪل پادر جهڙو ٻڇڙو، تنهن جي اندر مان سهڻي صلاح ايندي ڪٿان؟“
”سڪل پادر جهڙي ماڻهين، سڪل پادر جهڙي پيٽهين. مون جهڙي سڄي کهول ۾ ڪا هڪڙي اٿو؟“

”وڃي ڊوڙ پاءِ.“

ان کان اڳي جو مراديءَ جو جن چڙي پوي. هوءَ جوش ۾ اچي، تاڙيون وڄائي گاريون ڏيندي ٻوٽ وارن جو ڏيان ڇڪي وٺي ۽ قاسم ڪنگلي جو گهر وچ ٻوٽ ۾ مني سئنيما جو ڏيک ڏئي، هُو انگوڇو ڪٽي، تڪڙو تڪڙو اتان ٽري ويو. هن جي وڃڻ کان پوءِ به ٻپل دير تائين هُن ڪي گهر ۾ موجود سمجهندي مرادي ساڳئيءَ جوش ۽ جذبي سان هٿن جا تير ۽ تلوارون هوا ۾ اڇلائيندي رهي ۽ گهٽيءَ مان ايندڙ ويندڙ سمجهي ويا ته اڄ به ڪنگلي جو خير نه هو.

قاسم ڪنگلو پاڙي واري هوٽل ۾ پهچي ويو. منهن کي پاڻيءَ جو ڇنڊو هڻي، انگوڇي سان منهن اگهي، پاڻيءَ جا ٻه گلاس لاڳيتا پي، سک جو ساهه کنيائين ته هوٽل ۾ اڳي ئي ويٺل سندس سَنڌُو. حاجي نورل وڏي وات کانئس مرڪندي پڇيو:

”محمد قاسم ڪر خبر، اڄ تو واري پاسي ڌماڪن جا ڏاڍا آواز پئي آيا. ڪي دهشتگرد ته لٿل ڪو نه هئا؟“

”ابا، پلي ڪِلون ڪريو. هٿن سان دهشتگرد موڪلي، پوءِ اٽڃاڻن وانگر ٿا پڇو. ته انهيءَ چالاڪيءَ کي ڇا چئجي. ڏهه سال شادي کي ٿيا آهن. ٻه ٽي ٻار به ڄڻياسين، اڃان به مائي گهر کي گهر نٿي سمجهي ته اها دانهن ڪنهن کي ڏجي؟“

”جهلي وڃ سهڻا، جهلي وڃ“ حاجي نورل مُرڪي سندس ڪلهي تي دلاسي جي ٿپڪي ڏيندي چيو.

”اڃان ته رڳو ڏهه سال گذاريا اٿئي. هينئر ڪان ئي هانءُ هاريو اٿئي. اسان کي ڏس چاليهه سالن کان به ڪي مهينا مٿي گذريا هوندا. اسان جي شادي کي، ڏوهٽن پوٽن وارا ٿيا آهيون. ڪڏهن اسان جي دانهن ٻڌي اٿئي؟“

”اوهين ته گهر گهاٽ ڇڏيو هوٽلن تي ويٺا آهيو. دانهن ڪٿان ايندي؟ پڇ اسان کان ته رات جا اڌائي پهر گهر ۾ ڪيئن ٿا لوڙيون؟“

”لوڙ ٻچا لوڙ. دنيا ۾ ڪيل سمورن ڏوهن، گناهن جو حساب ڪتاب هتي ئي ڏيندين. محشر ۾ ڌوتل پوتل، پاڪ صفا ٿي پهچندين. تنهنجو پڇاڙُو معاف هوندو. اڻ پڇيو ئي بهشت ۾ تون ته ڇا، خانوءَ جي سمورن نائين جو پڇاڙُو معاف هوندو.“

”ڇڏ يار مشڪريون ٿو ڪرين.“ ڪنگلي اٿڻ جي ڪئي ته نورل کيس ڪلهي کان زور ڏيئي ويهاري چيو:

”مشڪري وري ڇا جي، سچ ٿو چوانءِ. توکي ته ان وڻ مان رڳو ننڍڙي ٽاري ملي آهي. وڻ ته سڄو اسان وٽ آهي. اسان کي داد نٿو ڏين ته ڪيئن ٿا گذارو ڪريون؟ اسان کي ته بهشت واري بنگلي جي پڪ آهي. چئين ته چابيون ڪڍي ڏيکاريانءِ.“ هن قميص جي پاسي واري کسي ۾ هٿ وجهي ڪا شيءَ ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندي رڙ ڪئي.

”ابا ڇوڪرا، محمد قاسم کي چانهن پيئار ته موڊ ۾ اچي، گهران ڏڪجي آيو آهي.“

ان وچ ۾ گلو گوپال به اچي نورل وٽ ويٺو. ان لاءِ به چانهن جو آرڊر ڏنائين. هن ڪنهن کان ٻڌو هو ته گلو گوپال گڏهه گاڏي مان بيزار ٿي پيو هو. وڪڻڻ پئي چاهيائين. چانهه پيئندي گلوءَ سان هن گاڏي واري ڳالهه ڇيڙي ته هو وڪڻڻ لاءِ تيار ٿي ويو. حاجي نورل پنهنجيءَ ضمانت تي 25 هزارن ۾ گڏهه سميت گاڏو قاسم ڪنگلي کي وٺي ڏنو، جيڪو هرمهيني پنج هزار روپيا قسط ڪري، گلوءَ کي ڏيندو. ڪنگلي جي ٻڌي خدا، سڪٽين ٿونٽن تي پلوڙ روزگار ملي پيس. هن جي خوشيءَ جي ڪا حد نه هئي.

پوتڙي سان گڏهه ۽ گاڏي کي ڇنڊي، صاف ڪري رخ ڪيائين شهر جو. شهر نئون آباد هن جي ٻوٽ کان رڳو ڏيڍ ڪلو ميٽر پري وڏي واهه جي ڪناري تي هو. ننڍڙو شهر جيڪو تمام تيزيءَ سان ترقي ڪري رهيو هو. خاص ڪري ڦٽين ۽ ڪٽڪن جي مند ۾ واپار عروج تي هوندو هو. روزانو ڪيتريون ئي ٽرڪون، ڦٽين ۽ ڪٽڪ سان پرجي وڏن شهرن ڏانهن وينديون هيون. واقفڪار دوستن جا ڪڙا مٺا ٻول ٻڌاڻ ٻڌا ڪندو هُو بازار ۾ اڳتي وڌندو رهيو. ڪنهن دڪان مان سڏ ٿيس ته گاڏو ڦيرائي اتي پهتو. دڪان جو سامان ڪٽي ٿورو اڳتي ٻئي دڪان تي پهچايائين. سئو وارو نوٽ وٺي ٻهٽي ڪيائين. ان سان گڏ، پروردگار جو شڪر ڪيائين. سڄ لهڻ تائين مارڪيٽ ۾ موجود رهيو. پنجن سون کان به ڪجهه مٿي ڪمائي ٿيس. واپسيءَ تي سگريٽن جي ڪئبن تان ڪي ٿو جو سڄو پاڪيٽ ماچيس سميت ورتائين. پنهنجي ٻارن، دولُو ۽ پَپيءَ لاءِ ڪٽمنا ۽ بسڪٽ به ورتائين. سگريٽ جو ڀرپور ڪش هڻي سيڌي واري دڪان تي آيو، جتان گهر لاءِ گيهه، لوڻ مرچ ۽ ٻيو سيڌو وٺي. وري ڪتر جي مشين تي آيو. گڏهه لاءِ پنج ڪلو ڪتر ۽ پنج ڪلو ڪٽڪ جو ٻهه وٺڻ ڪانپوءِ ڪلو ٻاجهر به ورتائين. ٻوٽ واري روڊ تان سيٽيون وڄائيندي واپس موٽيو. ”واهه مولا تنهنجا رنگ، ڏينڻ تي اچين ته ٻڌائين به ڪو نه ۽ وري کسڻ تي اچين ته، پڇين به ڪو نه“ ٻوٽ ٻاهران دولُو ۽ پپي سندس آجيان لاءِ اڳي ئي بيٺا هئا. هنن کي ڪنهن ٻڌايو هو ته سندن بابا گاڏو ورتو آهي. ٻئي ٻارڙا ڊوڙندي گاڏي وٽ پهتا ته قاسم گاڏو جهلي ٻنهيءَ کي کنيو ته ٻنهي گڏجي کيس پويان کان ڀاڪر پاتو.

”بابا، گاڏو پنهنجو آهي نه؟“ پپيءَ سندس هنج ۾ ويهندي پڇيو.

”هائو پٽ، گاڏو پنهنجو آهي. مولا اسان کي ڏياريو آهي.“ قاسم کيسي مان ڪٽمنا ۽ بسڪوٽ ڪڍي پپيءَ کي ڏنا.

”اڌ تون کڻ، اڌ ڀاءُ کي ڏي.“

”نه بابا، تون پان ورهائي ڏي. هيءَ ٺڳي ڪندي.“ دولو رڙ ڪري چيو.

”بابا، ڪوڙ ٿو ڳالهائي. مون ڪڏهن ٺڳي ڪئي؟“

ٺهيو پٽ، وڙهو نه، سياڻي وري شيءَ توکي ڏيندس. دولُو تون ورهائجانءِ“

”بابا پڪوڙا به آڻيندين نه؟“ پپيءَ سڄو بسڪوٽ وات ۾ وجهندي چيو.

”هائو پپي پياري. پڪوڙا به آڻيندس. سمواسا به آڻيندس.“

هو پنهنجي گهر جي ڦٽل منگهي تي پهچي ويا. گاڏي تان لهي واڳ جهلي، آهستي آهستي هن گاڏو اندر ڪيو. هن کي اميد هئي ته مرادي وڏي گرمجوشيءَ سان سندس آڌر ڀاءُ ڪندي، پر هو گهر ۾ موجود ئي ڪا نه هئي. گهر جو ڪڙو لاهي، هن سامان اندر رکيو. گڏهه کي گاڏي مان ڇوڙي، ڪٻڙ سان ٻڌو. بالٽي کڻي، نل تان ڀري وِهٽ جي اڳيان هن پاڻي رکيو ته ٽڪل ٽٽل ساسي، پاڻيءَ تي ڪِري پيو. هن کي خبر نه هئي ته ٽڪل وهٽ کي گاڏي مان کولڻ ڪانپوءِ هڪدم پاڻي نه ڏجي. ايتري ۾ مرادي ٻاهران آئي. گڏهه تي نظر پوندي ئي، ڄڻ تيلي لڳي ويس.

”مئا ڪنگلا، پليت گڏهه کي بالٽي ۾ ٿو پاڻي پيئارين؟“ هن ٽڏو هڻي ٻاڙدي اونڌي ڪري ڇڏي.

”ڏيڍ سئو جي نئين نڪور بالٽي، حرام ڪرائي ڇڏيئي. ان سان وهنجندا آهيون، ڪپڙا ڌوئي پاڪ ڪندا آهيون. ڪو حياءَ ڪو شرم...“

”حياءُ شرم مون کي وڪنهي، ڪي توکي ڪونهي. سڄي ڏينهن جو اُڃيو بڪيو ساسي، اُن کي سک سان پاڻي پيئڻ ته ڇڏين ها. تون رڳو خانو خنزير جي ڏيءُ نه آهين، پاڻ به وڏي خنزير آهين.“

”وات جهل ته ڏيانءِ نه ٻوٽ واري بالٽي.“

”اي هينئر نما شام مهل ڪڙا گهوڙا پيا اٿوَ جو ماڻهو ٿا ڪلايو؟“ حاجي نورل پنهنجي گهر مان رڙ ڪئي.

”ادا نورل، واهه جو ڪم ڪيو اٿئي، تون منهنجو ڀاءُ پاڙي جو چڱو. هن سڄي ۽ ڪنگلي تي ٿورو ڪيئي ٿي ته ڪو چڱو ڍور وٺي ڏيندس ها. ڪا ڍڳي، ٻڪري ڪا مينهن باسئا ته کير لپ پي توکي دعائون ڏيون ها. هي مئو گڏهه ته اڱڻ تي بيٺو جَهرندو ۽ هينگون ڏيندو. هن مان...“

”حياءُ ڪر مائي، حياءُ ڪر. تنهنجي سڄي مڙس کي ضمانت ڏيئي، روزگار سان لڳايم، ٿورو ڳڻ ته ڇُٽو، اُٿلو مون تي ٿي ڇوهه ڇندين؟ سچ چيو اٿن ته بي قدرتي تي ٿورو، قوٻي تي ڪينهوڙو“

حاجي نورل جي داٻي ڪانپوءِ ڪجهه دير لاءِ ماٺار ٿي ويئي. قاسم هيسيل انداز ۾ زال کي عرض ڪيو.

”هاڻي پلا لولو پچاءِ ته، پيٽ ۾ وجهون، بک کان پاهه ٿي پيو آهيان“

”ڇو پچايان؟“ مراديءَ ساڳئي سُر تان ڳالهه ٻيهر ڪنئي.

”ڪهڙا سک ڏنا اٿئي مون کي، جو بچائي ڪارايانءِ؟ مانڙي ڪري پاڻي جو وٽو پي، هينئر سمهي رهه، صبح جو هوٽل تي وڃي ڦاٽجانءِ،“

قاسم جهيڙي کان بچڻ لاءِ مرندي ڪسندي ائين ئي ڪيو. صبح جو سوير گاڏو ڪاهي گهران نڪري ويو. شهر پهچي هن هوٽل جو رخ ڪيو. ٽيبل تي رکيل جڳ مان گلاس ڀري، گرڙي ڪري منهن کي ڇنڊو هنيائين ته بيري پري کان رڙ ڪئي:

”اڙي ڪنگلا، صبح مڙداني ڪٿان اٽڏوتو پيو اچين؟“

”گهران پيو اچان، ٻيو ڪٿان ايندس؟“ قاسم پوتڙي سان منهن اگهندي وراڻيو.

”چانهه ڪيا پيئار ناهوڪي، ٻه ٽي بسڪوٽ به ڪٽي آ ته ڪريون ڪونٽ.“

”واهه ڙي واهه.“ ڪائونٽر تي ويٺل سيٺ هن ڏي نهاريندي چيو.

”گريبيءَ تي تگڻ وارو ڪنگلو، اڄ ٺاهوڪي چانهن سان گڏ بسڪوٽ جا آرڊر به ڪري پيو، ڪو ڏاڙو هنيو اٿئي ڇا؟“

”اي دماغ جاءِ ڪر سيٺ، اڄ ڪنگلو ساڳيو ڪونهي، گاڏي جو مالڪ آهي، هُو ڏس سامهون بيٺو اٿئي.“

”اي خبر آهي، خبر آهي.“ بيري چانهن ۽ بسڪوٽ ٽيبل تي رکندي چيو.

”گلو گوپال کي نستر هنيو اٿئي، ماڻهو اڳئي هن جا ڪَن پريندا ٿا وتن ته ڪنگلو ڏوڪڙ ڪو بنهر ڏيندئي، گاڏو موٽائي وٺينس، ڏسجانءِ ڪٿي ڪلٽي نه ڏيئي وڃي ئي.“

”اي حاجي نورل وچ ۾ آهي، پاڻ کي لوڏو ئي ڪونهي، انجام تي ڏوڪڙ ڳڻي ڏينداسونس، پيو ڦاهو ڪپيس ڇا؟“

چانهن بسڪوٽن سان نيرن ڪري، ڪائونٽر تي وينل سيٺ کي ڏوڪڙ ڏيئي هو گاڏو ڪاهي بازار ۾ لهي پيو. اڄا رڳو کي هيڪڙ ٻيڪڙ دڪان ئي ڪليا هئا.

”اڙي ڪنگلا، ڪنهن جو گاڏو چورايو اٿئي؟“ پريان رڙ ڪري ڪنهن ٺٺول ڪيس. هن به فخر سان وراڻيس.

”مولا پنهنجو ڏنو آهي، ابان، تو کي ڪهڙي تڪليف؟“

”اي تڪليف ڪانهي، بار ڪٿائٿو آهي، ڦٽيون ڪٽنديون؟“

”حڪم ڪپي سهٽا، انهيءَ لاءِ ته ڦران پيو بازار ۾.“ ڪنگلي جو منهن ٻهڪي پيو. صبح ساڻ بسم الله الرحمٰن الرحيم ڪري ٻهٽي ڪيائين ۽ پوءِ سڄو ڏينهن مصروف رهيو. ڪيڏي مهل ڦٽيون ته ڪيڏي مهل سيمنٽ جون ٻوريون، ڪيڏي مهل دڪان جو سامان ته ڪيڏي مهل گاهه جا گڏا. هن پنهنجي پهرين ڏهاڙي ڀرپور نموني پوري ڪئي. اٺ سئو روپيا روڪڙا، ٻه اڍائي سئو روپيا اوڌر به ٽيس. شام جو خوشي خوشي گهر ڏانهن موٽيو ته گڏهه لاءِ چارو، ٻارن لاءِ سموسا، پڪوڙا ۽ گهر لاءِ ضروري راشن به ورتائين.

اهو سلسلو هلندو رهيو آمدني ٿيندي رهي ته گهر جون حالتون به بهتر ٿينديون رهيون. سنها سنها قرض لاهيندو رهيو ته گاڏي جي قسط لاءِ به ڪجهه پئسا بچائيندو رهيو. مهينو پورو ٿيو ته قاسم پنجن هزارن واري پهرئين قسط حاجي نول کي پهچائي، هو ڏاڍو خوش ٿيو، چاڪاڻ ته، ڳوٺ وارا هن کي هر وقت اهو ئي چوندا هئا ته ڪنگلو قسطون ڏيئي ڪو نه سگهندو، اهي پئسا هن کي ئي ڀرڻا پوندا.

گهر ۾ خوشحالي ڇا آئي، مراديءَ جو انداز ئي بدلجي ويو، غريب غربا ته پنهنجي هنڌ، خود پنهنجين پيٽن کي به حقير سمجهڻ لڳي. ڪالهه جن پيٽن کان پراٽا ڪپڙا ۽ جُتيون گهرندي وتندي هئي، هاڻي انهن تي چٽرون ڪرڻ لڳي هئي.

”ماني ڊِوَ تي مِليوَ ٿي، جو هليون آهيو مون سان برابري ڪرڻ؟“

گهر جي خوشحاليءَ جو اثر، گهر ڀاتين سان گڏ گڏهه تي به پيو، هاڻي رات جو گهر پهچڻ کان پوءِ هُو ٽڪل ٽٽل ۽ مُئل مُئل نه ايندو هو. بلڪ هر وقت هينگون ڏيندو، مستي ڪندو نظر ايندو هو. هڪ ته جنس جو اڳئي ئي ٽرڙو، ٿاپُرو گڏهه مٿان وري چاري واري ٿهل، اصل هٿ لائڻ کان به چڙهي ويو. اڳيان چَڪ، پويان لَت. ڪنهن کي به ويجهو اچڻ به نه ڏيندو هو. هڪ رات سومهڻيءَ ويل، پري کان ڪنهن گڏهه جي هينگ ڪنين پيس، پوءِ ته ڇڻ ڪو دورو پئجي ويو هئس. ڪَن ڪِيٽا ڪري، منهن مٿي ڪري، اچي جو هينگ ۾ پيو، اصل ستن ڳوٺن جا ستل ماڻهو جاڳائي وِڌا هئائين. قاسم گهر ۾ موجود ڪو نه هو. مراديءَ جو به ڇڻ مٿو ڦري ويو جو لَٺ کڻي گڏهه کي ڪٽڻ شروع ڪيائين. ٻه ڏڪ هڻي ٽئين جي ڪوشش ڪيائين ته خبر تڏهن پيس جو گوڏي واري زوردار پُستي لڳيس. هوءَ اچلجي وڃي پٽ سان لڳي.

”لانت پوي ئي سوئر، گوڏو ڀڃي وڌو اٿئي... او الا، مري ويس...او ابا...ڇورا، دوڙا ڦاڙي ڇا ٿو ڏسين، وڃي مامي نورل کي وٺي آءُ ته اسپتال پيڙو ڪريم.... او الا....هاءِ ڪنگلا، تنهنجي قبر ڪوٺيان، دشمن گهر ۾ بيهاري اسان سان جنيون ٿو ڪرائين، رب پُڇندئي...“

اوچتو قاسم گهر ۾ داخل ٿيو ۽ مراديءَ کي پٽ جي پرسان ليڙيون پائيندي ڏسي، ڊوڙي وڃي هٿ وڌائيندس.

”مڇلا، پري ٿيءُ مون کان آڌي رات تي آهي، الائي ڪٿي رُلندو ٿو وتين؟“

”اي رَن، ٻڌائي ته سهي، ڪهڙي مصيبت پئي اٿئي، جو ڪٽي ايڏو وات ڦاڙيو اٿئي؟“

”ابا، گڏهه ٿي هينگ ڏني ته امان لٺ کڻي ان کي ڪٽيو ته گڏهه گوڏي ۾ لت هنيس.“

پپيءَ اجان ڳالهائي بس ڪئي ته، قاسم کان اڳي، وري مراديءَ ڳالهائڻ شروع ڪيو.

”هن بندوق لڳي کي ڪڏ گهر مان هينئر جو هينئر ڪيينس، جڏهن ڏس ڏندو ڪڍي هينگي پيو، هي گهر ۾ بيهارڻ جهڙو آهي ئي ڪو نه“

”زناور آهي، مستيءَ جا ڏينهن اٿس. مستي ته ڪندو، تو کي ڪهڙي تڪليف...ڪو ماڻهو ته ڪونهي جو تنهنجو شرم ڪري، ڇو ٿي تنهنجي نظر هروڀرو اوڏانهن وڃي؟“

مراديءَ کي گهلي، هن کٽ تي آندو. ڪارو بام کڻ گوڏي تي مالش ڪيائينس ته هن جي تڪليف ۾ ڪجهه فَرق آيو. پر سندس زبان اجان به ڦينچيءَ وانگر هلي رهي هئي.

ٻئي ڏينهن، شهر جي ٻاهران پپر جي وڻ هيٺ هن کي لاڏائو فقيرن جو لڏو لٿل نظر آيو. سندن سامان، گڏهه گاڏي تي رکيل هو. پاسي ۾ ٻڌل ٿاهٽي رنگ جي گڏهه قاسم جي نظرن ۾ کُپي ويئي. مادي گڏهه کي ڏسي هن وارو گڏهه مچرجي پيو. هينگن سان اُپ ڏارڻ لڳو. ان کان اڳي، جو هيءَ سودي واري ڳالهه ڇوري، لڏي جي پوڙهي سرواڻ پاڻ هن سان ڳالهايو.

”خفتي، ڪودو ته واهه جو اٿئي، ڪٿان هٿ ڪيو اٿئي؟“

”اچي ويو ڪنهن سودي ۾“ قاسم ڄاڻي ٻجهي ڊيگهه نه ڪئي.

”مون سان ڪندين سودو... مادي گڏهه ڏيانءِ پلي...؟“

”مادي گڏهه، اسان جي ڪم جي ڪانهي چاچا...اسين ٿا بار ڪڍون هن کي بار جي پرواهه ڪانهي. ڪيترو به وجهونس تو واري گڏهه بار کڻي نه سگهندي.“

”ائين نه چو بابا، ٿاميءَ تي سڄو ڳوٺ رکي ڇڏ، فرق نه ايندس. اصل ۾ ڪودو مون کي وڻي ويو آهي، تڏهن تو کي چيو اٿم.“

”چاچا، ڪودو تو کي وڻي ويو آهي ته ٺيڪ آهي، تنهنجي شوق جو ضرور خيال رکبو. پهرين سنگت ساٿ کي تو واري گڏهه ڏيکاريان، پوءِ پاڻ وڏيڪ ڳالهائينداسين.“

”پلي پلي، سدان ڏيکار ابا، ساسين ڪجهه دير، هتي ئي ترسيل آهيون، ڏينهن ٺاري پوءِ نڪرنداسون.“

ڪنگلي جي ٻڌي خدا، جو مالڪ پاڻ سودي واري خواهش ڏيکاري، نه ته شايد هي ايلاز به ڪريس ها، هو بازار ۾ خدو خفتيءَ کي ڳوليندو رهيو، نيٺ گڏهه گاڏن جي اڏي تي هو ڪيس ملي ويو.

”خفتي، گڏهه ڏني اٿم اصل دشمن داغ، سودو ڏانئي آيو آهيان. تون هلي ڏسينس. پر مالڪ جي اڳيان، ان جي ساراهه اصل نه ڪجانءِ. هجيس ته هجيس ڪو نه ڪو عيب ضرور ڳولي ڪيجانس، نه ته پوڙهو هيٺ لهندو ئي ڪو نه.“

”تون الڪو ئي نه ڪر، رڳو مون کي ڏسڻ ڏي.“ خدو خفتيءَ ڏاڙهي تي هٿ ڦيريندي چيو.

”پوڙهي کي لاهي، پٽ تي نه ويهاريان ته منهنجو نالو لاهي ڇڏجانءِ.“

ٻئي ڄڻا صلاحون پچائيندي پوڙهي وٽ پهتا. گڏهه کي ڏسندي ئي، خدو خفتيءَ اکين اکين ۾، ڪنگلي کي سندس پسند تي داد ڏنو. پر پوڙهي کي هيٺ لاهڻ خاطر، وڏي وات چوڻ لڳو.

”ڇورا، تو کي ڪهڙي ڪتيءَ ڪنيو. جو هن ڪو ڪيءَ سان پنهنجي شينهن جهڙي ڪودي جو سودو ٿو ڪرين؟ هيءَ ته اصيل به ڪانهي، ڪارڙ آهي“ خفتيءَ جا جملا ٻڌي. پوڙهي جو منهن لهي ويو.

”ابا، مون ڪڏهن چيو ته اصيل آهي، جهڙي به آهي، اها آهي قبول پوي ته ٺيڪ، نه ته اسان جو رستو ته ڪليل آهي.“ (ٿامٽي-ٿاميءَ ٿامي جهڙي رنگ واري)

”چاچا، تون به ڪٿي ڪڄ ته ڪيئن سودو ڪندين... ڏيندين کي ڏهه هزار ڪن اُتر ۾ ڇوري کي ته راضي ڪريونس؟“

”اي ڳالهائين ڪيئن ٿو. اتر واري آئون ڏيان... ڇريو سمجهيو اٿئي ڇا؟ ڏهه هزار ته ڪودو لهي ئي ڪو نه... واهه جو انصاف ڪيو اٿئي ابا!!“

”چاچا، ناراض نه ٿي، ڪودو بار گير گڏهه آهي. سڄو ڏينهن بار ڍوئي، شام جو مالڪ کي هزار ٻارنهن سئو روپيا ڪمائي ڏئي ٿو، تڏهن هن جو گهر هلي ٿو. تو واريءَ گڏهه تي ٻه ڪَتا اَن جا وڌيڪ پيا، ته وات پئي سمهي رهندي، پوءِ هي ڇا ڪندو؟ اها تو وٽ ئي پلي، جو چار ماڻهو ۽ ڪتا ڪڪڙ کڻي گاڏو گهلي پئي، اسان جي ڪم جي ناهي.“

پوڙهي ڪاوڙ ۾ اچي، ٻارن کي اٿاري، روانگي جو اعلان ڪيو. سودو ڦٽندو ڏسي، قاسم پاڻ همت ڪئي.

”چاچا، ڪاوڙ ڇڏ، تون بہ ٺهڻ واري ڳالھ ڪر تہ سودو ٺهي.“

”ٺهڻ واري ڳالھ اها اٿئي تہ، روپيا پنج هزار مٿي ونندو سانءِ. جي اٿئي قبول تہ واڳ وٺ، جي اٿئي انڪار تہ، رسئو ڇڏ“ ڪنگلي ۽ خفتيءَ اڪين اڪين ۾ خوشيءَ جو اظهار ڪيو. ”سودو قبول آهي چاچا، هاڻي ٿورو ترس تہ همراھ گهران ڏوڪڙ ڪٽي اچي.“

ٽاميءَ کي گاڏي ۾ ٻڌي، ڪنگلي بازار جو چڪر ڏنو تہ سندس انداز ئي ڪجھ ”اور“ هو. سينو تڏي، پچڪارون ڏيندي، ”خيال ڪر بابا“ سنيال جُوان ”هوشيار سهڻا“ جهڙيون هڪلون ڪندي هن بازار جا ڪيترائي چڪر ڏنا. ڏسڻ وارن ڏنو تہ اڄ قاسم ڪنگلو ڪنهن ٻئي ليول تي هوٺا مٿي جيڪا واقعي هڪ شاندار گڏھ هئي. رڳو ڏيرائيپ جي ڪري سندس ظاهري حسن، جَهڪو پئي لڳو، باقي وڙين، وَجهين، ڪَنين پُڇين تہ هُوءَ نمائش ۾ بيهارڻ جهڙي هئي. خفتين هن کي ڏسڻ شرط اندازو لڳايو تہ اها پڪ ئي پڪ چوراٽي هئي، نہ تہ ايڏي شاندار گڏھ، ايڏي سستي هرگز نہ ملي ها.

شام جو ڳوٺ ڏانهن موٽندي. قاسم ڪنگلي ڪليل روڊ تي ٽاميءَ جي واڳ ڍري ڪئي تہ، هن جا پنڌ ڏسي، حيران ٿي ويو. پلن گهوڙن وانگر، گُهنڊ هٽي، پاڻ کي ڇڏيائين تہ ڳوٺ پهچڻ تائين، نہ هن کي هڪل ڪرڻ، نہ وري سٽو نٽي ڪٽڻ جي ضرورت محسوس ٿي. سَهنجي وري ايڏي، جو پاڻيءَ جو وَٽو، هٿ تريءَ تي رکيو وڃ. مجال آهي جو ڇُلڪي. اهڙو ئي وهٽ هن کي ڪپندو هو. مراديءَ جو نر گڏھ وارو اَعتراض بہ هاڻي ختم ٿي ويندو. ”واھ مولا واھ، بيشڪ ڏيڻ جو ڏاتار آهين.“

ٻئي ڏينهن صبح ساڻ، شهر جي پرسان وهندڙ شاخ تي پهچي ٽاميءَ کي سُرهي صابڻ شئمپو ۽ برش سان وهنجاري، سندس جسم تي لڳل سالن جا پراڻا داغ ۽ سٽپ وغيره جا نشان مَهٽي، صاف ڪري، ڪپڙي سان اگهي، شاخ جي ڪناري، ڪجھ دير ڪيس گهمائيندو رهيو. جسم چڱيءَ ريت خشڪ ٿيڻ بعد ڪيس گاڏي ۾ جوٽي، بازار ۾ آيو. دڪان تان ٽاميءَ لاءِ ڇيرن جي ڪندي، وڏن اڇن مٽين وارا ڪارا ڳانديا ۽ محفن تي ڪارو نُختو وٺي ٻڌائيندس، تہ ٽاميءَ خبر ناهي، ڇا مان ڇا ٿي پئي. هر طرف کان خفتين ۽ شوقينن جي ”واہ واہ“ لڳي وئي، تہ هو دل ۾ ٿورو ڊڄي ويو تہ متان ڪنهن جي نظر نہ لڳي وڃيس. ان ڪري دوسو دلبر کان ڪارو ڌاڳو وٺرائي ٻڌائيندس. ڏسندي ئي ڏسندي، گاڏن وارن جي برادريءَ ۾ قاسو ڪنگلو، هڪ انتهائي معتبر نالو ٿي پيو.

همت وارو مزدور تہ اڳي ئي هو. مٿان وري جو ٽاميءَ جهڙو وهٽ ملي ويس. پيو ڇا ڪپيس. ڪمائي بہ روز سرس ٿيندي ويس. ان ڪري واڌي کان گاڏي جي ضروري مرمت ڪرايائين. ڪِليون، ڪوڪا، ڪِلپون، نٽ، بولٽ، وهاٽيون، رسڪڙيون، ڪن جي مرمت ڪرايائين تہ ڪي مرڳو ئي مٽايائين. ٽائرن ۾ ٽيوب بہ نوان وجهرايائين.

گاڏي جي مرمت سان گڏ، وهٽ جي چاري تي بہ خاص ڌيان ڏيڻ لڳو. روز رات جو هن کي ٻہ ڪلو ٻاجهر، ٻہ ڪلور چانورن جو بوسو، پنج ڪلو مَڪئيءَ جي ڪُتر، پنج ڪلو ٻُھ ڏيڻ لڳو. ان سان گڏ، خفتين جي چوڻ تي ڪاري جيري، هُڙٻو، ڄانيو ۽ پپ هيڊ بہ ٿوري ٿوري داڻي ۾ ملائي هن کي ڏيڻ لڳو.

ٽامي گهر ۾ ڇا آئي، ڪنگلي جو ڀاڳ کلي پيو. گهر وارن جي منهن تي بہ ڄڻ رونق اچي وئي. ڦٽين جي سيزن جي ڪري، پندرنهن سون کان وٺي، ٻن هزارين تائين سندس ڏهاڙي ڇٽڻ لڳي. ان ڪري هو بہ دل کولي گڏھ ۽ گاڏي تي خرچ ڪرڻ لڳو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ ٽاميءَ جي ڳل بہ سائي ٿي پئي. هُوءَ بہ قاسم کي پنهنجو مالڪ، دوست ۽ خير خواہ سمجهڻ لڳي. ماڻهن جي ميڙ ۾ بہ هن کي سڃاڻيندي هئي. هُن جو آواز ٻڌي چوطرف ڪَنائيندي هئي.

روز شام جو گاڏي مان کولڻ کانپوءِ قاسم ڳوٺ جي ميدان ۾ وٺي وڃي ٽاميءَ کي ”ليٽاڙو“ ڪرائيندو هو. شروع شروع ۾ تہ هُو واڳ جهلي، ڪيس وٺي ويندو هو. پر ڪجھ ڏينهن کانپوءِ، هُوءَ بنا واڳ جهلڻ جي سندس پٺيان پٺيان هلڻ لڳي ۽ ڪيڏي ڪيڏ مهل، ڪوڏ مان، ٻوٿ وڏائي، قاسم جي ڪُلهن تي ڪانهرُون ڪندي، مِٺا مِٺا چڪ بہ هڻندي هئي. اِها ئي بي زبان جانور جي پنهنجائپ ، اها ئي ان جي محبت ۽ سچائي هئي. قاسم ائين ڀاسندو هو، ڄڻ سندس ننڍڙي ڪِڪي ”پپي“ سندس ڪُلهي تي چڙهي، اهي رانديون ۽ ڪَيچلون ڪندي پئي هلي.

ميدان ۾ پهچي، ٽاميءَ جو لغام لاهي، ڪيس ڇُڇڪاريندو هو تہ، هُوءَ زمين کي سونگهي سونگهي، گوڏا ڪوڙي، ليٽڻ شروع ڪندي هئي. ساڄي، کاٻي، کاٻي، ساڄي، واري واري سان، ٻئي پاسا زمين سان رڳڙي، آسيس وٺندي هئي. پندرنهن ويھ منٽ ليٽڻ کانپوءِ اٿي بيهندي هئي. جسم کي ٽي چار زوردار ڇنڊڪا ڏيئي. سموري مٽي ڇنڊي، بہ ٽي ڦونگهارا هڻي سڄي ڏينهن جو ٿڪ لاهي مالڪ وٽ هلي ايندي هئي. سندس اکين ۾ اکيون وجهي. ائين ڏسندي هئي ڄڻ چوندي هجي ”بابا، گهر هلون؟“ تڏهن قاسم ڪيس لغام ڏيئي، پوتڙي سان سندس سڄي جسم کي ڇنڊي صاف ڪري گهر ڏانهن وٺي ايندو هو.

ٽاميءَ جي مشهوري سڄي علائقي ۾ ٿي وئي، ملڪ ۾ هونئن ئي چوراڪاري لڳي پئي هئي، ان ڪري قاسم، شهر مان ٿُلهي سَنگهر ۽ تالو وٺي آيو، روز رات جو ٽاميءَ کي سنگهر سان، ڪٻڙ ۾ ٻڌي، تالو هڻي ڇڏيندو هو ۽ پوءِ ڪڙھ تي ڪنڌئي جا ڍينگر ڏيئي، الله جي آسري سمهي پوندو هو.

موسم بدلجي چڪي هئي، هاڻي پڊر ۾ سمهڻ ڏکيو ٿي پيو هو، ان ڪري ٻين وانگر قاسم بہ پراڻي رليءَ ۾ ويڙهجي، اندر سمهڻ لڳو هو. تڏهن بہ ڪيڏي ڪيڏي مهل اڌ رات جو اٿي، مالوند ماڻهن وانگر، ڪنگهارو ڪري اڱڻ ۾ بہ ٽي چڪر ڏيئي، پنهنجي هوشياري ۽ سجاڳي ڏيکاريندو هو. هينئر هن وٽ، ٽاميءَ کي ٽي مهينا پورا ٿي چڪا هئا. چڱيءَ ڪاڏي ۽ ٺهل جي ڪري، هاڻي هن جي جسم تي رت وريو هو. هُوءَ ڏينهون ڏينهن، سهڻي ٿيندي پئي وئي. صابڻ، شئمپو ۽ برش سان وهنجارڻ جي ڪري هن جي جسم تان مٽيءَ مَرُ ۽ پگهر جا پراڻا تھ، ڪڏهوڪا لهي ويا هئا. هينئرهوءَ پئڪ ٽيل جاپاني گڏيءَ جيان، تازي پنيءَ مان نڪتل ٿي لڳي. روڊ تي ڊوڙڻ وقت، سندس ڳچيءَ ۾ ٻڌل، ڇيرن، جي ڇم ڇم، ڪُرن جو وارڙيو آواز ۽ قاسم جي سِيند گڏجيِ هڪ اهڙو رِدَم ٺي ٺاهيو، ڄڻ ڪنهن رڪارڊ ٽيل گاني جو ڪو ٽڪر هجي.

علائقي جي هر خفتيءَ جي خواهش هئي تہ، هُو ڪنهن بہ حيلي، بهاني سان قاسم سان ٽاميءَ جو سودو ڪن. پر قاسم بہ ٽاميءَ کي ساھ سان سانڍيو ويٺو هو، ڏيڻ جو نالو ئي نہ ٿي ورتائين.

سڄي ڏينهن جي هڻ هٽان کانپوءِ ٿڪجي، ٽُٽِي، ان رات جيئن ئي هو سُتو هو تہ ننڊ جا ڪيپ چڙهي ويا هئس. اڃان آڌي رات بہ نہ ٿي هئي تہ ”يار“ هن جي در تي پهچي ويا. منگهي تي ڏنل ڪنڊيءَ وارا ڍينگر، احتياط سان هٽائي، ٽي ڄڻا اندر داخل ٿيا. هڪڙو ڄڻو کهاڙي کڻي، قاسم جي در ٻاهران بيٺو، ٻيو همراھ پستول پري، ٻاهرئين گهٽيءَ تي نظر ڪري بيٺو، ٽيون همراھ بانس جو پَٽ چڙهيل ڏنڊو کڻي ٽاميءَ ڏي ويو. هن کي توقع ئي ڪا نہ هئي تہ ڪو ٽاميءَ کي سنگهر ۽ تالا لڳل هوندا. اشارن سان باقي ٻن همراهن کي پاڻ وٽ گهرائي سڄي ماجرا ٻڌايائين. اجنبي ماڻهن کي ويجهو ڏسي، ٽامي مچرجي پيئي، اکيون ڦوٽاري، وڏا وڏا ڦنگهارا هڻي، هنن کي ڊيڄارڻ جي ڪوشش ڪيائين. ان مان ڪو فائدو نہ ٿيو، تہ لتون، پُستيون ۽ چَڪ هڻڻ شروع ڪيائين. تڏهن بہ چور نہ مڙيا تہ هن باقاعدي جهيڙو شروع ڪيو. نراڪٽي، ماهر باڪسر وانگر اڳين پيرن سان ”دستا“ هڻ شروع ڪيائين، بہ ٽي سنڌائتا ڌڪ، چورن کي لڳا تہ هو بہ چڙي پيا. ٽاميءَ کي منهن، سيني ۽ گوڏن ۾ زوردار ڌڪ هنيائون. ٽاميءَ زور زور سان هينگڻ ۽ هڏڪڻ شروع ڪيو. ان ماران ماري تي بہ مالڪ جي اک نہ کلي. البتہ پاڙي وارو حاجي نورل جاڳي پيو. هن وچئين پٽ تان اُرهاٽي، ٽامي ۽ چورن جو جهيڙو ڏٺو تہ زور سان هڪل ڪيائين:

”ڪهڙا آهيو؟“ هڪل ٻڌي، چور املڪ ڀڄي ويا. هن پويان بندوق جا بہ ٽي فائر لاڳيتا ڪيا تہ سڄو ڳوٺ جاڳي پيو. هر طرف ٻائيتال مچي ويو.

”نہ ويا هوندائو...“ ”اچي پهتا آهيون...“

”وارو ڪريو، اڳ وٺون.“

ڳوٺ کان ٻاهر، روڊ جي پاسي ۾ بيهاريل موٽرسائيڪل تي ويهي، ٽہ چور ڀڄي ويا. ٽيون، ڳوٺ ۾ ئي ڪٿي گم ٿي ويو. ڳوٺ وارن جو قاسم جي گهر ۾ ميڙ لڳي ويو. هر ڪنهن جي نظر ٽاميءَ تي لڳل هئي، جنهن جي ٻوٿ ۽ گوڏن مان رت ٽمي رهيو هو. هوءَ ڪن پل ۾ ئي ڪومائجي ۽ ڪاراٽجي وئي. قاسم چُلھ مان چار ڪٽي هن جي زخمن تي ٻُرڪي، رت بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. ڪُلهي وارو انگوڇو ڦاڙي ٽاميءَ کي پٽيون بہ ٻڌندو رهيو. شُڪر ٿيو جو مسڪينن جي دنيا لٽجڻ کان بچي وئي. ٻئي ڏينهن صبح جو سوير، قاسم شهر مان مال جي ڊاڪٽر کي وٺي آيو، جنهن لوشن سان زخم ڌوئي، صاف ڪري، ٽاميءَ جي ملم پٽي ڪئي، پلاسٽڪ جي بوتل ۾ گرم پاڻي پري، هن جي جسم جي سوڄ وارن حصن جي ٽاڪور ڪئي، خفتين وري ڏس ڏنس تہ، هيڊ، تيل ۽ ڪَڙُ، ڪير ۾ ڪاڙهي. ان جون لُپريون ٻڌيس تہ سور ڇڏي ويندس. ڪنهن چيو تہ ٽاميءَ کي، ڪنهن جي ”نظر“ ڪائي وئي. دوسو دلبر کان ڌاڳو وٺرائي ٻڌينس.

”اهو تہ اڳي ئي ٻڌل اٿس.“ قاسم هلڪو

# ماسڪو مان پيوند ٿيل انب...



پير عبيد راشدي

چاچو جمعو اسي ورهين جي ڄمار ۾ هوندو سدائين اڇو وڳو ۽ سفيد ۽ اڇي ڪپڙي جي ٽوپي پهريل. پيريءَ ۾ هوندي به انبن ۽ صوفي ٻيرن جي ڇانگ ۽ پيوند پاڻ ڪندو. جڏهن به ٽنڊي قيصر کان درگاهه شريف تي ايندو ته موسم آهر انب، صوفي ٻير ۽ زيتون ڪٽيو اچي. هڪ به راتيون ٻاهرين مرداني ننگر خاني يا مسجد شريف ۾ عبادت ڪري. ويهه پنجويهه سال اڳ لڏي سان ايندو هو ته ڪارڻ برقن واريون عورتون گڏ هونديون هئس. ماسي وَڏُو ماسي بشير ماءُ جهان ڇڏيو ته چاچو جمعو اڪيلو پاڪپوٽي سان گڏ ايندو هو. سندس اڪيلو پٽ مرحوم بشير خان هو ته ڪنڌار ۽ اڙينگ پر ايم آر ڊي تحريڪ ۾ فوجين هٿان ڪنيچي پهرين نارا جيل ۽ پوءِ سينٽرل جيل حيدرآباد مان ڦٽڪا کائي، هڏ ڪاٺ ڀڃرائي جڏو ٿي ويو. ڪٽ تي هوندي به سنڌ جي آجپي جا خواب اکين ۾ سينگاريل هوندا هئس. رات ٽيندي ئي بي بي سي جي نشريات ڪن تي هوندي هئس. ٽنڊي قيصر جي ٻروچن جو درگاهه شريف سان ستن پيڙهين کان روحاني رشتو هو.

ڪامريڊ قادر بخش جي امڙ ماسي قادن ماءُ ۽ ماسي وَڏُو ماءُ جن رت جون ماسيون هيون. نيڪ سيرت، تجدگذار ۽ سرائڪي ٻوليءَ ۾ مٺو ڳالهائڻ واريون هيون. گذريل پيري چاچو جمعو درگاهه تي آيو ته هن ڪانئس پڇيو ”ڪامريڊ قادر بخش جو ڪٽنب ٽنڊي ايندو آهي؟“ پڇندي ڪيس ٽنڊي قيصر جو هڪ ٻيو مٽيادار انسان ياد پيو جو سنڌ روڊ ٽرانسپورٽ جي سرڪاري لاريءَ جو خاڪي پوش ڊرائيور هوندو هو. هو جڏهن حيدرآباد کان ڪوٽڙي ڪبير روٽ تي لاري هلائيندو هو ته درگاهه شريف واري اسٽاپ ۽ انهي جي سڏ پنڌ قومي شاهراهه تي ننڍن نيڻن پيرن کي نوڪرن چاڪرن سان گهمندي ڏسندو هو ته لاري بيهاري نياز نوڙت سان ساڻن ملي خرچيون ڏيئي لاري ۾ وچي چڙهندو هو.

”ڪامريڊ جو ڪٽنب ولايت ۾ آهي، ڪنهن قضا سانگي ڳوٺ ايندو آهي ته ڪراچي ۾ ڪجهه وقت رهي موٽيو وڃي“. چاچي جمعي ڪامريڊ قادر بخش جي اولاد جو اورڻ ڪيو. ولايت مان سندس مطلب لنڊن هو.

”ماسي قادن ماءُ ۽ ماسي وڏو رب کي پرتيون ته هاڻ ڪا پهر ورلي ٿي اچي!؟“ ائين پڇندي ڪيس ٻاروتڻ جي سانپار آئي جڏهن هو رات ٽاٽي ۾ فانوسن ۽ گاسليٽي بتين جي سهائي ۾ هنن جي هنج ۾ ليٽيل هوندو هو ۽ هو ذڪر الاهي پي ڪنديون هيون ۽ ميرا نجهڙي سهائي ۾ تارا پيو ڏسندو هو.

”نه مٺا سائين نه اباٽي تند ڪڏهن کان ڇڄندي!“

چاچي جمعي نوڙت ۽ سڪ مان وراڻيو.

ماسي قادن ماءُ جو پٽ ڪامريڊ قادر بخش الهڙوهي کان ٻٽيادو ڪاهوڙي، ڪامريڊ، پنهنجن وڏڙن وانگر خلافت تحريڪ، خاڪسار تحريڪ ۽ ريشمي رومال تحريڪ جون ڳالهيون ٻڌي حيدر بخش جتوئي جو ٻيلي ٿيو. ڪامريڊ 1970 کان اڳ ۽ پوءِ جا ٻه ٽي سال ڪراچي ۾ روسي سفارتخاني کي ٻنهه ويجهو هوندو هو. سوشلزم ۽ مارڪسزم جا ڳرا ڪتاب رٽيل هوندا هئس. انگريزي ۽ فارسي زبان جو پارکو هو. ڪراچيءَ ۾ ڪنهن ترقي پسند پريس ۾ ڪم ڪندڙ ڪنهن حسين ڇوڪريءَ سان پيچ اڙائي ويٺو. هو ٻئي دنيا ڀر جو نظرياتي ۽ تخليقي ادب ترجمو ڪندا هئا ۽ ڪڏهن ڪنهن لفظ، اصطلاح پيراگراف کي سمجهڻ لاءِ پريس ۾ دير دير تائين ويچاريندا هئا. ۽ پوءِ جڏهن داخلي احساسن کي سمجهڻ لاءِ منجهي پوندا هئا ته زبان بجاءِ اکين مان تشريح ملي پوندي هئن. حسن اسڪائر، جيل چورنگي ۽ ماڊل ٽائون تائين ڊگهو پنڌ ڪري ٿڪا هئا ته مين يونيورسٽي روڊ ڪراس ڪري “Bosybee” ريسٽورنٽ وڃي ويهندا هئا. ريسٽورنٽ ۾ ويٺل ڊاپيل خماريل ڪسٽمرز جي جنسي بک وڌي ويندي هئي ۽ اکين تي ڪيپ چڙهي ويندا هئن. عورت جي حسن جهڙو ڪو ٻيو ڪيپ ڪيف ٿيندو ئي ناهي. دنيا ڀر جي اڪثر پياڪن جي ڪيف سرشاري جو ڪارڻ ڪنهن وچڙيل پريميڪا جي ڪري هوندو آهي. هو خماريل اکين سان وچڙيل ڪونج جو پرتووء ڪنهن ٻي حسين عورت جي اکين مان لهندا آهن. ڪامريڊ ريسٽورنٽ ۾ ويهي اڪثر ”پريس مان پورهئي جي اڻپوري پگهار تي ويچاريندا هئا.“

”نور نچوئي دنيا جو لٽريچر ترجمو ڪريون ٿا هاڻ ته عينڪ ضروري ٿي پئي آهي.“ ڪامريڊ جي پريمڪا تي عام ڪسٽمرز جي بڪايل نظرن جي ڪڙي تيز اس وسيل هئي ۽ هن ڪسٽمرز جي بڪايل نظرن کي محسوس ڪندي ڪامريڊ جا ڪتاب اٿلايا. هن جي ڪراچي يونيورسٽي مان اردو ۽ انگلش ۾ ماسٽرس ڪيل هئي. پر ماسٽرس ڪرڻ دوران سندس ادراڪ ايترو روشن نه ٿيو هو جيترو ڪامريڊ جي آدرشي نظرياتي ڳالهين مان پرايو هئائين.

”دنيا جي بيٺڪي ديسن ۾ مزدور، هاري جي ڪمائي نه هئڻ برابر آهي، سنڌ ۾ ڪنهن وقت هاريءَ کي بٽئي نصيب ڪا نه ٿيندي هئي پر پوءِ تحريڪن جي ڪري ملڻ لڳي. اڄ به سنڌ جو هاري، مزدور پٽن اگهاڙو ان لپ لاءِ ماندو آهي.“ ڪامريڊ جي ڳالهين تي هن ڪيس گهور وڌي.

ڪامريڊ جي اکين ۾ داخلي ڪيفيتن جي رچنا اگهميل ڏسي مرڪي پڇندي هئس ”ڪامريڊ تنهنجين اکين کان ڪٿي آدرشي نظرياتي ڳالهيون داخلي ڪيفيتن جي گهٽين ۾ گم نه ٿي وڃن؟“

”جاڪوڙي ۽ ڪاهوڙي ماڻهو مجاز جي ڏيڻ مان لٽجي اٿجي پاڻ بچائي نڪتو ته هو ڌرتي جو شاهي وڻ ٿي پوندو آهي ۽ پوءِ نئين ٿهيءَ ان جي ڇانوَ جو واس وٺي اڳتي وڌندي آهي، ٻڌين پئين نه جيني؟“ هن پريمڪا کي خيالن ۾ ڏسي پڇيو.

”جيني؟“ پريميڪا جي اکڙين ۾ حيرت جو آڪاس لٿل هو.

”ها تون جيني آهين ۽ آئون ڪارل مارڪس جي آدرش جو پانڌيئڙو. ڪارل مارڪس جي محبوبا جو نالو جيني هو. هو برلن يونيورسٽي مان ان ڏانهن خط لکندو هو. ڇا مجاز جي گهٽين ۾ ڪارل مارڪس پنهنجو آدرش وڃائي ويٺو هو؟“

ڪامريڊ جي وراڻي تي پريميڪا جي چپن تي مختصر نظم جهڙي مرڪ ليئو پائي وئي. ڪامريڊ جي سخت پورهيت هٿن تي هن جا نرم هٿ ائين وڪريل هئا جيئن هل پارڪ جي سخت پهاڙي تي گل مور ۽ املتاس جا نرم چٽيل گل.

هو ڪڏهن ڪڏهن حسن اسڪوائر جي پوئين پاسي سرڪيولر ٽرين جو ٽريڪ ٽپي وسيم باغ ڏانهن هليا ويندا هئا. باغ مان گل پٽي هڪ ٻئي کي ورڪا ڪندا ۽ ڪتابن ۾ سجائيندا هئا. ڪامريڊ باغ جا وڻ ۽ گل ڏسندو هو ته ڪيس ٻاروتڻ ياد پوندو هو. جڏهن هو ڳوٺ جي هڪ جيڏن سان باغن مان مور، ڊيل جي پرن جا کنڀ ڪٺي قرآن شريف، فارسي جي پهرين ڪتابن گلستان، بوستان ۽ گيتا ۾ رکي ڇڏيندو هو.

”ماڻهو، گل،مور يا ڊيل جا خوبصورت کنڀ ڪتابن ۾ ڇو رکندو آهي؟“ ڪامريڊ پڇيو. هن جو لهجو ڌيمو ۽ وڪريل هو. پريمڪا مرڪي ڪامريڊ کي ڏٺو ۽ پوءِ باغ ۾ ڏسندي رهي.

”ها ٻڌ؟“ ڪامريڊ مختصر ڳالهايو.

”ماڻهو جي نهار آزاد ناهي. ڪٿي نه ڪٿي قيد ۾ باندي رهي ٿي. گل به هوائن ۽ موسمن ۾ نڪري مٽي ۾ مليو وڃن يا ڪڏهن ڪتابن جي ورقن ۾ قيد ٿيو وڃن ۽ پوءِ ڪتابن ۾ گل رکڻ وارا الائي جي ڪٿي وڃيو نڪرن.“

هو ڪڏهن ڪڏهن جيل چورنگي کان گهٽو اڳتي پيپلز سيڪريٽريٽ واري چوراهي تي وڃي نڪرندا هئا ۽ پيپلز سيڪريٽريٽ تي هوائن ۾ ڦڙڪندڙ جهنڊو ڏسي ڪامريڊ جون مٺيون پيڪڙجي ونديون هيون ۽ روح جي ڪڙاڻ چپن تي اچي ويندي هئس. ”فيوڊل سيڪريٽريٽ ابوجهه عوام سان ناٽڪ!“

ڪامريڊ کي فوجي حڪومتون ته راس نه آيون پر بنگالين جي قوس جي صدقي ۾ مليل جمهوري حڪومت پڻ راس نه آئي. سچ لکڻ ڳالهائڻ جي ڪري انٽيليجنس پويان هوندي هئس، انڊر گرائونڊ رهندو هو ۽ ڌرڻن جلسن جلوسن ۾ اوچتو نروار ٿيندو هو ۽ تقرير ڪري گم ٿي ويندو هو ۽ پوءِ وطن جون سرحدون ڇڏي پشاور افغانستان ٽپي ماسڪو وڃي پهتو. جتي ورهين جا ورهيه رهيو. جلاوطنيءَ جي شروعاتي ڏينهن ۾ مٽ مائٽن ۽ نظرياتي ساٿين ڏانهن خط موڪليندو هو ۽ پوءِ لکڻ ڇڏي ڏنائين. پويان ملڪ ۾ ساڳي براند جون نئين پيڪنگ سان ڪيتريون حڪومتون آيون پر ڏينهن راتيون ساڳيون هيون. ڪامريڊ قادر بخش ڪيترن سالن تائين مٽ مائٽن ۽ دوستن سان رابطي ۾ نه رهيو ۽ نه ڪو خط لکيو ته هنن کي الڪا وهم ورائي ويا. ويتر

ماڻهن ماسي قادن ماءُ کي پٽ لاءِ ڌهري ٽيڻ جو ٻڌايو ته ننڊون ڦٽي ويس. ڏينهن رات پٽ لاءِ دعائون پئي گهرندي هئي. ڪنهن هڪ پيري ٻن هڪ جيڏين سان مراد وندي ٽي درگاهه تي آئي ته لوهه جي پيتي مان ڪامريڊ ۽ انهي جي ڪتب جا پرڏيهه مان موڪليل فوٽن جا البم ور ور ڪري پاڻ ڏسندي ۽ ٻين کي ڏيکاري لڙڪ لاڙيندي ۽ اوسارا پريندي هئي. صبح جو ٽاٽو هو.سج جا ڪرڻا اجا درگاهه جي اوطاقن، حويلين، اندرين زناني چودري واري مسافر خاني ۽ ٻاهرين مرداني ننگر خاني جي ڇتين ۽ اڱڻ تي نچاور ڪو نه ٿيا هئا. بيراج جي ٽاپ ۾ ٻنين ۾ چرندڙ ڳنون ۽ مينهن جا ڇڙاپي وڳا سائينءَ وڏي قرآن شريف جو دور پورو ڪري هيٺ نخ تي ويٺل مراد وندين عورتن کي ڏنو. جيجي وڏيءَ سائين وڏي اڳيان دسترخوان تي ناشتو رکيو ۽ پوءِ ساڻ بيٺل ڇوڪريءَ کي سائين جا هٿ ڌهرائڻ لاءِ اشارو ڪيو. ٽامي جي پراڻي لوٽي تي سن 1930 لکيل هو. جيجي وڏي نخ تي ويٺل عورتن کي ڏسي وري بيهر ماسي قادن ماءُ جو ڏکويل مک ڏٺو. جيجي وڏي ۽ ماسي قادن ماءُ هڪ جيڏيون ٻاروتڻ جون سرتيون هيون. اڪثر ٽوپو سڙو، ذڪر فڪر ڪري عمر ۾ جون ڳالهيون ڪنديون هيون. محرم جو مهينو ڏسبو هو ته خير خيرات ڪنديون هيون. هنن جي ساناڻن ۾ انگريز دور ۾ درگاهه شريف تي خلافت تحريڪ جا ميڙاڪا ۽ جلسا هر وقت پيا وسندا هئا. جتا تيار ٿيندا هئا ۽ پوءِ انگريز، خلافت تحريڪ جو مرڪز ختم ڪرڻ لاءِ سازش سٽي درگاهه نشين جي ٻن وڏن شهزادن کي پڳداريءَ تان جهيڙو ڪرايو. پير، فقير جماعت دربدر ٿي وئي.

"جيجي 10 محرم الحرام تي آلِ رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم شهيد ٿيا ته پنهنجا ڪامل مرشد به 10 محرم تي گريٽ مارڪ واهه تان بيڙا ٻتيلا ڪاهرائي درگاهه کي ويران ڪري ويا!" ماسي قادن ماءُ اڪثر انهي تاريخ جي نسبت سان ڳالهه ڪٽندي هئي.

ها ادي ڪيترا سال پڳداريءَ جو ڪيس هليو، درگاهه تي برٽش آرمي جو پهرو هوندو هو. تاريخي مدرسي جي ڇت تان خلافت تحرڪ جو جهنڊو لاٿو ويو. تاريخي وڏي ڪتب خاني مان قيمتي ڪتاب چورائجي ويا. ڪيس پهرين حيدرآباد، ڪراچي، بمبئي ۾ هليو ۽ پوءِ ولايت لنڊن جي پروي ڪورٽ مان فيصلو اسانجي فائدي ۾ آيو"

جيجي اهو به ٻڌل آهي ته گريٽ مارڪ واري انگريزن واري بنگلي تان انگريز ڪرنل درگاهه کي ڪڙو ڇاڙهي بنگلي کي جهرتي ڏيڻ آيو، ڪرنل جهرتي ڏيندي جيئن پير سائين واري خاص ڪمري واري ديوار واري ڪٻٽ جو تاڪ ڪوليو ته اندر حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي جتي مبارڪ وارو نعل مٽي ۾ اچي لڳس ته "پير سائين مرڪندي چيو "اچ انگريز کي پاڙ لڳو آهي، اهو انهن جي شڪست جو اشارو آهي". جيجي وڏي ۽ ماسي قادن ماءُ جي احساسن ۾ ورهيه پراڻيون ڳالهيون وسيل هيون.

سائين وڏي ناشتو ڪري ورتو

"قبلہ سائين. ادي قادن ماءُ پٽ جي فراق ۾ ننڊ وڃائي ڇڏي آهي، دعا جو سڳو، وظيفو ڏيوس." جيجي وڏي سائين کي ايلاز ڪيو.

"امان الله سبحان ڪارساز آهي، اسم الاهي يا جامع يا واجد ساندهه هفتو پڙهه!"

گگدامن جهڙين وسوڙيل عورتن مان ڪنهن سائين کان اولاد ٿيڻ لاءِ لونگ پڙهايا ته ڪن مڙسالن جي مستي هستي ختم ڪرائڻ لاءِ ڪنڊ پڙهائي.

ماسي قادن ماءُ سانده ست ڏينهن نه ڏني صبح نه رات چودري واري اندرين ننگر خاني جي هڪ ڪنڊ ۾ ڪجهءَ جي قرهن واري نخ تي وظيفو پڙهندي رهي.

ستين ڏينهن جي شام ڪوٽ جي لکي در تي اندر جاڻ ڪرڻ وارو لوهه جو ڳرو گهنڊ وڄڻ لڳو. حويليءَ مان پراڻي ٻانهي صفوران در تي ٽڪڙي وڃي موٽي ماسي قادن ماءُ کي خوشخبري ڏيندي منائي ڪارائڻ جو چيو.

ماسي قادن ماءُ تڏي تان اٿڻ کان پهرين شڪراني جو نفل ادا ڪيو ۽ حال سارو ٽڪڙي وڪ کٽي لکي در تي وڃي ڪامريڊ پٽ کي پاڪرن ۾ ڪيو ۽ چميون ڏنيون. ڏکهي جلاوطني، افغانستان، ماسڪو ۽ انگلينڊ جي اوپري سرد موسمن ۾ ڪامريڊ سڪي سڪي هڏا ٿي ويو هو. شروع شروع ۾ جڏهن جلال آباد، ماسڪو ويو هو ته سرد موسمن جي ڪري نه پر ڌاري زبان جي ڪري زبان ڏکندي هئس پر پوءِ جڏهن هندوستان ۽ بنگلاديش مان هم خيال مارڪسٽ پهتا ته اردو زبان جي بيساکي ڪم آيس ۽ پوءِ هو سڀ روسي زبان سکي ويا. ڪامريڊ ۽ سندس ساٿي ڏکهي جلاوطني جو غم غلطان ڪرڻ لاءِ ڪلبن ۾ هليا ويندا هئا نرتڪين سان پيهر ڪٽندي ۽ وڏڪا چين تي لائيندا هئا. پهرين ڏينهن جڏهن ڪامريڊ نرتڪي جي ٻانهن ۾ جُهلندي پيهر ڪنيا ته نرتڪيءَ ۾ سرٻاٽ ڪندي چيو هئس تون پراڻو پختو ڊانسر لڳين ٿو".

"جلاوطني ٽانڊن جي ماتم وانگر ٿيندي آهي، اها پيهر پختا ڪري ڇڏيندي آهي." ڪامريڊ چيو ته ائين پر جڻ چيو هئائين. ٽنڊي قيصر، ٽنڊي جام، ڪراچي ۽ پشاور کان ٽانڊن تي رقص ڪندو آيو آهيان. ڪامريڊ کي ماسڪو ۾ جڏهن به ديس جي ياد ستائيندي هئي ته هو روڊ رستن تي ٽريفڪ جي روشني ۾ لينن جي مجسمي کي چمڪندي ڏسي ڪلب ۾ ووڏڪا چين تي لائيندو ۽ ساڳي پهرين ڏينهن واري نرتڪي جي ڪلهن تي هٿ رکندو هو. ڪلب جي شيشانهين وڏين درين تي نچندڙن جا پاڇا پيا پوندا هئا. الائجي چو نرتڪيءَ جي اکين مان ڪراچي واري پريس ۾ ڪم ڪندڙ پريمڪا جو پاڇو سامهون اچي ويندو هئس. ڪامريڊ هوندڻ به آزاد هندوستان لاءِ پتوڙيندڙ هو. پر فطرت صوفياڻي هوندي هئس. صوفياڻي فطرت جي ڪري لالچ لوڀ کان پري رهندو هو. جلاوطني جي ڏينهن ۾ ريڊيو ماسڪو تان روسي زبان ۾ لوڪ گيت ۽ ثقافتي پروگرام ڪن تي پوندا هئس ته سنڌ جا وڻ سامهون پائيندو هو. دل هڏائين پڃري مان اڏامي ٽنڊي قيصر جي باغن ۾ وڃي آڪيرو ٺاهيندي هئس ۽ پائيندو هو جڻ اباڻي ڳوٺ جي ڪيڙي ٽيل ٻني جي واٽر ڪورس تي ڳوناٺن سان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان فتح خان جي ڪچهري، استاد جمن ۽ استاد منظور علي خان جا ڪلام پيو ٻڌي ۽ پوءِ اکين ۾ پاڻياٺ لهي ايندي هئس.

اڄ به اکين ۾ پاڻياٺ هئس پر اڄ ماسڪو ۾ نه پر سنڌ جي ڌرتي جهڙي وشال جيجل ماءُ جي ٻڪ ۾ هو.

"ابا اڃا پئجي ويئي ڏٻرو ٿي ويو آهين، جوان ٿي ويو هئين، تڏهن به مٽي مان جون، ليڪون آئون ڪيندي هئي ۽ وارن جي سينڌ مون ڪان ڪيرائيندو هئين. رات جي اونداهي پاڇولن ڏينهن جي فطرتي روشني کي راڳو هٽي جڻ 1947 واري مسلم ليگي قيادت ۽ مسلم ليگي نيشنل گارڊن جي لباڙ وانگر سج جي روشني کي ننڍي ڪنڊ وانگر به اڏ ڪري ڇڏيو. لکيءَ در تان منتڊر ماڻهن ۽ چوڪيدارن ماءُ پٽ جي سڪ سمجهي ٿي الائي جي نه پر رات جي هوائن ۽ لکي در تي لڳل سرچ لائيٽ ماءُ پٽ جي سڪ پروڙي ورتي.

ماسي قادن ماءُ سڏڪو ضبط ڪري سڪ وچان ڳالهايو:

"ابا ايڏا ڏينهن لاڻي ڇڏيئي؟ ابا جڏهن سياري جون راتيون اينديون هيون پاڙي جي ڪنهن گهر مان ڪنهن ٻار جو ماءُ ۽ پينرن سان رٻ ناهڻ جو انگل ٻڌندي هيس ته تنهنجا انگل، ڪيتا ياد ڪندي هيس." قادن ماءُ لڙيل لڙڪ پرت واري پوٽيءَ جي پلئه سان اگهي ورتا.

ڪامريڊ قادر بخش ماءُ کي ماٺ ميٺ ۽ سڪ مان ڏٺو. هو ماٺ رهڻ وارو ته ڪو نه هو پر اڳيان لولي ٻولي سيڪارڻ واري هستي هئس. ڏکهي جلاوطني ڪيس سڪ سهپ سان رڱي ڇڏيو هو.

صبح جو ڏهاڙي جيان درگاهه ڪان ٻاهر نمن ۽ پپالن ٽالهين جي ڇانوَ ۾ ٽانگا بيٺل هئا. ٽورو پرپرو تاريخي، انقلاب برپا ڪندڙ وڏي شاندار عمارت وارو مدرسو هو ۽ ڪنڊ تي برصغير جو مشهور ڪتب خانو هو. ان مدرسي ۾ ڪامريڊ پڙهيو ته ڪو نه هو پر سندس وڏڙا قاضي فتح الرسول ۽ ٻيا مولانا عبيدالله سنڌي ۽ حضرت مولانا احمد علي لاهوري وٽ پڙهي خلافت تحريڪ جا سرگرم ڪارڪن ٿيا هئا. ڪامريڊ ننڍپڻ ۾ جڏهن به مائٽن سان درگاهه تي ايندو هو ته مولانا سنڌي جي بينڪ کي ڏسي اتساهه ماڻيندو هو. ڪنهن ٻڌايو هئس ته مدرسي جي وشال آڳر ۾ ڪوهي جو جتي گرم موسم ۾ مولانا سنڌي ۽ خلافت ۽ ريشمي رمال تحريڪ جا اڳواڻ وهنجندا هئا ته ويران ڪوهي کي ڏسڻ ويو. مدرسي جي مهاڙي تي خلافت تحريڪ جو جهنڊو نه ڏسي ۽ ويران ڪوهيءَ کي ڏسي هن چپن ۾ چيو هو، "ويران ڪوهي ۽ خلافت تحريڪ جو جهنڊو ۽ خلافت تحريڪ جو جهنڊو لهڻ ڪري انقلاب جا رستا بند ڪو نه ٿيندا آهن."

ڪامريڊ، ماءُ سان ٽانگي ۾ ريل ذريعي ڳوٺ وڃڻ لاءِ حيدرآباد ۽ پليجاڻي اسٽيشن لاءِ روانو ٿيو. ٽانگو مائنر واهه جي ٽاپ تي چڙهيو ته ماسي قادن ماءُ برقعي جي رومالي مان درگاهه جا وڻ ڏسندي ڳالهايو: "ابا هن درگاهه تو ڪي موٽايو آهي، جيئن تون ابن ڏاڏن وانگر درگاهه جو پانڌيڙو ٿين." ماءُ جي نهار درگاهه تان موٽي پٽ تي پئي . ڪامريڊ قادر بخش تي ماسڪو پيسٽر برگ جي هوائن جا گلاب وسيل هئا. ڪامريڊ کي خاموش ڏسي جيجل ماءُ جي چپن تي وري دعا ڳي جملي جو گلاب نڪري پيو. "قادر بخش جڏهن گهوٽ پنرو ٿيندي تنهنجا سهرا ۽ لائون درگاهه تي لهنديس!" ڪامريڊ مرڪي پوئين سيٽ تي ويٺل ماءُ کي سڪ وچان ڏٺو. مان کي ڏسندي هن ٻنين ۾ پوکيل

ڳاڙهن گلابن کي ڏنو. سنڌ جا ڳاڙها گلاب ڪيس دور پري ماسڪو پيسٽرڪ برگ لينن ۽ اسٽالن جي مجسمن تي رکيل گلاب ۾ گهڻو اڳ ڪراچي جي ڪنهن پريس ۾ ڪم ڪندڙ پريمڪا جا ڳاڙها ڳل ۽ چپ ياد ڏياري ڇڏيا. الائجي ڇو محسوس ٿيس سنڌ جي گلاب جهڙو گل سنسار ۾ ڪٿي به ڪونهي. جيتوڻيڪ مارڪسٽ ۽ سوشلسٽ هو ته هڪ مارڪسٽ سچي دنيا کي هڪ نظر سان ڏسندو آهي. گلابن کي ڇهي ايندڙ هوائن ڪيس هڪ پراڻو انگريزي شعر ياد ڏياري ڇڏيو.

Rings Shall Vanish from our noses,
And the harness from our back,
Bit and spor shall rest for ever,
Cruel whips no more Shall crack.

اهو نظم اڪثر ويجهن دوستن سان جهونگاريندو هو. گهڻو اڳ ڪراچي جي ڪنهن ترقي پسند پريس ۾ ڪم ڪندڙ پريمڪا ته انگلش لهجي ۾ جهونگاريندي هئي. انهي پريمڪا سان ڪامريڊ لڪ ۾ شادي به ڪئي هئي جا پوءِ ويم جا سور نه سهندي ڪراچي جي ڀهراڙي ۾ تڙپي مري وئي. ٽانگي مائنر واهه جي ڪچي ايپي موريءَ تي لوڏو کاڌو ته ڪامريڊ ڪرڻ جي خيال کان ماءُ کي ٻانهن ۾ قابو ڪري ورتو. ٽانگو ٿوري دير ڪانپوءِ ننڍي شهر جي ريل اسٽيشن تي بيٺل هو. ننڍي شهر جي ڪري اسٽيشن تي ويراني هئي. اسٽيشن ڪان پر پرو انگريز دور جو سرڪاري انسپيڪشن بنگلو هو. ٽريڪ لڳ ڪٽڪ جي ٻه جا لمبيل ديرا هئا. ٽرين حيدرآباد پهتي جتان ٽئڪسي ۾ ڳوٺ روانا ٿيا. واٽ ۾ ايندڙ ننڍن وڏن شهرن ۽ ڳوٺن کي ڪامريڊ سڪ مان ڏسندو رهيو. ٽنڊي قيصر جي باغن جا انب، زيتون ۽ ٻيريون هوائن ۾ پينگهه ٽيل ڏسي ڪامريڊ ماءُ کي چيو "امان جڏهن ماسڪو پئي ويس تڏهن وڻ رکيا پي ويا، انهن فارمي وڻن کان اڳ سنڌي انبن ۽ ٻيرن جا باغ هوندا هئا؟". ماءُ سڪ مان پٽ کي ڏٺو ۽ ڪيس مٿي تي هٿ ڦيريو.

ڪامريڊ تي اباڻي مٽي ڳوٺ جي پهر، موسم واسو ڪري وئي. ٽيڪسي باغ وارو رستو مٽي ڳوٺ جي بازار ۾ پهتي، گهٽيون، گهر ۽ اوطاقون کي ورهيه پراڻيون هيون ته ڪي نيون پڪ سريون نهي ويون هيون.

"اسڪول جي عمارت نئين نهي وئي، منهنجا استاد مٽيءَ ۾ پورجي ويا هوندا، باقي منهنجا جيڏا؟" ڪامريڊ کي پنهنجو جملو، پري کان جڻ ماسڪو، پيسٽر برگ ۽ لنڊن جي فضائن مان ايندي محسوس ٿيو. هونئن به هڪ جلاوطن ٽيل يادين ڪان گهڻو وقت پري رهندڙ ماڻهوءَ کي پنهنجا احساس، جملا ڪنهن اوپري ريڊيي جي نشريات جي پڙاڏي جيان محسوس ٿيندا آهن. ڪامريڊ جڻ پنهنجي ليکي ڳالهايو هو. جلاوطني ۾ ديس ۽ مٽ مائٽ ۽ آدرشي سٽ کي ياد ڪري پنهنجي ليکي ڳالهائيندو هو. "امان گهر جي ڇت ساڳي لڳڻ واري هوندي جنهن ۾ هوا ڏيڻ واري جهلي هوندي هئي، ڪٿن تي ونجڻا ۽ ڏيل مور جا ڪنب پيل هوندا هئا. اوڏ ڪيون ديوارون وهي ويون هونديون! ؟" ائين پڇندي سار اُلر ڪري آيس. ننڍپڻ ۾ ٽاڪ منجهند ماءُ پيءُ لاءِ جهلي پيو ڇڪيندو هو ته ننڊ به پئي ايندي هئس پوءِ ماءُ پيءُ جي ڪونگهرن يا ٻاهر در تي ڪنهن هڪ جيتري جي سڌ تي ٻاهر نڪري باغن مان انبڙين جو چاڙهو ۽ ڏيل مور جا ڪنب ڪٺي گهر موٽندو هو. ماءُ بدستور خاموش هئي ۽ هن ڳالهايو، "اوڏ کي مٽيءَ واريون ديوارون ڳري ويون هونديون، لڪڻن واري ڇت وقت جي مينهن هوائن ۾ ڪاچي ويون هونديون، ڪٽي پکين گهرن جي اڏجڻ سان مٽ مائٽن جي سڪ سرن ۾ ڏٻجي نه وئي هجي؟"

ٽئڪسي ڊرائيور سوڙهين گهٽين ۽ ڳوٺ جي ٻارڙن کي ٽيڪسي سان ڊوڙندي ڏسي رفتار آهستي ڪري ڇڏي.

ٽئڪسي پاڙا مٽيندي هڪ گهر آڏو بيٺي. گهٽي ۾ ٻارڙن لاٽون، اٽي ڏڪر ۽ بلور راند بجاءِ ڪرڪيٽ ٿي کيڏي. "سنڌ مان پراڻيون رانديون به ويون ته گهر ڍهي نوان ٿي ويا!" ڪامريڊ جي احساس پڙڪو کاڌو. ماسي قادن ماءُ، اڌ اڃي مٽي واري ڪامريڊ کي ننڍي ٻار جيان ڪمزور هٿن سان ونئي گهر جي ٻاهرين در مان اندر منهن وڏو برقعي جي رومالي مٿي ڪئي. نياٽين، ننهرن سڪ سان ٽڪريون ۾ ڏانهن ايندي هٻڪي بيهي رهيون ۽ هڪ ٻئي ڪان اشارن ۾ پڇڻ لڳيون "امان، ماسي سان گڏ ڪير آهي؟"

"امان رت جي چڪ ڪان ٿي ٿيو رت ته ڳالهائيندو آهي؟"

ماسي قادن ماءُ ڪين منو ڏڙڪو ڏنو. رات لهي آئي هئي انبن جي باغن جي ٻهڪ هوائن ۾ هئي ۽ ٻهڪ جي سڳند ڪامريڊ جي اندر ۾ پراڻيون سانڀارون ڪٺي آئي. هو ننڍپڻ ۾ ستارن پري رات ناني، ڏاڏي کان لوڪ ڪهاڻيون پڻ ٻڌندا هئا. تم تم ستارن ڪيس مرڪي جڻ ٻارڙن جا مائٽن سان کيل انگل، ڪيتا ياد ڏياريا.

ننڍپڻ ۾ جڏهن پيءُ سان ٽنڊوالهيار يا حيدرآباد جي شاهي بازار ويندو هو، جتي هندو عامل سيٺ يا ٻائي ٻولي ۾ وڻج واپار ڪندا هئا. ٽورو وڏو ٿيو ته اسڪول ۽ مدرسي جي هڪ جيڏن سان پيءُ جي هڪ جيڏن کان اڳ ۾ هليل تحريڪن خلافت، خاڪسار ۽ ريشمي رومال تحريڪ جون ڳالهيون ٻڌندو هو. ڪامريڊ اڄا الهوهي ۾ هو ته مسجد منزل گاهه جي آڙ ۾ کيل کوڙي سياسي ناٽڪ ڪيس ذهني طور رهڙي ڇڏيو ۽ پوءِ هڪ جيڏن سان جنوني انتهاپسندن جي خلاف احتجاج ڪيو هئائين.

صبح تي هئي پر اها صبح ڪامريڊ جي فڪر ۽ آدرش واري صبح نه هئي. ماسي قادن ماءُ اڃا نماز ٿي پڙهي، ڪامريڊ جا قد ۽ ڪنهن اٽڪاتي چڪ وچان پاڙو ۽ ڳوٺ کي ڏسڻ لاءِ ٻاهر نڪري ويا. ڳوٺ جي دڪانن ۽ هوٽلن تي وينل ماٺهن ڪيس اوپرين اکين سان ڏٺو. کي سنڌس عمر جا وينل هئا جن جي نظر پوياڙيءَ جي پاڇن وانگر هئي. هڪ بازار مان ٻي پاڙي ۾ ويو، پڪي عمارت سان پرائمري اسڪول جو بورڊ لڳل هو. هي اهو اسڪول جتي هو پڙهيو هو اکين ۾ سڪ ديرا ڪرڻ لڳيس پر ڪيس ڪا به پراڻي شي ڏسڻ ۾ نه آئي. ياد پيس اسڪول جي ميدان تي وڏا ٻار ۽ ڳوٺ جا ماڻهو والي بال، ونجهوٽي ۽ ڪٻڏي راند ڪندا هئا ۽ ڪامريڊ هڪ جيڏن ننڍن ٻارن سان ديوار تي چڙهي راند ڏسندو هو. ڪنهن هڪ شام ديوار تان راند ڏسندي ڪيس اسڪول ڪان ٻاهر ڪيڙي ٽيل ٻنيءَ ۾ ڪنهن چمڪندڙ ڏاتوءَ سنڌس ڌيان ڇڪايو، اکين ۾ حيرت لهي آيس ۽ پوءِ ڪنهن هڪ جيڏي ٻار سان ديوار تان لهي ٻني ۾ ويو. اهو چمڪاٽ ڪنهن هاريءَ جي ڪهاڙي ڏاتي جو هو. هٿ ڏاتي ڪهاڙي ۾ پئجي ويس هٿن ۾ اڄاتي شڪتي اچي ويس، ڪهاڙي ڪٽي هٿ مٿي ڪري ڇڏيائين ته دل جي ڌڙڪي ۾ هزارين ڪروڙين ستايل هارين، مزدورن ۽ انقلاب جي راهن ۾ شهيد ٿيلن جون التجائون، للڪارون، پڙاڏجي ويس. انهي هڪ چمڪاٽ سنڌس شعور جاڳائي وڌو. ڪيترائي سال پوءِ جاکوڙي جدوجهد ۾ ڪيس محسوس ٿيو ته قومي تحريڪ ۾ ڪهاڙي، ڏاٽو ڪوڙ سان سامراج جو بت ڪيرائي سگهجي ٿو. باغن مان چٽي ايندڙ انبڙين جي ٻهڪ ۽ مورن جي ٿهوڪي سنڌس خيالن کي موٽائي آندو. ٿڌوساهه پري سوچيائين انبڙين جي ٻهڪ ۽ مورٿهوڪي ڪانسواءِ هر شي کي وقت راتاهو هٽي ويو آهي. ننڍڙي هوندي پراڻي باغ مان انبڙين جي جهول پري ماءُ وٽ ڪٺي ايندو هو ۽ مانجهندي ۾ انبڙين جي چٽڻي ضرور هوندي هئي، سڀ کي مٽجي ويو. پر امان جي ڇانوَ ته آهي، امان جي هڪ ٻاجهه پري نهار ۽ ٻول ڏکهي جلاوطني جا ٿڪ لاهي ڇڏيا. ڪامريڊ مرڪي ڏنو ۽ پوءِ وچڙيل سوچ سان اسڪول جو ميدان لتاڙي پڪي ديوار تان موٽيو.

"سر اسلام عليڪم." ڪنهن ماستر ڪامريڊ جي مطبادار ۽ ڏيا واري هاٿي ڏسي شايد ڪيس تعليم کاتي جو عملدار سمجهيو.

"توهان؟" ڪامريڊ بدل نوع مان پڇيو.

"سر آئون استاد آهيان." ماستر نوڙت ۽ ادب مان ٻڌايو.

"توهان استاد ۽ آئون شاگرد." ڪامريڊ مرڪندي وراڻيو.

ماستر هو ته حساب ڪتاب ۽ جاگرافي جو رتيل پر ڪامريڊ جي لهجي جي ڪيمسٽري ڪيس وائڙو ڪري وڌو ۽ ڪيس ڏسندو رهيو. "هتي هاڻ ڪا به اهڙي شي نه رهي آهي جا پراڻي وقت جي واڳ سانڀار موٽائي سواءِ قدرتي هوائن، انبن جي ٻهڪ ۽ مور ٿهوڪي جي؟" ڪامريڊ اسڪول جي مهاڙي ۽ پوءِ اباڻي ڳوٺ جي نيري آسمان کي ڏسندي چيو.

"سر اسڪول جي پراڻن رجسٽرن ۾ توهان ۽ توهانجي هڪ جيڏن جا نالا ضرور هوندا."

ڪامريڊ، ماستر کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ميدان تان اپريل سج جي ڪرڻن تي اسڪول جي ڏکهي وراندي جي هڪ ننپ پراڻي وقت جو گهنڊ ڏٺو. انقلاب ۽ جاڳرتا لاءِ جتي ڏاٽو، ڪهاڙي ۽ ڪوڙ اهم آهن اتي اسڪولي گهنڊ به اهم آهي. ڪامريڊ تي مرڪ واسجي وئي. قدم پاڻ مرادو گهنڊ ڏانهن کڄي ويس. اسڪول جي ڪلاس رومن، ورانڊي ۽ ميدان ۾ گهنڊ پڙاڏجي ويو، وڄندڙ گهنڊ گرامر جا وفت جا سڀ زمان، ماٺا ڪري ڇڏيا، وڄندڙ گهنڊ ڪيس، ماسڪو، پسٽرڪ برگ ۽ لنڊن جي گرجا گهرن جا وڄندڙ گهنڊ George Or well

Soon or later the Day is coming
Tyrant mam shall be over thronn

George Or well جو نظم ياد ڏياري ڇڏيو.

ميدان ۾ اسيمبلي لاءِ ٻار بيٺل هئا. ڪامريڊ ماسترن جي وچ بيٺل هو. ٻارڙن جا سهاندا ڪيس پنهنجن هم

# سفيد پري ۽ گُل پري



پرويز

"Excuse me Sister"

"Yes فرمائیے"

"یہ میڈم انمتا کہا بیٹھتی ہیں؟۔"

"سیدھے جائیں اور رائٹ کو مڑ جائیں."

"توهان جي مهرباني سسٽر."

"ڪا ڳالهه ڪانهي."

هُو ڪراچي جي هڪ پرائيويٽ اسپتال ۾ ڊاڪٽر ميڊم انمتا جي زير نگراني علاج ڪرائيندڙ سندس هڪڙي ويجهي مائٽياڻيءَ کي پڇڻ لاءِ اسپتال آيو هو. هُن اسپتال جي انڪوائري ڪائونٽر تان معلومات وٺڻ جي ڪوشش ئي ڪا نه ڪئي ۽ ائين ڪاهي پيو اسپتال ۾. انڪوائري ڪائونٽر تان هُن اِن ڪري پڇا ڪا نه ڪئي جو هڪ ته ڪانئس اوڏيءَ مهل اُن مائٽياڻي جو نالو ذهن تان لهي ويو هو ۽ ٻيو ته ڪائونٽر تي ان وقت هڪڙي پوڙهي ۽ بيڊولي عورت، پنهنجي چهري تي اجايو ميڪ اپ ٿڦي ويٺي ڊيوٽي ڪري رهي هئي ۽ هُن اٿندي ئي ڪنهن نه وٽندڙ شڪل واري عورت سان ڳالهائي پنهنجو موڊ خراب ڪرڻ ڪو نه ٿي چاهيو.

هُو ڪراچيءَ ۾ جاب ڪندو هو ۽ ڪراچي ۾ ئي مسواڙي فليٽ ۾ رهندو هو. اڄ ڪيس ڳوٺان فون آئي هئي ته فلاڻي مائٽ جي گهر واري ڊاڪٽر انمتا وٽ اسپتال ۾ داخل آهي. ۽ هُو وڃي اُن جي خبر چار وٺي ۽ جيڪڏهن ڪين پئسي ڏوڪڙ جي ضرور هجي ته سندن واهر ڪري ۽ هو ان سلسلي ۾ ئي اسپتال آيو هو. اندر داخل ٿي، هُن سامهون کان ايندڙ هڪ انتهائي خوبصورت ۽ قداور سسٽر کي ڏٺو. سسٽر کي ڏسڻ سان ئي اسپتال ۾ اچڻ ۽ ڪنهن مريض جي عيادت ڪرڻ جي تصور کان ئي سندس وجود ۾ پيدا ٿيل سموري ڪوفت ۽ ٽينشن ختم ٿي ويو ۽ هُن جون واڇون ٽڙي پيون.

ويجهو اچڻ تي هُن سسٽر کان ڊاڪٽر ميڊم انمتا جي باري ۾ پڇيو. حالانڪ ڊاڪٽر انمتا سندن فيملي ڊاڪٽر هئي ۽ ڪيس هُن جي ويهڻ جي جاءِ جي پهرين به خبر هئي. پر پوءِ به هُنَ اُنَ انتهائي حسين نرس سان ڳالهائڻ جو جواز ڳولي ورتو. هُن وڌيڪ ڳالهائڻ لاءِ نرس کان وري پڇيو. "ڇا توهان هڪ پيشنٽ مسز فاروق احمد جي باري ۾ ٻڌائي سگهنديون ته هوءَ ڪهڙي ڪمري ۾ داخل آهي؟"

"معلومات حاصل کرنے کیلئے ہی ہسپتال میں ایک عدد انکوائری کاؤنٹر موجود ہوتا ہے۔آپ وہاں سے معلوم کر لیتے تو بہتر رہتا۔"

"خبر اٿم. ليڪن اتي ڊيوٽيءَ تي جيڪا شخصيت ويٺل هئي، تنهن سان ڳالهائڻ جي جرئت ئي ڪري ڪو نه سگهيس."

"سو وري ڪيئن؟ اهڙو ڪهڙو مسئلو هو؟ توهان مريضہ جي باري ۾ پڇو ها ۽ معلومات ڏيڻ هُن جي ڊيوٽي آهي. پوءِ ان ۾ جرئت نہ ڪري سگهڻ جي ڪهڙي ڳالهه ٿي؟"

"ها، توهان صحيح ٿيون چئو. پر جيڪڏهن مان اُن کان معلومات وٺي اچان ها، ته پوءِ توهان سان ته ڪو نہ ڳالهائي سگهان ها نہ! گس هلندي ڪڏهن ڪڏهن اهڙا به پلوڙ ماڻهو ملي ويندا آهن، جن سان هروڀرو به ڳالهائڻ تي دل ٿيندي آهي. سو توهان سان به ڳالهائڻ لاءِ دل هروڀرو انگل ڪري ٻيهي رهي. توهان جا قرب، جو توهان مان سان ڳالهايو. هونئن منهنجو نالو شايان علي آهي ۽ مان سئي سدرن گئس ڪمپنيءَ ۾ جاب ڪندو آهيان. ۽ توهان؟"

"ساري جناب. معاف ڪجو، توهان ميڊم ڊاڪٽر انمتا لاءِ پڇيو هو، سو ٿورو اڳيان وڃي، ساڄي طرف مڙندئو ته پاسي ۾ سندس آفيس آهي." ائين چئي اها خوبصورت ۽ حُسن جي سفيد پري هلي وئي ۽ شايان علي اُن حسين اپسرا کي پٺيرو ويندو ڏسندو ئي رهجي ويو. شايان علي، جنهن کي پنهنجي صحت ۽ وجاهت تي وڏو ناز هو، سو هڪ نرس طرفان اختيار ڪيل بي رُخي ۽ ائين ٺڙو پڙو ۽ رکو جواب ملڻ تي سڄو هڄي ويو. هو پاڻ کي بنهہ خصيص ۽ هلڪڙو محسوس ڪرڻ لڳو. هُو پنهنجي توهين محسوس ڪرڻ لڳو ته هڪڙي معمولي نرس ڪيس اِگنور (نظرانداز) ڪري هلي وئي هئي. هُن ڪڏهن سوچيو به ڪو نہ هو ته ههڙي جُٽ به ڪڏهن ساڻس ٿي سگهي ٿي، ڇو ته پاڻ تي ڪيس گهمنڊ هو. بهرحال، نرس جو سندس دام مان ڇڏائي هليو وڃڻ تي هُو سڙي ٻري رهيو ۽ مٿس خار ڪائيندو اڳتي وڌي ويو.

هونئن ته شايان علي کي پنهنجي اُن مائٽياڻي سان ڪا گهڻي دلچسپي ڪا نہ هئي، جيڪا بيماري هئي. پر سندس ليکي، نرس جي نظرانداز ڪرڻ نہ صرف ڪيس ڏڪويو هو، پر منجهس ضد به پيدا ڪري وڌو. هُن نرس سان ٻيهي ڳالهائڻ واري هنڌ کان ڊاڪٽر ميڊم انمتا تائين پهچڻ واري فقط هڪڙي منٽ جي پنڌ دوران ئي دل ۾ طئي ڪري ورتو.'انهيءَ گهمنڊي نرس سان پوئين ملهہ ضرور کٻي. ۽ پوئين ملهہ ۾ وارو ڪٽي گُهمائي گهمائي اهڙو سٽيندو سانس جو زندگي ڀر ياد ڪندي.'اهو ئي سبب هو جو شايان علي ٻئي ڏينهن به اسپتال آيو. بيمار کي پڇڻ وڃي ئي وڃي، تنهن کان اڳ هو اسپتال جي ڊگهي ڪاريڊور ۾ ٻيهي ڪيتري دير تائين هر ايندڙ ويندڙ ماڻهوءَ کي ڏسڻ لڳو. جن ۾ مريض، مريضن جا وارث، ڊاڪٽر، ڊاڪٽرياڻيون، نرسون، وارڊ بوائز، ماسيون، جماندار ۽ ٻيا به ڪيترا ٻار ٻُڍا ۽ مرد توڙي عورتون اچي وڃي رهيا هئا. شايان علي ڪاريڊور جي هڪ پلرَ سان پنهنجي پُني ٽيڪي ٻيهو هو، پر موجود ڪا نہ هئيَ ته رڳو اها ئي سفيد پري.جنهن جو ڪيس انتظار هو. انتظار، پلي پل پر جو هجي يا ڪجهہ منٽن جو، ڪلاڪن جو هجي يا ڏينهن جو، آڌيءَ رات جو محبوب سان ملڻ جو اوسيئڙو هجي يا ڪنهن جي اچڻ لاءِ اکيون راهن ۾ اٽڪيل هجن. انتظار بس جو هجي يا هوائي جهاز جو، انتظار دشمن کان انتقام وٺڻ جو هجي يا پهرا پيل محبوب سان ملڻ جو. بهرحال، انتظار ته انتظار هوندو آهي، جيڪو جيءَ کي جلائيندو آهي. من جو سڪون ۽ آرام تباهہ ڪندو آهي. روح جي شانتي ۽ آنند کي برباد ڪندو آهي ۽ چڱي ڀلي ماڻهوءَ کي منتشر ڪري ڇڏيندو آهي. سو شايان عليءَ جهڙو فضيلت ڀريو ۽ خُوبرو نوجوان به اُن انتظار جي ڪُوري جو ٻارڻ ٻڻجي سڙي ٻري رهيو هو ۽ سندس ليکي، نرس طرفان ڪلهوڪي ڪيل جُٽ جي باهہ سندس دل ۾ پڙڪا ڪري ٻري رهي هئي.

هُو ٻيٺو انتظار ڪندو رهيو ۽ باهہ جي پڙڪندڙ شعلن ۾ سڙندو، پچندو، ڪامندو ۽ لُوساٽبو رهيو. پر اُن باهہ تي پاڻي جو ڇنڊو هڻڻ واري اُها قداور ۽ خوبصورت سفيد پري ڪا نہ آئي ته ڪا نہ آئي. شايان علي ٻئي ڏينهن به آيو، ٽئين ڏينهن ۽ چوٿين ڏينهن به آيو. پر هوءَ مغرور حسينہ ڪا نہ آئي. پنجين ڏينهن ته سندس مائٽياڻي مريضہ صحتياب ٿي ڳوٺ به هلي وئي. پر هو روزانو اسپتال ايندو رهيو. ڪيس اڄ مسلسل اسپتال ايندي پندرهون ڏينهن هو. نڪا ٿي ڪيس نرس گڏي ۽ نڪو ٿي شايان علي ضد تان لٿو. هُو ايندو هو ۽ واجهائي واجهائي نا اميد ٿي هليو ويندو هو ۽ ايتري منجهس جرئت ڪا نہ هئي جو هو انڪوائري ڪائونٽر تان اُن نرس جا پار پتيڪار ٻڌائي سندس باري ۾ معلومات حاصل ڪري سگهي. ڇو ته نالو نرس ڪيس ٻڌايو ئي ڪو نہ هو. بظاهر ته جهڙوڪر هُو بيوقوفي ڪري رهيو هو ۽ ضد ۾ اچي ڪري ماڻهوءَ کان بيوقوفيون ئي ته ٿينديون آهن. عقلمند ماڻهو ضد ٿورو ئي ڪندو آهي.

لاڳيتا 15 ڏينهن اسپتال جا چڪر هڻندي هڻندي نيٺ هو بيزار ٿي پيو.دل ۾ طئي ڪيائين ته هاڻ ڳالهہ تان هٿ ڪڍي ڇڏجي. جڏهن ميدان ۾ ملهہ ئي ڪونهي رهيو ته پوئين ملهہ ڪجي به ڪنهن سان.؟ جڏهن سورهون ڏينهن ٿيو ته هُن پڪو فيصلو ڪري ڇڏيو ته اڄ اسپتال ڪو نہ وڃبو. پر جڏهن آفيس ٽائيم ختم ڪري هُو ٻاهر نڪري جڏهن اچي گاڏي ۾ ويٺو، تڏهن گاڏي سندس گهر ڏانهن وڃڻ بدران خودبخود اسپتال ڏانهن وڃڻ لڳي ۽ هُو سورهين ڏينهن به اسپتال جي ڊگهي ڪاريڊور جي هڪ پلر سان پنهنجي پُني ٽيڪي اچي ٻيهي رهيو. ڪيس ٻيٺي اڃا پنج منٽ ئي ڪو نہ گذريا هئا، ته پريان ڪيس اُها قداور ۽ حسين سفيد پري ڏانهس ايندي نظر آئي.

شايان عليءَ جيئن پهرين طئي ڪيو هو ته هُو ٻيءَ ملهہ ۾ 'وارو' ڪٽي ڦيرائي ڦيرائي ڪيس مٿان ڪري سٽيندو. اُن ارادي کي هڪ پاسي رکي هُن پنهنجي حڪمت عملي بدلائي ڇڏي. هُن هڪدم فيصلو ڪري ورتو ته جڏهن ملهہ دسٽي ئي آهي ته پوءِ ضروري ڪونهي ته اُٿندي ئي 'وارو' ڪٽجي. سو هُن في الحال هيٺاهين وٺڻ جو فيصلو ڪري ورتو. هُو هاءِ الرٽ ٿي ٻيهي رهيو ۽ جيڏي مهل هوءَ ڪيس بلڪل ويجهي پهتي، ته هو اڳيان وڌيو ۽ ساڻس گڏ هلندي چيائين.

" Sorry Sister اُن ڏينهن توهان ناراض ٿي هلي ويون. مان کي ڏاڍو افسوس آهي. توهان جي وڃڻ کانپوءِ مان ڏاڍو پڇتايو ته مان کي توهان کي ناراض نہ ڪرڻ گهرجي ها."

"It is okay کوئی بات نہیں۔" اُن مغرور حسينہ ساڳي بي رُخيءَ سان شايان علي جي ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي چيو.

"ڏسو محترم، مان اُن پڇتاءَ جي ڪري، گذريل سورنهن ڏينهن کان روزانو مسلسل هتي ايندو

رهيو آهيان تہ جيئن توهان سان ساري ڪري سگهان. سو جي اُن گستاخي جي معافي ملي تہ مان کي اطمينان ٿيندو.“

”مان چيو تہ سهي تہ ڪا ڳالهہ ڪانهي. باقي ٻيو اجا توهان ڇا ٿا چاهيو؟“

”نہ، مان کي ٻيو ڪجهہ بہ نہ گهرجي. پر اهي ئي لفظ بي رُخيءَ سان چوڻ بدران رڳو نرميءَ سان چئو تہ مان هليو ويندس. ڇو تہ مان جو مقصد توهان جي دل آزاري ڪرڻ قطعي ڪو نہ هو ۽ نہ آهي. ۽ جيستائين توهان معاف نہ ڪنديون، تيستائين مون کي چين نہ ايندو.“

”چلو معاف کیا.“ پهريون ڀيرو اُن مغرور حسينہ جي چهري تي هلڪي مُرڪ پکڙجي وئي ۽ بي رخيءَ جي ڪوٽ ۾ ڏار پوڻ لڳا. ”اب اور کیا چاہتے ہیں آپ؟“

”So kind of you بس منهنجي لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي تہ توهان جي ناراضگي تہ ختم ٿي. ها، باقي جي اجازت...“ شايان علي ڄاڻي واڻي جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.

”وري ڇا؟“ اُن مغرور سفيد پريءَ وري جي بي رخيءَ مان پڇيو. پر هن ڀيري سندس بي رُخي ۾ ڦڪو سگهہ ڪا نہ هئي.

”اگر توهان چاهيو تہ مان سڀاڻي بہ اچان.“ شايان عليءَ جي ڪجهہ همت وڌي تہ هُن پيش قدمي ڪرڻ شروع ڪئي.

”سو وري ڇا جي لاءِ؟“ نرس دابي سان پڇيو.

”ساتھ بیٹھ کر چائے پی لیتے۔“ شايان علي التجا ڀريئي انداز ۾ چيو ۽ نماڻا نيڻ کڻي اُن مغرور سفيد پريءَ جي اکين ۾ نهارڻ لڳو.

”آپ بھی نا...“ ائين چئي هُوءَ سفيد پريءَ جهڙي قداور ۽ خوبصورت نرس پاسي واري ڪمري جي در تي ناڪ knock ڪري دروازو کولڻ لڳي. ڪنول جي گلن جهڙي مرڪ سندس چهري تي مهڪڻ لڳي؟

شايان، تم بہت بہت پیارے ہو۔ ايترو تہ ڀلو آهين، ايترو تہ مٺو آهين ۽ ايترو تہ وڻين ٿو، جو لاڳيتو هڪ مهينو تو وٽ اچڻ لڳي آهيان. پر پر توهان مان دل ڀرجي ئي نہ ٿي. ڊوَ ٿئي ئي نٿو. من ڀرجي ئي نٿو. هاڻي تون وڏيڪ ليڪا ن ڏي. تڪڙو شاديءَ جو بندوبست ڪر. مان هاڻ هڪ پل بہ توکان پري رهي نٿي سگهان. هاڻي مان جي زندگي تون آهين. هان جلد مان کي هميشہ لاءِ پنهنجو ڪري ڇڏي نہ؟“ اُن قداور ۽ خوبصورت پريءَ شايان عليءَ کي سندس بيڊ تي ڀڪن ۾ سوگهو ڪندي چيو. پر اوڏي مهل هوءَ سفيد پري، پنهنجي سفيد پرن ڪانسواءِ ئي گلابي گل جهڙي گل پري لڳي رهي هئي.

”تون فڪر نہ ڪر گل پري، گهڻو ڪري تہ توکي سڀاڻي ئي خوشخبري ٻڌائيندس. پوءِ تہ بس. هاڻي تہ خوش ٿيئين نہ؟“

ٻئي ڏينهن جيئن ئي هوءَ قداور حسين نرس شايان عليءَ جي بيڊروم ۾ داخل ٿي تہ سندس اکيون حيرت ۽ صدمي کان ڦاٽل ئي رهجي ويون. شايان علي جي بيڊ تي شايان عليءَ جي پهلوءَ ۾، سندس ئي اسپتال جي هڪ ٻي خوبصورت نرس، سفيد ڪنين کان آجي پئي هئي. نہ رڳو خالي پيئي هئي، پر شايان علي کي ڏاڍا ٻڪ ڇُنبڙي پئي هئي.




مشهور محقق، نقاد، ڪهاڻيڪار، اديب، ڪالم نگار ۽ تعليمي ماهر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ 25 آگسٽ 1962ع تي دڙي شهر ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم ڳوٺ مان پرائي ڪراچي آيو. جتي هن ڀهريان اسٽيل ملز ۾ ملازمت ڪئي ۽ پوءِ ڪراچي يونيورسٽي ءَ مان پي ايچ ڊي ڪري اتي ئي استاد مقرر ٿيو. پنهنجي علمي قابليتن ۽ شوق سبب هو جلد جديد فلسفياڻن نقطن کان آگاهہ ٿيو. ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ فلسفي ۾ پڻ ماسٽرس ڪئي آهي.

ڊاڪٽر صاحب ڪيتريون ئي ڪهاڻيون پڻ لکيون آهن. فلسفو، نفسيات، جماليات ۽ لطيفياتسميت ادب جون جديد ڏارائون پڻ هن جي دلچسپي جو ڪارڻ رهيون آهن. هن ڪيترائي مقالا ۽ تحقيقي آرٽيڪلس لکيا آهن. سوجهرو سان سندس قلمي ساٿ آهي.

هو ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ پروفيسر جي عهدي تي فائز ۽ سنڌي شعبي جو چيئرمين آهي. علم جي واڌاري ۾هن اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. سندس رهبري هيٺ ڊاڪٽر رخمان گل پالار ي ۽ ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ تحقيقي مقالا لکي پي ايچ ڊيز جون ڊگريون ورتيون آهن. هن وقت بہ ڪيترائي شاگرد سندس رهنمائيءَ ۾ تحقيقي ڪم ڪري رهيا آهن.

ڊاڪٽر صاحب جي پنهنجي لکيل ٿيسز، ”سنڌي ادب جو فڪري پس منظر“ هڪ انتهائي اهم تحقيقي تحرير آهي. جنهن ۾ هن سنڌي ادب جي بنيادي فڪر تي سير حاصل بحث ڪيو آهي.

ڊاڪٽر صاحب کي جنم ڏينهن جون واڌايون

-ادارو

# ٽي وي دانشور



انور شيخ

وڏي ڪمري ۾ هڪ عدد صوفا سيٽ، هڪ اسٽڊي ٽيبل ۽ نيٽ جي ڪرسي رکيل هئي. دروازي ۽ درين تي پڙين جي ڪپڙن جهڙا پردا پئي لڙڪيا. بيڊ کان ٿورو فاصلي تي هڪ ڪُشن ڪرسي رکيل هئي. باقي ڪمري جي ديوارن تي شيلف ٺهيل هئا جن ۾ ڪتاب سٿيا پيا هئا. شهر جا صحافي ٽيليويزن جي ناليواري دانشور کان انٽرويو وٺڻ لاءِ آيا هئا جيڪي صوفي تي سولا ٿي ويهي دانشور جو انتظار ڪري رهيا هئا ڪجهه دير بعد ٻن نوجوانن سان گڏجي سنڌ جو ناليوارو دانشور ڪمري ۾ داخل ٿيو. سگريٽن جي زيادتي ڪري چپن تي ڪاراڻ ڇميل هيس. مُڇن جو رنگ سياري جو مَڇ جي پرسان رکيل پاٽاري جي تڏي جهڙو هيس. ڪنڌ کي سڌو پئي رکيائين، ٻنهي نوجوانن جي نظر سنڌس مٿي تي هئي. صحافين سان هٿ ملائيندي جي ڪنڌ کي ٿورو لوڏو پئي آيس ته ٻنهي نوجوانن هڪ دم مٿي کي جهلي پئي ورتس. صحافين سان هٿ ملائي بيڊ جي پرسان رکيل ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. هڪ صحافي جيڪو طبيعت مان اُبهرو پئي لڳو تنهن کانس ٽڪڙو سوال پڇندي چيو،

" سائين، خير ته آهي. خدا نه خواستا ڪا ڪنڌ جي تڪليف آهي ڇا؟"

دانشور هلڪو مسڪرايو. پرسان بيٺل نوجوان دانشور بدران جواب ڏيندي انڪشاف ڪيو،

"دوستو! جيئن ته سائين جن جي مٿي ۾ عقل تمام گهڻو آهي ۽ ڪنارن تائين ڀريل آهي. مٿي کي لوڏا اچڻ سان عقل جو ڪنن مان وهي وڃڻ جو انديشو آهي. ان ڪري احتياطن ڪيس لوڏن، لمن کان بچائڻ لاءِ سنڌن مٿو سڌو رکڻو ٿو پوي."

انٽرويو وٺندڙ پينل ٽن ميمبرن تي مشتمل هو. انٽرويو جي باقاعده شروعات نيري جينس تي ڳاڙهي ٽي شرٽ پاتل، ڊگهن وارن واري فرينچ ڪٽ ڏاڙهي رکيل نوجوان ڪئي. جنهن جي شڪل ٻوڏ کان پوءِ بي گهر ٿيل بند جي ڪُوئي جهڙي هئي.

"سائين، توهان ٻڌائي سگهندئو ته اوهان جي گهر ۾ عقل جي آمد ۽ دانش جو درياءَ ڪڏهن کان جاري ٿيو؟"

دانشور صاحب، پاسي واري ڪيسي مان سگريٽ ڪڍي دُکايو ۽ پوءِ هڪ ڊگهو ڪش هڻندي فرمايائين،

"اسان جي گهراڻي ۾ ذهانت جو ذوق، بابا مرحوم جي دور ۾ داخل ٿيو. بابا مرحوم پنهنجي تر جو ناليوارو چور هو. اڪثر جيل ۾ هوندو هيو ۽ اُتي پنهنجي تجربي جي آڌار تي قيدين کي ججن جون متوقع فتوائون ٻڌائيندو هو. قيدي حاضري ڪا نه موٽي اچي جيل ۾ ڪيس پنهنجي خلاف رڪارڊ ٿيندڙ شاهديون ٻڌائيندا هئا ۽ بابا مرحوم انهن شاهدين جي آڌار تي کين ٻڌائيندو هو ته جج ڪهڙي فتويٰ ڏيندو. اڪثر ڪري بابا جون ٻڌايل فتوائون سچ ثابت ٿينديون هيون ۽ اهڙي طرح اسان جو گهراڻو دانش جي ڏِگ تي هلڻ لڳو ۽ گهڻي مشهوري ماڻي آخري عمر ۾ بابا مرحوم وڏن فيصلن ۾ مشير به مقرر ٿيندو هيو ۽ ڪجهه فيصلا پوءِ پاڻ به ڪندو هو. بابا جا ڪيل فيصلا اڄ به مشهور آهن ۽ جن به ڌرين جا هن فيصلا ڪيا اهي اڄ تائين پاڻ ۾ ڪونهن نهيون."

"ڀلا، ائين ڇو؟"

ٻهرين صحافي حيرانيءَ مان پڇيس.

"سائين، بابو فيصلا عقل سان ڪندو هو."

"عقل سان ڪيل فيصلن جي ڪري ته ماڻهن کي نهڻ گهرجي."

"اها ئي ته ڳالهه آهي نه. جيڪا توهان کي سمجهه ۾ نه ٿي اچي. ضروري ناهين ته عقل سان شيون نهن. ڀلا ڏسو مان سنڌ جو هن وقت وڏي ۾ وڏو عقل مند انسان آهيان ۽ مون ۾ ڪيڏو عقل آهي. اها توهان کي به خبر آهي ۽ ان جي ڪري ئي توهان مون کان انٽرويو ڪرڻ آيا آهيو. جي مان هن ڪمري کان ٻاهر نڪري ڪالي پٽڙ ۾ ويهي چوان ته، ' ڪمرا نهي وڃ' ته ڇا اهو نهي ويندو؟."

"نه."

"ته پوءِ ان مان ثابت ٿيو ته شيون ضروري ناهن ته عقل سان نهن."

"يقينن توهان به پنهنجي بابا کان متاثر ٿي انهيءَ پيچري تي پير رکيا هوندا؟"

هڪ ٻئي سنهڙي صحافي جنهن جا ڪن وڏا ۽ ڳچيءَ جي هڏي نڪتل هئي تنهن کانس پڇيو ته دانشور صاحب جواب ڏيندي چيو،

"نه. مان بابا مرحوم کان متاثر نه ٿيو هوس. توڙي جو بابا مرحوم وڏو دانشور هو. مان دانش جي ڏِگ تي حادثاتي طور تي هلي پيس. ٿيو ائين جو جوانيءَ جي ٻهرين ڏينهن ۾ مان مال جي پڙيءَ تي دلالي ڪندو هوس. هڪ ڏينهن اتي هڪ ٻڪر وڪري لاءِ مون کي مليو جنهن جا ڪن توهان کان به وڏا هئا."

دانشور وڏن ڪنن واري صحافيءَ جي ڪنن ڏي اشارو ڪندي چيو ته صحافي هلڪو لڄارو ٿيو ۽ ٻين صحافين جي منهن تي هلڪي مسڪراهٽ اچي وئي. دانشور پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو،

"اهو ٻڪر، مسلسل مٿي کي جهٽڪا ڏئي رهيو هو. مالڪ ٻڌايو ته هن کي مٿي ڦيريءَ جي بيماري آهي. اها ڳالهه ٻڌي منهنجي مٿي ۾ ٻڪر کي سني اگهه ۾ وڪڻڻ جي ترڪ سُجهي آهي . مون مالڪ سان سني دلالي طئي ڪري وڏي آواز ۾ سڏ ڪري ماڻهو گڏ ڪري ٻڪر لاءِ کين ٻڌايو ته، 'هي ٻڪر جيڪو مسلسل مٿو هڻي رهيو آهي سو هڪ وڏي اولياءِ کان فيضياب ٿيل آهي. هن تي هن وقت وجد طاري ٿيل آهي. وجداني ڪيفيت دوران هن جي وڏن ڪنن ۾ جيڪو ماڻهو پنهنجي من جي منشا چوندو سا پوري ٿي ويندي.' بس پوءِ ته ماڻهن اچي زور ڏنو. ويو اگهه وڌندو، ٻن ماڻهن ته تڪڙ تڪڙ ۾ ٻڪر جي ڪنن ۾ به ٽي عرض به ڪري ڇڏيا. آخر وڏي اگهه تي ٻڪر وڪڻي ڪافي ساري دلالي وٺي گهر آيس. گهر اچڻ بعد رات جو منهنجي ذهن ۾ خيال آيو جيڪڏهن ماڻهو ٻڪر جي مٿي ڦيريءَ ڪري ڪيس اولياءُ ۽ پهتل بزرگ سمجهي سگهن ٿا ته پوءِ مان ته انسان آهيان مون کي ڇو نه؟ جيڪڏهن مان به ٽي ڏينهن گهٽيءَ ۾ ويهي مٿو لوڏي لهر ڪندو رهان ته ماڻهو مون کي به پهتل سمجهي سگهن ٿا ۽ پوءِ ته سڄي زندگي پيو موجون ڪندس اهڙي حادثاتي سوچ کان پوءِ مان به گهٽيءَ ۾ ويهي مٿو لوڏڻ لڳس. ڪجهه ڏينهن ته ٻارن ڏاڍو ستايو ۽ پاڙي جي ماڻهن به اچي سمجهايو پر مان سواءِ مٿي لوڏڻ جي ڪنهن کي به ڪو جواب نه ڏنو. آخر پاڙي جي ماڻهن منهنجي اها حالت ڏسي منهنجي گهر واريءَ کي وڃي چيو، يا ته پنهنجي مڙس کي گدو بندر داخل ڪراءِ يا هتي ڪنهن نفسياتي ڊاڪٽر کي ڏيکار نه ته اسان مجبورن ڪيس پوليس حوالي ڪري ڇڏينداسون. ماڻهن جي طرف کان اهڙي مايوس موٽ ملڻ کان پوءِ منهنجي گهرواري مون کي صلاح ڏيندي چيو، ' اجايو گهٽين ۾ مٿي هڻڻ جي بجاءِ جيڪڏهن تون ڪنهن ٽي.وي چينل تي وڃي مٿو هڻين ته وڏو دانشور ٿي سگهين ٿو.' مون کي زال جي اها ڳالهه دل سان لڳي سو مان اهڙي طرح ٻڪر کان متاثر ٿي زال جي مشوري تي ٽيليويزن تي وڃي پهتس ۽ اُتي مسلسل پروگرامن ۾ مٿو هڻندي هڻندي اڄ سنڌ جو ڪامياب ٽي.وي دانشور آهيان."

ٽئين صحافي ڪائنس پڇيو،

"توهان پنهنجي دانشورانه ڪيريئر جو ڪو اهم ڪارنامو ٻڌائي سگهندؤ؟"

"ها بلڪل. منهنجي دانش ڪيترائي معرڪا ماريا آهن ۽ منهنجن مشورن وڏو مان ماڻيو آهي."

"اسان جي پڙهندڙن لاءِ ڪو هڪ ٻڌايو؟"

ساڳئي صحافي ڪائنس ٻيهر پڇيو،

"هي جيڪا تازو اليڪشن ۾ قوم پرست ڌرين جي هار ٿي تنهن ۾ منهنجا مشورا ئي ته هئا."

"ڇا توهان قومپرستن کي هارائڻ لاءِ مشورا ڏنا هئا؟"

ڳاڙهي ٽي شرٽ پاتل وڏن وارن واري صحافيءَ وات وڏو ڪندي ڪائنس پڇيو،

"نه..نه، مان ته انهن کي کٽڻ جا مشورا ڏنا هئا"

"پر اهي ته هارائي ويا."

"بلڪل....ڳالهه کٽڻ يا هارائڻ جي ڪونهي، ڏسڻو اهو آهي ته مشورا هيا ڪنهن جا. جي اهي منهنجي مشوري تي هليا ته پوءِ دانشور ته مان ئي سڏبم نه. باقي کٽڻ يا هارائڻ ته قسمت جي ڳالهه آهي."

ٽئي صحافي اکيون ۽ وَاتُ ڦاڙي ڪيس ڏسڻ لڳا.

ايتري ۾ دانشور جو ننڍو اٺن سالن جو پٽ ڪمري ۾ داخل ٿيو جنهن جي هٿ ۾ ننڍو هٿوڙو هيو.

ان اچڻ شرط هڪل ڪندي دانشور جي پر ۾ بيٺل نوجوانن کي چيو،

”پري ٿيو، مان بابا جي مٿي ۾ هٿوڙو هڻندس.“

دانشور ڏڪي ويو ۽ ٻنهي نوجوانن دانشور جي پٽ کي جهلي ورتو. دانشور جو پٽ حذياني ڪيفيت ۾ رڙيون ڪرڻ لڳو،

”مون کي عقل تي مضمون لکڻو آهي. مان پريڪٽيڪل ڪندس. مان بابا جو ميڄالو ٻاهر ڪڍي ڏسندس ته عقل هوندو ڪيئن آ.“

ڇوڪرو زور سان رڙيون ڪرڻ لڳو، ڇڙهيون هڻندي حالت غير ٿي ويس.

”مان هٿوڙو هڻي بابا جو ميڄالو ڪڍي عقل ڏسندس......مان عقل ڏسڻ ٿو چاهيان......جيڪو بابا جي مٿي ۾ آهي.“

صحافي اهڙي سچوئيشن ڏسي پنا ۽ پينيون سنڀاري اُٿڻ لڳا ته ايتري ۾ دانشور صاحب جي گهرواري ڪمري ۾ داخل ٿي ۽ صحافين کي چيائين،

”ادا معاف ڪجو، ننڍڙي کي ضد جو دورو پوندو آهي، پوءِ جيڪا به ڳالهه من ۾ ايندي اٿس ان تي ضد ڪري ويهي رهندو آهي. ٿوري دير ۾ ٺيڪ ٿي ويندو.“

صحافي ڪمري ۾ ننڍڙي کي دانهون ۽ ضد ڪندو ڇڏي ٻاهر نڪري آيا. سنهڙي صحافي ٻين صحافين کي چيو،

”ٽيليويزن دانشور جي مٿي ۾ هٿوڙو هڻي ميڄالو ڪڍي. ڏسڻ گهرجي ته واقعي ان ۾ عقل آهي به يا نه؟ ان ڳالهه تي مان ننڍڙي سان متفق آهيان.“



## غزل

### حنيف عاطر

ٿاهي پٿر جو ديوتا مونکي
ڇو ڪيو تا فنا فنا مونکي
تنهنجي قدمن کي مون چميو جڏهن
هو، وکيري ڇڏيو هَوا مونکي
مون نهاريو هو ڪنهن جي مُکڙي ڏي
ياد آيا ڪي حادثا مونکي
عشق خانه بدوش ٿي ويندو
ڇو ورهايو تا بارها مونکي
روشني روشني ٻٽيو آهيان
هوءَ ڪري وئي ڏيئا ڏيئا مونکي
رات ڪيڏي نه سانت واري آ
در نهاري ٿو بي صدا مونکي
ڳاٽ اوچو اچا به منهنجو آ
جو سڃاڻي ٿي ڪربلا مونکي
رات ويڙهيو خيال ۾ عاطر
سونهن جي هڪ ڪُنل ڪٿا مونکي

# موت مذاق...



آصف مهر

سمنڊ ڪناري مهاڻن جو پندرهين صديءَ جي دؤر ۾ اڏيل شهر ڪراچي سمونڊ جيڏو وسيع بڻجي ويو آهي. هڪ طرف پاڻيءَ جو سمونڊ ته ٻئي طرف انسانن جو سمنڊ آهي. عوام الناس جي هن وڏي سمنڊ ۾ هر فرد ٻڏي رهيو آهي يا ڪٿي غرق ٿي ويو آهي ۽ ڪو ان سمنڊ ۾ وڏيون تارون هڻي زنده رهڻ جا جتن ڪري رهيو آهي.

شهر جي هر وڏي چوراهي تي ٽريفڪ سگنلز جون بتيون ٻرنديون رهن ٿيون جيڪي هزارين گاڏين کي ڪجهه پلن لاءِ بيهاري رستو صاف ڪري ڏين ٿيون ۽ گرين سگنل ڏسندي هر ماڻهو پنهنجي پنهنجي منزلن ڏانهن روان دوان آهي. ڳاڙهي بتي هن شهر ۾ وڏي پريشانيءَ ۽ وڇور جو سبب آهي. پوءِ اها ڳاڙهي بتي ايمبوليسن هجي يا ٽريفڪ سگنلز جي. ايمبولنس جي ڳاڙهي بتي ڏسي سائرن گڏ ٻڌندي ئي جڻ هنياو ٻڏي رهيو هجي. سگنلز تي ڳاڙهي بتي ايندي ئي هر ماڻهو جلدي ٿوري گهڻي وٿي ملڻ تي نڪرڻ جي ڪوشش ۾ رهي ٿو. هر ماڻهو موت جي آمد تي رنج ٿي پئي ٿو ۽ وري ڳاڙهي بتي اوجهل ٿيڻ کان پوءِ پيلي بتي ٻري ٿي. هرڪو وري اڳتي وڌڻ جي لاءِ حوصلو پيدا ڪري ٿو ۽ گرين بتي ڏسڻ سان ٻيهر پنهنجي پنهنجي رهيل سفر جي پڄاڻيءَ لاءِ تيزيءَ سان اڳتي وڌي ٿو. سائو سگنل ملڻ سان ئي نواز موٽرسائيڪل کي ريس ڏني. پويان ويٺل گهرواري صفيه هن کي پاڪر زور سان پاتو. خوف ۾ ته ڪٿي هوءَ ڪري نه پئي. هوءَ نواز جي ڪلهي ۽ سڄي پاسي ڦرندڙ ڪنڌ تي غور سان نظر رکيون ڏسي رهي آهي چاڪاڻ جو ڪٿي ڪٿي روڊ تي بيٺل بس اسٽاپس تي ڇوڪريون هن جو توجه پاڻ ڏانهن لازمي ڇڪائن ٿيون.

صفيه نواز کي چيله ۾ ڇهنڊڙيون پائي رهي آهي.

”اهو ڇا ٿي ڪرين؟ هيڏي هوڏي ڏسڻ جي عادت اڃان نه وئي تو مان! سڌو ڏس ڪٿي ماري پورو نه ڪرين.“

نواز خاموشيءَ سان اعترافي مسڪرائي ٿو.

”نر ڇوهارا وٺ پلا.“ صفيه نواز جي ڪن ۾ ٿورو اوچو ٿي ڳالهايو.

”ڇو؟“

”پٽ جي اولاد ٿيندي.“

”ها ها ها.“ هن صفيه جي ڳالهه تي بي ساخته وڏو ٽهڪ ڏنو. پر منجهان ڪار ۾ ويٺل پوڙهي عورت نواز جي ٽهڪن طرف ڌيان ڏنو. هوءَ ٻنهي کي ڏسندي رهي ۽ بنا سبب ڄاڻن جي هن به مسڪرايو.

”ان ۾ کلڻ جي کهڙي ڳالهه آهي؟ اهو به ديسي طريقو آهي. امان چوي پئي ته نر ڇوهارن ۾ قدرت طاقت رکي آهي. روز هڪڙو کير ۾ وجهي کائجي ته پٽ جو اولاد ٿيڻ جا امڪان وڌي ويندا. پڦيءَ سائرا کي چئن ڌيئرن کان پوءِ پٽ جو اولاد ٿيو آهي.“

”پوءِ ان پٽ جو پيءُ تنهنجو پڦڙ آهي يا نر ڇوهارو؟“ هو وري ٽهڪ ڏئي ٿو. صفيه به ٽهڪ ڏئي ٿي.

”ڪنا. رڳو عجيب ڳالهيون ڪندو آهين.“

”بيهه پلا دڪان اچي ويو.مٿو آن نه. نواز پليز.“ هو دڪان تي بيهي ٿو.

دڪاندار تارازيءَ ۾ ڇوهارا توري ٿو.

”گهڻا ٿيا؟“

”ٻه سئو ٽيهه رپيا.“

”وڏا مهانگا آهن.“

”شئي به ته آهي نه. عربن سڳورن جي طاقت جو راز به ته هن ۾ آهي نه.“

”نه انهن جي طاقت جو راز پيٽرول آهي.“

دڪاندار نواز جي جواب تي چپ ٿي وڃي ٿو.

”جيڪڏهن تون سمجهين ٿو ته اهو ڇوهارن جو ڪمال آهي ته دنيا جي ٽين وڏي جنگ ڇوهارن تي لڳندي.“

دڪاندار بنا ڪجهه جواب ڏيڻ جي نواز کي بقايا پيسا ڏئي ٿو.

هو ٻئي دڪان تان لهن ٿا.

”تون پلا هر هنڌ ڳالهه کي ڊيگهه ڇو ٿو ڏين؟“

”پلا ان ۾ به ڪا وجهه هئي جو هرو پرو بحث ٿو ڪرين؟“

”پلا ڳالهائي نه ٿو سگهجي ڇا؟ حراميءَ ايڏا مهانگا ڇوهارا ڏنا آهن! ڳڻيا اٿئي؟ رڳو 13 ڇوهارا ٻه سئو ٽيهه رپيا. وري مٿان وينو ٿو ڇوهارن جون فضيلتون بيان ڪري. ٻڌ عرب ڇوهارا کائيندا آهن. پوءِ اُتي ته ڌيءُ جو اولاد ئي نه هجي. رڳو مرد ئي مرد هجن.“

”ڇڏ هاڻي. ڳالهه جي پويان ٿو پئجي وڃين. ٻڌ، فيس واش ته وٺي ڏي.“

”هاڻي اچ. ڇڏ فيس واش کي. پئسا ختم ٿي ويا. ڇوهارا نه وٺائين ها ته فيس واش وٺي ڏيانءِ ها.“

”توکي ته سدائين ٺلهه هوندي آهي. في الحال ڪو هلڪو ئي وٺي ڏي. منهن سڄو خشڪ لڳو پيو آهي. ٻيون ٽيون مهينو آ. فيس واش ورتو ئي ڪونهي. رڳو تنهنجا روز روز نوان ٽيڪڙا ختم ئي ڪو نه ٿا ٿين!! پاڻ ته صابڻ سان منهن به ڪونه ٿو ڌوئين.. منهن تي مٽيءَ جا تهه ڄمي ويا اٿئي.“

”في لحال ڇڏ. مٿئين مهيني وٺي ڏيندو سانءِ. هن مهيني پئسا گهٽ آهن.“

هوءَ بنا ڪجهه جواب ڏيڻ جي موٽرسائيڪل تي ويهي ٿي.

لھ وٽ وڃي." هو صفيه کي پئسا ڪڍي ڏئي ٿو.

صفيه پئسا وٺي ٿي جڻ هن کي اڳ ئي خبر هئي ته نواز هن کي مٽي ماري ڪرڻ کان پوءِ پئسا آخرڪار ڏيندو. هوءَ فيس واش وٺي موٽرسائيڪل تي ويهي ٿي.

"هل يلا سمنڊ جو چڪر هڻي اچئون ٿا."

"ها ساموندي مڇي به کائي ٿا اچون."

صفيا کي نواز جي اهڙيءَ پيشڪش تي سَرهائي ٿي.

"ڇڏينس يلا." نواز وري خود ئي انڪار ڪيو. حالات خراب لڳا پيا آهن. وري هلئون ته ڪا مصيبت نه ڪڙڪي پوي!"

"حالتون صحيح ته آهن نه؟ اڄ دڪان کلي ويا آهن. سڄو شهر کليو پيو آهي. تون هرون پرون ٿو ڏڄين. ايڏو نه ڏڄ. رڳو هڪ گوليءَ جو ٺڪاءُ ٿو ٿئي ته ساھ اچي لُڪي ۾ ڦاسئي ٿو. ڪجھ بردبار ٿي. ٿورڙيءَ ٿورڙيءَ ڳالھ تي دل تي ٿو هٽ رکين."

نواز مسڪرائي ٿو. ڪجھ چوڻ پيو گهري.

"ڇا ٿيو؟ ڪهڙي شيطاني آيئي دل ۾؟"

"هل يلا اڄ سمنڊ جون ويرون دل سان ٿيون ٽڪرائجن! دل جو دروازو کلي ۽ ويرون ان منجهان گذرن." "بڌ، هڪ شرط تي سمنڊ ڏانهن وٺي هلندوسانءِ. ڀاڪر پائي ويهين ته. تون موٽرسائيڪل تي مون سان ائين ويهندي آهين جڻ چاچي سان يا ڀاءُ سان ويٺي آهين. ادب ۽ احترام جو فاصلو رکي ويهندي آهين. لڳندو ئي ناهي جڻ ڪو تون پويان ويٺي آهين به يا نه؟"

صفيه نواز کي اکيون بند ڪري زور سان ڀاڪر پائي ٿي. هو ڪِڪ هڻي ٿو.

ڪجھ پل اڳ ايئرپورٽ تان پي آءِ اي جو جهاز ٽيڪ آف ڪري شهر مٿان گذري رهيو آهي. نواز جهاز ڏانهن نهاريو.

"ٻاراڻي دؤر جون عادتون ڪافي ختم ٿي چڪيون آهن پر آسمان ۾ اُڏامندڙ جهاز کي ڏسڻ واري عادت اڃان ڪونه وئي. تون جهاز ۾ ڪڏهن چڙهي آهين؟"

"نه."

"تون چڙهيو آهين؟"

"نه. ماڻهوءَ جهاز ناهڻ کان پوءِ ڌرتيءَ جي مخلوق هئڻ سان گڏوگڏ آسماني مخلوق جو اعزاز به حاصل ڪري ورتو آهي. تون ۽ مان اڃان جهاز ۾ ڪونه چڙهيا آهيون ان ڪري اسان جي حيثيت زميني مخلوق واري آهي. آسماني مخلوق ٻڻجڻ لاءِ جهاز ۾ هڪ ڀيرو سفر ڪرڻو پوندو."

"حج ڪرڻ هلنداسين ته پوءِ جهاز تي ئي هلنداسين."

"ضرور. موٽرسائيڪل تي ته ڪو نه وڃي سگهبو؟"

نواز بيڪريءَ تي موٽرسائيڪل بيهاري ٿو.

"ڪافي پيسٽري کائون؟"

"ها وٺ ۽ پاپا به وٺ. هن بيڪريءَ واري جا پاپا سٺا آهن. ٻين جا پاپا گهٽا مٺا آهن. نه ٿا وڻن."

هو ٻئي بيڪريءَ ۾ اندر داخل ٿين ٿا.

نواز دڪاندار کان ٻه پيسٽريز وٺي ٿو. هڪ پاڻ کائڻ لڳي ٿو ۽ ٻي صفيا کي ڏئي ٿو. "کائي وٺ هتي ئي. موٽرسائيڪل تي پيسٽري کائڻ دؤران پوءِ ڪري نه پئين. ۽ پيسٽريءَ کان پوءِ روڊ تي ڪري ڌڪ به کائڻا پوندئي."

"هن بيڪريءَ جي هڪڙي خاصيت آهي؟"

"ڪهڙي؟"

"هن جي پيسٽري ڪيڪ جو بمبئي بيڪري حيدرآباد جهڙو ذائقو آهي. لڳي ٿو بمبئي بيڪرز جو فارمولو هٿ اچي ويو اٿن. نواز ڳالھ پوري ڪري بيڪريءَ کان ٻاهر نڪري ٿو."

"پيسا ته ڏينس نواز." پويان صفيه سڏ ڪيس.

"اڙي يار ڳالھ ئي وسري وئي." هو دڪاندار کي پيسا ڏئي ٿو.

هو ٻئي ڄڻا وري موٽرسائيڪل تي ويهن ٿا. شارع فيصل تي تيز رفتار گاڏين جي وچ ۾ نواز ۽ صفيه گم ٿي وڃن ٿا. ڪلفٽن واري علائقي ۾ پهچڻ کان پوءِ هو وري ڳالهائن ٿا.

"صفيه! هيءُ 70 ڪلفٽن جو علائقو اٿئي. بينظير ڀٽو هتي رهندي هئي. هي وڻ ڏسين ٿي. هنن وڻن جي اوٽ ۾ بيهي سپاهين بينظير جي ڀاءُ مير مرتضيٰ ڀٽي کي گولين جا برسٽ هڻي ڪيس اجل جو شڪار بڻايو. مون کي ته اڃان به ڪلفٽن تان گذرندي ڊپ ٿيندو آهي. عجيب ويراني آهي هن روڊ تي. وي آءِ پيز کي ڪلفٽن ۾ ئي قتل ڪيو ويندو آهي. باقي عام ماڻهو سڄي ڪراچيءَ ۾ ڪٽجي به..."

صفيه نواز جي ڳالھ ڪٽيندي "ڇڏ يلا. هر وقت تو کي ڇو يلا اهي ڳالهيون سجهنديون آهن؟ ايڏو ڏڄل ڇو رهندو آهين؟"

"مون کي زندگيءَ سان پيار آهي. مان حياتي وڃائڻ نه ٿو چاهيان. هتي رهندي هر وقت حياتي وڃائڻ جو احساس رهي ٿو. روز ڪيترا ئي بي گناھ ماڻهو قتل ٿي رهيا آهن. مان انهن سان گڏ قتل ٿيڻ نه ٿو چاهيان."

"خدا حياتي ڏيئي. ائين نه چئو. الله انڌو ڪندو انهن رهزنن کي. تون ڊپريشن جون گوريون کائڻ بند ڪر. انهن دوائن جا سائيڊ افيڪٽس به هوندا آهن. پاڻ کي ان دٻاءَ مان ڪڍ. مان به ته تو سان اهڙين حالاتن ۾ رهان ٿي."

"تو کي ڇا خبر صفيه؟ تون ته گهر ۾ ويٺي هوندي آهين. روڊ تي نڪر ته خبر پوئي. هر ماڻهوءَ کي مان ڏسان ٿو. ڪار ۾، بس ۾، موٽرسائيڪل تي، دڪانن ۾ جيڪو به روڊ تي بيٺل آهي اهو اندر ئي اندر خوف منجهان قرآني آيتون پڙهندو يا ورد ڪندو رهي ٿو. شايد سمجهي ٿو ته سندس آخري وقت اچي ويو آهي."

صفيه، نواز جي پٺي تي مٿو رکي هن کي جڻ آٿت ڏئي ٿي. ٻئي ڄڻا اڌ ڪلاڪ تائين خاموش رهن ٿا. ٻنهي جو ڌيان موٽرسائيڪل جي سائلنسر ڏانهن هليو وڃي ٿو.

وشال سمنڊ جي مٿان اُڏندڙ اڇا پکي جن کي فطرت پنهنجو تحفظ ڏنو آهي هوائون انهن لاءِ محافظ ٻڻجي انهن کي اوچو اُڏاري رهيون آهن. سمنڊ جو ڪنارو ويران هو. پري پري تائين ڪو هيڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو نظر مس پئي آيو. ٿر منجهان ڪاهي آيل ٿري پنهنجن اُٺن سان سواريءَ جو انتظار ڪري رهيا هئا. اهڙن تفريحي ماڳن تي هنن جي روزي سڃي ٿيندي آهي. نواز جي نظر اُٺ تي پئي جيڪو مسلسل خالي وات چٻاڙي رهيو هو. سندس واڇن مان اڇي گگ به وهي رهي آهي. آسمان جيڏو وسيع ٿر جو ريگستان بنا پاڻيءَ جي (ٻوٽا) ديوي، ڪنڊي، ٿوهر، ٿري لوڪ گيت، سهڻا رنگين گهگها. ٻڪرين جا ڌڻ.. ريڍار... اُٺ جڻ ماضيءَ جي گيان ۾ گم آهي. پنهنجي ماضيءَ کي ياد ڪندي هن جي گگ وهي آئي. نواز به پنهنجي واڇن تي هٿ ڦيري ٿو. اُٺ جي واڇن منجهان وهندڙ گگ پنهنجي واڇ تي محسوس ڪيائين. جڻ ديس جي جانور جو درد پنهنجي اندر ۾ محسوس پئي ڪيائين. سمنڊ ڪناري اُٺ ماضيءَ جي سورمين کي ڳولهيندي ڳولهيندي ڪراچيءَ جي سمنڊ تي گوڏا پيچي اچي ويهي رهيو آهي. سندس آس پاس هلندڙ ڦرندڙ ماڻهن جي هجوم ۾ ڪٿي به سسئي پنهون ڪونه ملن ٿا. هو اُداس گڏريل سورمن ۽ سورمين جي ڳولا ۾ سمنڊ اڳيان اچي بيهي رهيو.

اوٺيءَ پنهنجي گذر سفر لاءِ اٺ جي رومانويت کي نظرانداز ڪندي 50 يا سو رپين تي پنجن منٽن لاءِ ماڻهن کي تفريح فراهم پئي ڪئي پر ٿر جو اوٺي جڻ ڪراچيءَ ۾ به ساڳو آفت سٽيل قرار نظر اچي رهيو آهي.

"اُٺ تي چڙهندينءَ؟" نواز صفيا کان پڇيو.

نه ڪري پوندس."

"ڇو ڪرندينءَ؟ ويھ."

اوٺي نواز کي پاڻ ڏانهن ايندي سمجهي ويو ته هو ضرور چڙهندا. اوٺيءَ اٺ کي هيٺ نوڙايو.

صفيه نواز جي مدد سان اُٺ تي ويٺي. اُٺ جي سخت پٺي تي ويهندي هن کي عجيب لڳو. بي جان شين تي ويهڻ کان پوءِ ڪنهن جاندار مٿان ويهڻ عجيب لڳس.

"گهڻا وٺندين؟"

"سائين، 100 وٺندا آهيون. توهان 50 ڏجو. ٻن ٽن ڏينهن کان روزي نه ٿي آهي. جڏهن کان شهر جا حالات خراب ٿيا آهن. روز ڏھ پندرنهن ماڻهون مرن ٿا. خوف هراس ۾ ڪو تفريحي ماڳن تي اچي ئي ڪونه ٿو."

مالڪ جي بي وسيءَ تي اُٺ به ٻه چار لفظ ڳالهائڻ پئي چاهيا پر هن بي زبان جي ڪونه پئي هلي تنهن ڪري خاموشيءَ سان خالي وات چٻاڙڻ لڳو.

اٺ ڪجھ لمحن لاءِ سنڌ جي سورمن ۽ سورمين کي وساري گراهڪن کي تفريح بخشڻ لاءِ سمنڊ تي چهل قدمي ڪرڻ لڳو ۽ ٿورو پنڌ ڪري ساڳين پيرن تي واپس موٽيو. صفيه هيٺ لهي ٿي. ٿريءَ 50 جو نوٽ وٺي کيسي ۾ وڌو ۽ اٺ وري ساڳيو گگ سان ڀريل وات چٻاڙڻ لڳو. ٻئي ڄڻا پاڻيءَ جي لهرن طرف وڌن ٿا.

"ٻڌ. تون سج لهڻ جو منظر ڇو پسند ڪندو آهين؟" صفيا لهندڙ سج ڏانهن ڏسندي پڇيس.

"ان لاءِ جو سج اُڀرڻ جو منظر ڏسڻ لاءِ صبح جو سوير اُٿڻو پوي ٿو. جيڪو اوجاڳا ڪندو آهي اُن کي ئي سج اُڀرڻ جو منظر ڏسڻ نصيب ٿيندو آهي. باقي

سچ لڳي جو منظر اهي ڏسن جن کي اوجاڳو ڪرڻ نہ اچي.“

”ها تنهنجي ننڊ آهي بہ اهڙي جو الله معاف ڪري. خبر ئي ڪونہ پوندي آ تنهنجا ڪونگھرا شروع ٿي ويندا آهن. جڏهن کان پاڻ شادي ڪئي آهي تو هڪ رات بہ مون سان ويهي ڪچهري ڪونہ ڪئي آهي. حيرت آ جو شاديءَ رات بہ تون مون سان ايترو نہ ويٺين!“

”يار، هڪ گوري 250 ملي گرام جي آهي. صبح شام جو 250 ملي گرام گوري کاءُ تہ پڇندومانءِ. شڪر آ جو مون وري بہ زندگيءَ جا ڪاروهنوار ڪونہ ڇڏيا آهن. هيڏي ساري فسادن ۽ دهشتگرديءَ واري ماحول ۾ موت کان ۽ ان سان گڏ خوف کان ئي ماڻهون پورو ٿي وڃي ٿو.“

”پلا پهريان بہ تہ تون گورين کان سواءِ هلندو هئين.“

”ان دؤر ۾ شهر ۾ امن امان هيو. هاڻي اها ڳالهہ ڪٿي آهي؟“

”پوءِ پلا هتان لڏي هلئون.“

”ٻئي هنڌ صفيا، روزگار جا موقعا ڪٿي آهن؟ صنعتي شهر ۾ مڙئي هٿ پير هڻي ڪجهہ پيٽ گذر ڪجي ٿو. هيءُ غريب نواز شهر آهي.. ٻين شهرن ۾ تہ ڏس ماڻهون پنهنجا ٻچا روڊ تي ٻيهي ڪپائن ٿا. نہ تعليم، نہ روزگار، نہ امن امان. ڪاڏي وڃجي؟“

”ايترو مايوس نہ ٿيءُ. وقت ڦرندي دير ڪونہ ٿيندا آ. سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.“

”هو سامهون ڏس ٻيٺ.“ سمنڊ ڪان مٿاڇري تي انساني آباديءَ کان ڏور ٻيٺ پرامن اڪيلو افسردگيءَ واريءَ ڪيفيت ۾ گيت جهونگاري رهيو آهي. ”ڪيڏو نہ پرسڪون ٻيٺ آهي.“ ٻيٽ زندگيءَ جي علامت هوندا آهن. جڏهن هر شئي ٻڏي تباهہ ٿي رهي هجي تہ انهن ٻيٽن طرف نگاهون ڇڪجي وينديون آهن. هن شهر ڪي اهي پرعزم ٻيٽ چڻ وارننگ ڏئي رهيا آهن. پاڻ ڪي بچايو. پاڻ ڪي ٻڏڻ ڪان بچايو.

”واهہ! نواز زبردست.“

”تون ايترو ڪيئن ٿو ڄاڻين؟ هن ٻيٽ جي احساسن کي واهہ جو چِٽيو اٿئي.“

ٻيٽ بہ منهنجي ڌرتيءَ جو حصو آهي. ڌرتي مون سان ڳالهائي ٿي. مان ان کي سمجهي سگهان ٿو. مان ٻوڙو ٿورو ئي آهيان يا هيءَ ڌرتي گونگي آهي؟ نہ هيءَ ڌرتي گونگي آ ۽ نہ مان ٻوڙو آهيان. اسان ٻنهي جو تعلق تڏهن ئي سمجهہ ۾ ايندو جڏهن پاڻ کي ٻوڙو ۽ ٻي حس سمجهڻ ڇڏي ڏبون.

”روڄ راڙو ڪندڙ عوام جو هيءَ ڌرتي پيٽ پالي ٿي. اصولن تہ پيٽ پرجڻ کان پوءِ جهيڙو، روڄ راڙو ختم ٿيڻ گهرجي. هتي تہ سمجهہ سوچ جهڙيءَ صلاحيت کان ماڻهون وانجهيل آهن.“

”هلئون هاڻي؟“

”ڪاڏي؟“

”گهر. ٻيو وري ڪاڏي؟“

”اڙي يار، هاڻي تہ آيا آهيون. ٿورو ويهون سڪون شانتيءَ سان.“

”حالتون صحيح ناهن. ڏسين ٿي تو کان ۽ مون کان سواءِ ڪو پري پري تائين نظر ڪونہ ٿو اچي.“

”پنج منٽ ويهون پلا.. صفيہ التجائي لهجي ۾ چيو.“

”چڱو ويهہ پلا. تيستائين مان سگريٽ پي وٺان. پوءِ هلئون ٿا.“ هو ڪيسي منجهان نپوڙيل سگريٽ ڪڍي ٿو جيڪو پينٽ جي پاسي واري ڪيسي ۾ بنا پاڪيٽ جي پيل هيو. سگريٽ جو ڪش هڻڻ کان پوءِ دونهون ڦهليو تہ تيز سامونڊي هوائن ۾ دونهون نظر بہ ڪونہ آيو.

روڊ تان هڪ ايمبولينس تيزيءَ سان گذري. سائرن جي وڄڻ ڪري نواز جي وجود ۾ ٿرٿلو مچي ويو. سندس دل جي رفتار خوف ۾ تيز ٿيڻ لڳي. هن پنهنجي نبض تي هٿ رکيو ۽ ٻانهن ۾ پاتل واچ تي سيڪنڊن جي ڪانٽي تي نظر رکي هڪ منٽ اندر نبض جي رفتار چيڪ ڪري رهيو آهي. 1..... 2.... 3..... 20..... 30....... 55...... 64...... 71....... 81...... 85...... 90...... 100...... 105...... 115..... 121...... 135.....

”هڪ سئو ايڪويهہ. نارمل 72 هجڻ گهرجي.“ پنهنجي پاڻ سان ڳالهائي ٿو. هن جون اکيون خوف ۾ ڦاٽي ويون آهن.

”نواز. پريشان نہ ٿيءُ. تون هيءُ سگريٽ پيئين ٿو ان ڪري تنهنجي هارٽ بيٽ وڌي وئي آهي.“

”صفي، مونجهہ بہ ٿئي ٿي. هل پلا پاڻي پي وٺان. صحيح ٿي ويندو.“

نواز ڳلن جي ٽڏاڻ چڪاسي ٿو. سيني تي پگهر اچڻ ڪري وڏيڪ گهبرائجي ويو آهي.

”هل پلا نواز، طبيعت ۾ مزو ناهي تہ ڏوڙ وجهہ گهمڻ ڪي.“ صفيہ نواز جي پر ۾ پيل وساريل چابي هن کي ڪڍي ڏئي ٿي. هو سمنڊ کان نظرون هٽائي شهر طرف نهاري ٿو. انساني سمنڊ ۾ سونامي اچڻ جا آثار واضح نظر اچنس ٿا. ٻئي طرف پاڻيءَ وارو سمنڊ ۽ ٻيٽ پرسڪون ۽ پرامن نظر اچيس ٿو.

نواز انساني سمنڊ ۽ پاڻيءَ جي سمنڊ وچ تي ٻيٺل آهي. ”هيءَ صدي انساني سوناميءَ جي صدي آهي.“ ذهن تي جملو تري ٿو اچيس. ٻئي ڄڻا پر امن صوفي ٻيٽ تي نظر وجهي موڪلائين ٿا. نواز وري ساڳي رستي تان واپس گهر ڏانهن موٽي ٿو. روڊ جي ٻنهي پاسن کان دڪان بند ٿي چڪا آهن. پيٽرول پمپس جي اڳيان وڏا ڊرم رکيل آهن.

”يار پمپ بند لڳا پيا آهن. آفيس صبح جو ڪيئن ويندس؟“

”بس ۾ وڃجان.“ صفيہ هوا جي داٻ تي وڏي واڪي جواب ڏنو.

”بسون بہ سياڻي هلنديون الائي نہ؟ اڌائي ڪروڙ آباديءَ واري شهر ۾ عوام اجتماعي غائبانا جنازي نماز پڙهي ڇڏي آهي.“ نواز صفيہ ڏانهن پنتي هلڪو ڪنڌ ورائي چيو.

شارع فيصل خالي هجڻ ڪري نواز موٽرسائيڪل جو ايڪسيليٽر فل ڪري 20 منٽن ۾ گهر پهتو. گهر جي ويجهو پهچندي سک جو ساهہ کنيائون. نواز جي دل جي رفتار هاڻي واپس پنهنجي اصل رفتار ڏانهن موٽي رهي آهي.

”ٻڌ، ڪير وٺ تہ چانهن ٺاهي پيئون. مٿي ۾ سور پئجي ويو آهي.“

”ڏسين ٿي ٿي؟ آهين تون بہ صفا چٽ!“

”اڙي يار ڇا مصيبت آ؟ اپارٽمينٽ جي اندرئين پاسي ماجوءَ جو دڪان کليل هوندو. اُتان وٺ!“

ماجوءَ جي ننڍي دڪان تي نواز موٽرسائيڪل کي بريڪ هڻي ٿو. ”پاءَ وارا ڪير جا بہ ڏٻا ڏي.“

”پائو، پاءَ وارا ختم ٿي ويا آهن. ڪلو وارا ڏيانوءَ؟“

”ڇو؟“

”ڏسين نہ ٿو پائو. ٽن ڏينهن کان وري حالات خراب ٿيا آهن. مارڪيٽ ئي بند لڳو پيو آهي. سودو وٺڻ ويا ئي ناهيون. اڄ موبائيل ڪارڊ بہ ختم ٿي ويا آهن. پاڻيءَ وارو بہ ڪونہ آيو آهي ڏٻا ڪٽي.“ ماجو دڪان جي اٽاڻ تي برهم لڳو پيو آهي.

”ڪلو وارو ڏٻو ڏي پلا.“

”پائو، ڪلو واري ڏٻي جا 120 رپيا ٿيندئي. ڏيانءِ؟“

”ڇو؟ 100 جو آهي نہ؟“

”ها پائو عام ڏينهن ۾ ايتري جو وڪڻندا آهيون. هي مان پنج ڪاٽون بليڪ تي وٺي آيو آهيان. سڀ ٻچڙيوال رهن ٿا. ڪير ۽ پاپا تہ لازمي صبح جو کائين. ٻچت ڪونهي، مڙئي ماڻهن جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ وٺي آيو آهيان.“

”وڏو حرامي آ.“ صفيہ نواز جي ڪن ۾ پُٽڪيو.

”پلا سُڪي کير جو ساشي ڏيانوَ؟ ويهين جو هلايان ٿو. توهان پلي پندرنهن رپيا ئي ڏيو. بہ ڪوپ آرام سان ٺهي ويندا. مان پاڻ هاڻي کليل کير جي چانهن ڪونہ پيئندو آهيان. کير ۾ الائي ڇا ملائين ٿا؟ ڪاڙهي رک تہ ديگڙي جي تري ۾ الائي ڇا ليئيءَ جهڙو ڪجهہ پيو آ. الائي نشاستو آ.“

نواز پندرنهن رپيا ڏئي سکي کير جو ساشو وٺي موٽرسائيڪل کي کڪ هنئي. ماجوءَ جي ڳالهہ اڌ ۾ ئي رهجي وئي. هن اڌ ڳالهہ پوري ڪرڻ لاءِ ٻئي گراهڪ ڏانهن رخ ڪيو. رهيل ڳالهہ وري ٻئي گراهڪ سان اُتان ئي شروع ڪيائين. اپارٽمينٽ اندر گهرندي ئي مهاڙيءَ وٽ نواز جي نظر يونين آفيس اڳيان ويٺل ڪجهہ ماڻهن تي پوي ٿي. ٽي ٽي پسٽل، ڪلاشنڪوف ۽ رپيٽر هٿن ۾ جهليل ڪجهہ ماڻهو ٽن چئن ڪرسين تي ويٺل آهن. ٻہ ڄڻا ڇت تي مورچا بند ٿي ٻيٺل آهن جن جي هٿيارن جا منهن انسانن جي آباديءَ جو نشانو وٺي بيٺا آهن. ”هي وري ڪير آهن؟ افغاني ٿا لڳن! شڪليون ئي عجيب اٿن. مون کي تہ ازبڪ ٿا لڳن.“

”يار هتان لڏي هلون.“ عجيب مصيبت آهي. صفيہ گهبرائجي وئي آهي. ”ٻيو ڪو اپارٽمينٽ ڏس پلا.“

”جتي ڪٿي ساڳو حال آهي.“ هو ٻئي ڄڻا چوٿين فلور تائين تڪڙا تڪڙا سهڪندا مٿي چڙهن ٿا. ”اڙي، چابي موٽرسائيڪل جي سُئچ ۾ لڳل آهي. تون هل تہ مان ڪٽي ٿو اچان.“ هو واپس وري ساڳي تيزيءَ سان هيٺ لهي ٿو. ساڳين ڪرسين تي ويٺل هٿياربندن کي ڏسي ٿو. وڏا ٿلها هٿ، چوڙا ڪُلها، وار وڏا ڪلهن تائين لڙڪندڙ، ڏاڙهي مُڇان. قد اهڙا جو ڄڻ ڇت سان لڳن وڃي. نواز يونين ۾ ڪم ڪندڙ چوڪيدار ڏانهن

سري وڃي ٿو. ”هي ڪير آهن؟“

”پرائيويٽ سڪيورٽي گارڊ آهن.“ چوڪيدار جو جواب سمجھ ۾ نہ آيس.

”پرائيويٽ سڪيورٽي گارڊ؟“

”مدرسي وارن جي سڪيورٽي آهي. انهن پنهنجا ماڻهون ويهاريا آهن.“

”انهن کي ڇا ٿيندو وري؟“

”پنج هزار طالب هڪ وقت ۾ ديني تعليم حاصل ڪن ٿا. ضرور انهن کي سڪيورٽي کپي نہ. ٽيون ڏينهن رات جو برسٽ نہ ٻڌئي. پورا ٻہ ڪلاڪ فائرنگ هلي. هڪ فليٽ ۾ گولي دريءَ منجهان ڪراس ڪري وئي. مڙئي بچاءُ ٿي ويو. پوڙهي مڙس سان اڪيلي رهندي آهي. ٻانهن ۾ گولي لڳس. بچاءُ ٿي ويس. ڪٻيءَ ٻانهن ۾ لڳي اٿس. ٻانهن مان پار ٿي وڃيس ها تہ سڌي وڃي دل ۾ ٻہ لڳيس ها. الله سائينءَ بچايس. مان پائو هنن جي ماني ڪٽي اچان. چار ماڻهون آهن. ويلي تي ويھ ڪن مانيون کائي ٿا وڃن. ائون گوشت ٻہ جام کائيندا آهن. سڄو مدرسي وارا ڏيندا اٿن. مان ٻہ مڙئي ٻہ ٽي ٻوٽيون هٽي وٺندو آهيان.“ چوڪيدار پنهنجي چالاڪيءَ تي خوش ٿيندي نواز کي اک هنئي. نواز واپس فليٽ طرف وڌيو. هوائي فائرنگ وري شروع ٿي وئي. تقريبن ٻن منٽن تائين هلندي رهي. فليٽ ۾ گولين جو پڙلاءُ هيو جو ڇت مٿان بيٺل مورچابندن هوائي فائرنگ ڪري هر طرف ڌهڪاءُ پيدا ڪري وڌو.

هن اندر داخل ٿيندي ئي صفيہ کي ڏسندي چيو ”او اِهو ، هاڻي شروع ٿي ويا. الائي ڪڏهن جهيڙا ختم ٿيندا؟ مذهبي، لساني، ثقافتي، نسلي، فرقيواريت، مغربي، مشرقي تہ ڪڏهن ڪارو، پورو، اصلي، نقلي، ايراني، توراني، افغاني، آمريڪي، هندي، بنگالي، روسي، ذهين، جاهل، غير ترقي يافتہ، ترقي يافتہ! الائي ڪٿان مصيبت اچي پئي آ. اچي قهر نازل ڪيو اٿائون.“

صفيہ هن جي پر ۾ اچي ويهي ٿي. ”تون پريشان نہ ٿيءُ نواز، هي وٺ. هوءَ هٿ ۾ اڌ گوري جهليون بيٺي آهي. هيءَ اڌ گوري کاءُ. پاڻي ڏيانءِ ٿي. پريشان نہ ٿيءُ.“ صفيہ نواز کي اينٽي ڊپريشن گوري ڏني. نواز جي اعصابي حالت بگڙي رهي آهي. شهر ۾ دهشتگرديءَ جي واقعن ۾ تيزي اچڻ ڪري هو شديد خوف ۾ ورائجي ويو آهي. ”پريشان نہ ٿيءُ.. صبح جو آفيس ٻہ وڃڻو اٿئي. رليڪس ٿيءُ. آرام ڪر.“

”جتي هٿيارن جا منهن ماڻهن طرف هجن اُتي ڪهڙو آرام ڪجي؟ ننڊون ئي حرام لڳيون پيون آهن.“

”اسان جو ڇا؟“ صفيا لاپرواهيءَ سان چيو.

”ٻيڙي ٻڏندي بچاءَ خاطر اهو چوڻ ڪافي هوندو آهي صفيہ تہ اسان جو ڇا؟“ نواز جي چهري تي طنز اچڻ ڪري اکين وچ ۾ گهنڊ پئجي وڃي ٿو.

”ٺيڪ آ. تون صحيح ٿو چوين. پريشان نہ ڪر پاڻ کي وڌيڪ توکي ڇانهن پياريان دوڏپتي. ٺيڪ آ.“ هوءَ مسڪرائي رڌڻي ڏانهن وڃي ٿي. نواز ڪمري ۾ خاموش شيلف ۾ پيل ڪتابن طرف ڏسي ٿو. ”ڪيترا ڪتاب هوندا، اٽڪل ٻہ سئو هڪ ٻہ ڪتاب مڪمل پڙهيل ناهي. ڪنهن جا پنج صفحا ڪنهن جا پنجاهہ، ڪنهنجا ويھ صفحا، ڪنهن جو مُهاڳ ۽ ڪنهن جو تہ فقط ٽائيٽل پيج پڙهي رکي ڇڏيو آهي. زندگي بيهجي وئي آهي تہ پڙهڻ ٻہ رڪجي وڃي ٿو. زندگي ٻہ اهڙيءَ طرح رڪجي وئي آهي جيئن ڪا بس خراب ٿي جهنگ ۾ ڪٿي سنسان جڳھ تي بيهجي وڃي ۽ اُتي جهنگ منجهان وحشي جانور چوطرف مسافرن کي چيري ڦاڙي کائڻ لاءِ ڏاڙهي رهيا هجن. هر ماڻهوءَ جو هنيانءُ ڦاٽندو هجي.“

صفيا چند منٽن گذرڻ کان پوءِ ٻہ ڪوپ ۽ ٻہ ڊبل روٽيون هٿ ۾ کڻي نواز اڳيان رکي ٿي.

”ماني پوءِ پچايان ٿي. في الحال ڊبل روٽيءَ سان ٻل ڪري وٺ. خالي چانهن پيئنديئن تہ بک تي هنياءُ پٽجندئي.“

”نہ ماني نہ ٿي وڻي. پيٽ تي چڙهي ٿي پئي. ماني هضم ئي نہ ٿي ٿئي.“

”ها پيٽ ٻہ تہ دڙو ٿي ويو اٿئي.“ صفيا مسڪراهٽ ۾ اکين جي مستيءَ کي چپرن سان ڍڪي ٿي ڇڏي. هڪڙو طويل برسٽ فائر ٿئي ٿو. ٻئي ڄڻا دهشت ۽ گهٻراهٽ ۾ هڪٻئي کي ڏسي رهيا آهن. پوليس موبائل جو سائرن وڄي بند ٿي وڃي ٿو. فائرنگ وري رڪجي وڃي ٿي.

صبح جي سج جا نفيس ڪرڻا سخت پٿريلي روڊ تي پئجي رهيا آهن. نواز ۽ هڪ مزدور فٽ پاٿ تي بيٺل آهن. ڪافي وقت کان بس جي انتظار ۾ بيٺا رهيا آهن. نيٺ ٿڪجي فٽ پاٿ تي ويهي رهن ٿا. مزدور انتظار جي بيچينيءَ منجهان هٿ ۾ جهليل اوزار هٿوڙو ڇيٽي پاڻ ۾ ٽڪرائي رهيو آهي. ان مان پيدا ٿيندڙ آواز انتظار جي گذرڻ ۾ مدد ڪري رهيو آهي. نواز بار بار پنهنجي ڳلن تي اُبتو هٿ رکي خوف منجهان سرد ٿيل چهري جي ٿڌاڻ جاچي رهيو آهي.

نواز جي چهري تي خوف جا تاثرات واضح آهن. اڌ ڪلو ميٽر جي فاصلي تي رات جو ساڙيل بس بيٺل آهي جيڪا وڳوڙين باھ جي نذر ڪري ڇڏي. غم ۽ غصي جي شديد ڪيفيت جي ڪري ڊرائيور ۽ ڪجھ مسافرن کي زندھ ساڙيو ويو. وڳوڙي ڪيترن ئي ڏينهن کان پنهنجي غم ۽ غصي جو اظهار ڪري رهيا آهن. حڪومت جو چوڻ آهي تہ اڍائي ڪروڙ آباديءَ واري شهر ۾ روز ڏھ – پندرنهن ماڻهو مرڻ هڪ فطري عمل آهي. جيڪڏهن آبادي گهٽ هوندي تہ ان حساب سان مرندڙن جو ريشو ٻہ گهٽجي ويندو. اهڙا سياسي منطق انتهائي سنجيدگيءَ سان سوڳوارن کي سمجهايا وڃن ٿا. ماڻهو روئندا ٻہ رهن ٿا ۽ سوڳ ۾ ڪنڌ ڌوڻي هائوڪر ڪندي سياسي منطق جي سچائيءَ کي قبول ٻہ ڪن ٿا. ”خبر ئي ڪانہ ٿي پوي. هيءُ هيڏو اجگر جيڏو شهر پنجن منٽن ۾ بند ٿي وڃي ٿو.“

”ڪالھ ٻہ مان مزدوريءَ تي نڪتو هيس. رنگ جو ڪم ڪندو آهيان. بس ۾ سفر ڪري رهيو هئس. اوچتو چار پنج نوجوان جن جون شڪليون ئي عجيب هيون بس ۾ گهڙي آيا. ڪنهن کان موبائيل ڦرين تہ ڪنهن کان روڪ پئسا، بس ڊرائيور کي ٺڦون هڻي ڀڄائي ڇڏيائون. آرام سان سيني کي ڦريندا لهي نڪتا هليا ويا.“

مزدور جي واقعي ٻڌائڻ کان پوءِ نواز جو خوف منجهان دل جو ڌڙڪو تيز ٿيڻ لڳو. دل تي هٿ رکي رفتار چيڪ ڪري ويتر پريشان ٿيڻ لڳي ٿو.

”ڇا ٿيو؟ طبيعت صحيح ناهي ڇا؟“

”ها جسم هلڪو هلڪو ٿڌو ٿي رهيو آهي. چڪر ٻہ اچن ٿا.“ نواز گهٻراهٽ ۾ جواب ڏنو.

مزدور فوٽ پاٿ تان اُٿي هن جي پر ۾ دلجاءِ ڏيڻ لاءِ ويهي ٿو. ”گهٻراءِ نہ. الله ڀلي ڪندو. لڳي ٿو تون پريشان ٿي ويو آهين. تون واپس گهر وڃ. مان ٻہ ڪم تي ڪونہ وڃي سگهندس. اهڙيءَ حالت ۾ ڪهڙي بس ملندي؟ گهٻراءِ نہ. هي هاڻي روز جو معمول آهي. ڪيترو ڊڄنداسين؟ پاڻ آهيون ڏهاڙيءَ جا مزدور. چوويهن ڪلاڪن جو خرچ پڪو ڪيسي ۾ پيل هوندو آهي. زندھ ٻہ تہ رهڻو آهي. پيٽ ٻہ تہ ڀرڻو آهي.“

”ڦهريان مان ٻہ ائين تو جيان ٺڪاءَ تي پريشان ٿي ويندو هوس. هاڻي تہ گولين کان ڳالھ چڙهي وڃي بم ڌماڪن تي پهتي آهي تہ ٻہ مڙئي خير! گوليون هلنديون، ڌماڪا ٿيندا، ماڻهو پٽ تي ڪرندا، مرندا. پوءِ ٿوريءَ دير ۾ ئي سردخانن ۾ ايمبوليسن ذريعي پهچندا. هتي هاڻي هر ماڻهون سرد دل ٿي ويو آهي. سردخانن جيان. موت مذاق بڻجي ويو آهي. جيئن مڪ چانھ ۾ ڪري مري ائين ماڻهو ڪراچيءَ ۾ مري.“ فائرنگ جا آواز پري کان ٻڌڻ ۾ پئي آيا. هنن ٻنهي جون نظرون پاڻ ڏانهن ايندڙ نوجوان تي پيون جيڪو موٽرسائيڪل تي روڊ جي ٻنهي طرفن ڏانهن گهٻراهٽ ۾ هيڏانهن هوڏانهن نهاري رهيو آهي. هنن ٻنهي وٽ اچي بيهي ٿو.

”توهان ٻنهي مان نواز ڪير آهي؟“

نواز گهٻراهٽ ۾ بنا ڪُڇڻ جي ڪنڌ انڪار ۾ لوڏي ٿو.

موٽرسائيڪل سوار هن جي گهٻراهٽ ۽ انڪار مان سمجهي وڃي ٿو تہ هو ئي نواز آهي. موٽرسائيڪل سوار ڦڙتيءَ سان ور منجهان پستول ڪڍي ٿو. نواز ڏانهن سڌو ڪيائين تہ هن ڊُڪ ڀري. هٿياربند سندس پويان هوائي فائرنگ ڪندو پيڇو ڪندو ڀڄي ٿو. نواز دهشت ۾ اُڀ ڏاريندڙ پڪارون ڪري رهيو آهي. ”الله. الله. بچايو. اباڙي. هي قاتل مون کي ماري ڇڏيندو. بچايو.“

”بيھ.“ هو پويان هن کي بيهارڻ لاءِ چئي رهيو آهي.

نواز جي تيز ڀڄندي جُتي ڇڄي پوي ٿي. هو ٿاٻڙجي روڊ تي ڪري پوي ٿو. سندس پيرن جي آڱرين منجهان رت سماهي رهيو. اڙي بچايو. سڀ ماڻهو ڪاڏي مري ويا. هو چوطرف بند پيل شهر ڏسي ٿو. روڊ تي ڪجھ پٿر پيل آهن. جيڪي ماڻهن احتجاج ڪندي روڊ بلاڪ ڪرڻ لاءِ اُڇلايا هئا. نواز ڪجھ پٿر روڊ تان کڻي جهول ۾ وجهي ٿو. مزاحمت ڪندي پويان پيڇو ڪندڙ هٿياربند کي پٿر هڻي ٿو. اڙي مون کي بچايو. هي ظالم ڪتو مون کي ماري ڇڏيندو. هو سهڪندو، ڀڄندو هڪ گهٽيءَ ۾ اندر داخل ٿئي ٿو. مارڪيٽ سڄو بند آهي. دڪانن کي تالا لڳل آهن. اڙي هتي ٻہ ڪو ماڻهو ڪونهي! چند قدم اڳتي ڀڳو. ڏٺائين تہ هڪ لاش پيل آهي جنهن جي پر ۾ ڪتو بيٺل آهي جيڪو لاش جي تازي ڳڙندڙ رت مٿان نظرون کُپايون بيٺو آهي. نواز جهول ۾ جهليل پٿرن منجهان هڪ پٿر ڪُتي کي وهائي ٿو ڪڍي. ڪُتو ڪونڪاٽ ڪندو پري ڀڄي ٿو وڃي. نواز کي چڪر اچڻ لڳن ٿا. دل جو ڌڙڪو

پنهنجي پرپور رفتار ۾ هلي رهيو آهي. اڪين اڳيان اوندهه اٿس. هن اوندهه منجهان نڪرڻ لاءِ سڄ طرف ڏنو پر انڌير نگر ۾ چڙو هڪ سڄ ڇا انڌير ختم ڪري سگهندو.

نواز پٽ جي اوٽ ۾ لڪي ويهي رهيو. دل جي رفتار هلڪي ٿيڻ جو نالو ئي ڪونه پئي وٺيس. شايد جيئڻ لاءِ دل جي آخري جدوجهد هئي. نواز اکيون بند ڪرڻ لڳو ته جيئن هو اونداهين ۾ هميشه لاءِ غرق ٿي وڃي. سڄي ڌرتي اوندهه جو شڪار ٿي وئي آهي. نواز جي سامهون هٿياربند پستول ڪنيون سڌو اچي نرڙ تي رکيس ٿو.

آخرڪار مان فتحمند ٿي ويس. نواز خوف منجهان منهن گوڏن ۾ لڪايو.

”تون ڪير آهين؟“

”هن سڄي شهر کي خبر آهي ته مان ڪير آهيان ۽ حيرت جي ڳالهه آهي ته تون مون کان اڻ ڄاڻ آهين. توکي موت ئي ٻڌائي سگهي ٿو ته مان ڪير آهيان ڇو ته ڪافي ڳالهيون زندگيءَ جي خاتمي تي ئي سمجهه ۾ اينديون آهن. موت هر شئي کي ناس ڪري ڇڏيندو آهي. ڏس هن شهر کي مون ناس ڪري ڇڏيو آهي. ڪو ماڻهو نظر اچئي ٿو؟ سڀ خوف ۾ مري ويا آهن. مان خوف آهيان. مان فتحمند جيوڙو آهيان. آخري فاتح جيوڙو جيڪو قبر ۾ ملندو آهي. منهنجو ڊؤ ڪونه ٿيو آهي. ان ڪري مان ٻاهر نڪري آيو آهيان. مان ئي اصل قاتل آهيان.“ هو پستول نواز جي لونڊڙيءَ تي رکي ٿو.

”ڪڏهن ڪن جي فاصلي تي گوليءَ جو ٺڪاؤ ٻڌو اٿئي؟ آ ٻڌ.. آ ٻڌ موت جو پڙاڏو. خوف جو پڙاڏو. آ ٻڌ. ٺا.“

نواز بيڊ تان ڇرڪ ڀري اُٿي ٿو. ”هي ڇا هيو؟“

”هان مان خواب ٿو ڏسان. ايڏو ڀيانڪ! ايڏو دردناڪ خواب. اهڙي اذيت ملڻ کان ته مان مري وڃان ها!! گوليءَ سان منهنجو خاتمو ٿي وڃي ها. بار بار مرڻ کان هڪ دفعو مري وڃجي ته بهتر آ پر هو ڪير هو؟ اڳ ۾ به ڪي ئي دفعا ائين خواب ۾ مون کي اذيت ڏني اٿائين. بس هاڻي ته خواب ڇڙو ڀيانڪ ئي هجن ٿا. خواب هاڻي پاتال ۾ ئي ڪنيي وڃن ٿا. زنجيرن ۾ جڪڙي خواب ڏوهارين جيان قيد ڪري ڇڏين ٿا. خواب اذيتناڪ آهن. هو مٿي تي هٿ رکي ڏٺل خواب بابت سوچي رهيو آهي. هڪ برسٽ هلي ٿو. ”وري هي فائر ڇا جا؟ مان. مان خواب ٿو ڏسان. فائرنگ ته ٿوري دير اڳ خواب ۾ پئي هلي.. نه پر فائرنگ ته اڃان هلي پئي يا شايد اڃان مان خواب ٿو ڏسان. خبر ئي نه ٿي پوي ته مان اڃان خواب ۾ آهيان يا جاڳي ويو آهيان. اهو ڪيئن طئه ٿي سگهي ٿو؟“

هو بستري تان اُٿي فليٽ جي دريءَ منجهان هيٺ نهاري ٿو. روڊ رستا بلڪل ويران آهن.

”اڙي هي ته مون ٿورو وقت اڳ ۾ ڏٺو.“ نواز جي نظر ساڙيل بس تي پوي ٿي. فائرنگ تيز لڳي ٿي. هو خوف ۾ دريءَ کان پوئتي ٿي وڃي ٿو. مٿي تي هٿ رکي فرش تي نظرون کُپايو ويهي ٿو رهي. ”اهو هيو ڪير؟ هو قاتل روز خواب ۾ اچي مون کي ڊُڪائي ڊڪائي ساڻو ڪري وڃهندو آهي ۽ وري ڪجهه وقت لاءِ گم ٿي وڃي ٿو. ان کان اڳ جو مان سُجاڳ ٿي وڃان خواب ۾ ئي هن کي ڳولي مارڻو آهي.“ فائرنگ هلي ٿي. ”ها او اهو ساڳو فائر ساڳي ئي هٿيار سان. اهو ئي آهي. اهو ڀيانڪ خواب اڃان جاري آهي. ها مان اڃان جاڳيو ناهيان. ان کان اڳ جو مان جاڳي پوان. هن کان ان اذيت جو بدلو ضرور وٺڻو آهي.“

فجر جي اذان اچي ٿي. اذان ٻڌي نواز ڪجهه ساعتن لاءِ پرسڪون ٿي وڃي ٿو. ڳاڙهين ٻرندڙ اکين کي بند ڪري ڇڏي ٿو. ”چوندا آهن فجر جي وقت جو خواب سچو هوندو آهي ۽ هو سچ ۾ ڪٿي اندر گهر ۾ ته نه داخل ٿي چڪو آهي!!“ نواز بيڊ تان اُٿي ٿو. ڪمري جي در وٽ لڳل پڙدو هٽائي ٿو. ”هتي ڪونه آهي.“ هن جي نظر وري واش روم جي در تي پوي ٿي جيڪو ٿورو کليل آهي. وٿيءَ منجهان اندر ٻرندڙ لائيٽ جي روشني نظر اچيس ٿي. ”اندر لائيٽ به ٻري ٿي ۽ در به کليل آهي.“ هو ڊڄي ڊڄي واش روم جي در وٽ اچي بيهي ٿو. ”نه ائين خالي هٿين در نه کوليندس ۽ جيڪڏهن هو اندر لڪيو بيٺو هوندو ته مان مرندس. سويل جهول ۾ ڪجهه پٽر هٽا جن سان مڙئي ڪجهه پنهنجو بچاءُ ڪيو پر هاڻي بيهه پهريان پستول ڪٽان. ڏوبدو جهيڙو ڪرڻو آهي. جيڪو ٿيو سو ڏٺو ويندو.“ نواز بيڊ جي خاني منجهان پستول ڪڍي ٿو جيڪو ڪجهه ڏينهن اڳ ٽن هزارن ۾ ورتو هئائين. چوريءَ جو هجڻ ڪري سستو مليس.

هو واش روم طرف وڃي ٿو. در کولي اندر ليئو پائي ٿو. واش روم جي بتي بند ڪري واپس بيڊ تي اچي ويهي ٿو رهي. فائرنگ. ٺا ٺا ٺا..

”هي قاتل رهزن سمجهن ٿا ته گولي هلائڻ سان ڇڻ هنن فتح ڪري وڌو آهي. هن ڪتي گولي هلائي بهادريءَ جو وڏو ڪارنامو ادا ڪيو آهي. هن دفعي هن ڪتي کي ڳولهي لهندس.“ صفيا نواز جي پنهنجي پاڻ سان ڳالهائڻ ڪري سجاڳ ٿي وڃي ٿي.

”نواز، ڇا ٿيو اٿئي؟ سمهي رهه. ٻيون ٽيون ڏينهن آهي جاڳين پيو. ايڏو اوجاڳو صحيح ناهي.“

”صفيه هي فائر ٻڌين پئي. گولين جو آواز. ايمبولينس سائرن.“

هوءَ ڪجهه لمحن لاءِ خاموش ٿي وڃي ٿي.

”ها ٻڌان پئي.“

”صفيه ٿوري دير پهريان بلڪل ساڳا ئي گولين جا ٺڪاءَ ۽ سائرن مون ٻڌا ۽ قاتل ڏٺو جيڪو مون کي ڊڪائي رهيو هو. مون کي مارڻ پئي چاهيائين.“ هو ڪجهه لمحن لاءِ خاموش ٿي وڃي ٿو. ”چڱو تون مون کي ٻڌاءِ ته مان خواب ٿو ڏسان يا جاڳان پيو؟“

”جاڳين پيو.“ صفيا جواب ڏنس.

”نه اگر خواب هجي ۽ سجاڳ ٿي وڃجي ته اهو سڀ ڪجهه ساڳيو نه رهندو آهي. اهو ڀيانڪ خواب اڃان هلي پيو. هو ڪتو مون کي ۽ هن سڄي شهر کي قتل ڪرڻ چاهي ٿو. منهنجي اعصابي حالت اڃان ساڳي آهي جيڪا ٿوري دير اڳ هئي. مان سمجهان ٿو ته مان اڃان به خواب ڏسي رهيو آهيان. هن خواب جو انت ٿيڻ گهرجي نه ته هو وري مون کي اذيت ڏيندو. مان هن ڀيانڪ خواب جو انت هن قاتل جي انت ڪرڻ تائين ڪرڻ چاهيان ٿو.“

”نواز، هي تون ڇا ٿو چوين؟ جاڳين ته پيو!“

”اگر جاڳان ها ته اهو سڀ ڪجهه ختم ٿي وڃي ها ۽ پرسڪون ٿي وڃي ها پر ائين نه ٿيو. هن دفعي مان هن کي مات ضرور ڏيندس. ڀلي هو آسمانن ۾ وڃي ڇو نه لڪي يا هماليا جي پاڙن ۾ ڇو نه لڪي پوي؟ هن کي مان شوٽ ڪندس. خوف منجهان آزاد ٿي ويندس. هميشه جاڳي پوندس. خواب ختم ٿي ويندو. ڪنهن گهاٽي جهنگ جي ڇانوَ ۾ سڪون جي ننڊ ڪندس. ديو جيان ڇهه مهينا ننڊ ڪندس ۽ ڇهه مهينا جاڳندس. وري ڪڏهن پکيءَ جيان اوچن منارن جي مٿان اُڏامندس. وري ڪڏهن آوارا بي خود هوائن جيان ريگستان جي صدين کان ستل واري جاڳائيندس. سڄو ٿر جاڳي پوندو! مئل مور زندهه ٿي پوندا. نچندا ڪڏندا. ويران شهر وري آباد ٿيندا. بازارون، باغ، ميدان هر طرف کلندڙ ۽ پيارا چهرا نظر ايندا. سمنڊ ڪناري صوفي بيٺ جي مٿان هوائن جو هو جمالو تي رقص هوندو ۽ اڇن پکين جا ولر انسانن کي اڏامندي قطارن ۾ اُڏي ڪرتب ڏيکاريندا. واهه! واهه! قدرت به شاهڪار آهي.“ نواز دلڪش تخيل جي دنيا مان دستبردار ٿو ٿئي جڏهن گولين جا روڊ تي گونجندڙ پڙاڏا نواز جي هنياوَ ۾ لهي وڃن ٿا. اوچتو اڻ ڄاتل رخ کان گولي شيشو ڀڃي پٽ ۾ ٽنگيل گهڙيال ۾ اچي لڳي ٿي. گهڙيال هيٺ ڪري پيو. ٽئي ڪانٽا بي جان ساڪن فنا ٿي فرش تي وڪري وڃن ٿا. ”هيٺ ٿيءُ صفي صفي هيٺ ٿي وڃ. مٿان گولي لڳئي! او اهو! توکي چيو نه ته مان خواب ٿو ڏسان. ڏس صفي اسان جو وقت پورو ٿيڻ وارو آهي. ڏس ڪيئن ته گهڙيال جا ٽئي ڪانٽا پٽ تي فنا پيا آهن. اسان پاڻ کي بچايون.“ نواز هٿ ۾ پستول مضبوطيءَ سان پڪڙي ٿو. هو جيئن ئي اُٿيو ته صفيه هن کي ڪالر کان ڇڪي هيٺ ڪيو.

”ڇا ٿو ڪرين؟ هيٺ ٿيءُ! گولين جي منهن ۾ ٿو وڃهين پاڻ.“

نواز هيٺ فرش تي ليٽي پوي ٿو. فليٽ کان ٻاهر ڏاڪڻين ۾ ڪجهه ماڻهن جو ڳالهائڻ ٻڌجڻ ۾ اچين ٿو. ”ڇڏ سامان ڦٽي ڪر! هل جلدي نڪر هتان.. سڀ هلي ٻاهر سوزوڪيءَ ۾ ويهو. جلدي. جلدي!“

پاڙيسرين جو آواز ٻڌي نواز ۽ صفيه تارا ڦوٽاري هڪٻئي کي ڏسي رهيا آهن.

”هيءُ ڇا جو گوڙ آهي صفي؟ هي آواز ته عبدالقادر جو آهي. لڳي ٿو عبدالقادر وارا لڏي رهيا آهن!“

”ها.“ صفيه جون اکيون غور سان مٿي ڇت ۾ کُتل هيون. ”جوڙس ۽ ٻارن جو آواز پيو اچي. لڳي ٿو فليٽ ڇڏي ڀڄي رهيا آهن! پاڻ به ڀڄئون!“ صفيه رازداريءَ ۾ چيو. ”هان؟ ڀڄئون؟“

”اڳ ۾ به ته ڀڳا هئاسين نه!! ڇا مليو؟ رهندو گهرن تي قبضا ٿي ويا. هي حالات پيدا ئي ان لاءِ ڪيا ويا آهن ته اسان ميدان ڇڏي ڀڄئون.“

”نواز! ڇا ٿيو اٿئي؟ هوڏانهن پاڻ ٿو ڊڄي مرين، اهڙين حالتن ۾ تون نه رهي سگهندين.“

”نه مان خواب ٿو ڏسان. ڀڄي وڃڻ سان ڪجهه به نه ملندو. ائين ته روز مان خواب ۾ ڀڄندو رهندو آهيان ۽ خوف ئي انسان کي ڀڄائيندو رهي ٿو.

ڏس عبدالقادر وارا پڇن ٿا. اهو خوف آهي جيڪو هنن کي بہ ڊوڙائي ٿو ۽ آخرڪار هي سڀ ٽڪجي ٽُٽي پٽ تي ڪرندا. هو ڪتو قاتل هنن کي ڪن جي پر سان پستول رکي فائر ڪندو. جيئن منهنجي مٿان ڪيائين. هن مون کي ماريو ڪونہ پر موت جهڙي اذيت ڏنائين. هاڻي بهادريءَ سان مقابلو ڪرڻو آهي. ڀڄڻو ناهي.”

هو فرش تان اُٿي بيڊ تي ليٽي پوي ٿو. منهن تي چادر چاڙهي اکيون بند ڪيائين. هٿ ۾ پستول کي مضبوطيءَ سان جهلي سڌو ٿي سمهي ٿو.

”هي ڇا ٿو ڪرين؟“ صفيہ پريشان ٿي وڃي ٿي.. اکين منجهان لڙڪ وهنس ٿا. نواز اکيون بند ڪري بنا لفظ ڪڍڻ جي هٿ سان پري هلي وڃڻ جو اشارو ڪريس ٿو. هوءَ خوف ۾ پري هلي وڃي ٿي ۽ ڪنڊ ۾ هيٺ فرش تي ويهي رهي ٿي.

نواز اکيون بند ڪيون اونداهين ۾ ڪٿي ڪٿي ڪي ڏنڌلا منظر ڏسي ٿو. هو ساڳي ئي روڊ تي هلندو رهي ٿو. روڊ بلڪل ويران آهي. ساڳي اسٽاپ تي جتي هو مزدور سان گڏ ويٺل هيو.

”هو قاتل رهزن لڳي ٿو هتي ڀيهر ڪو نہ ايندو. مزدور جو لاش لڳي ٿو ايموليبنس کڻي وئي. قربانيءَ جون ڪلون بہ ايتريون جلدي ايمبولنس وارا نہ ڍوئيندا آهن جيترا جلدي قتل ٿيندڙن جا لاش ڍوئن ٿا. قربانيءَ جي کلن جي مالڪيءَ تي جهيڙا ٿيندا آهن پر هتي لاشن کي ڪو پنهنجو ڪرڻ وارو ئي ڪونهي. ڪيڏو نہ خوفائتو ۽ ويران شهر بڻجي ويو آهي. رهزنن هيڏانهن منهن ڪڍيو آهي. پورو شهر ئي لڳي ٿو قتل ٿي چڪو آهي.“

صفيا ڪمري ۾ نواز مٿان وري اچي بيٺي آهي. نواز اکيون پوري ڳولا ۾ رُلي رهيو آهي.

”نواز، او نواز. اُٿ هي ڇا پيو ڪرين؟“ هوءَ نواز جي ٻانهن کي هٿ وجهي ڌوڻي ٿي. نواز هٿ سان ساڳيءَ طرح پري وڃڻ لاءِ اشارو ڪريس ٿو. نواز ساڳيو اڪيلو روڊ تي هلي رهيو آهي. هڪ شخص هن کي سامهون نظر اچي ٿو جيڪو هڪ پل طرف وڃي رهيو آهي. پل هيٺان گندو نالو وهي رهيو آهي. نواز هن جي ڪڍ لڳي پوي ٿو.

”او اهو..... اهو آ..... ڪٿي هي پل هيٺان ٽائيم بم فٽ ڪرڻ تہ نہ ٿو وڃي؟ شهر ۾ ڌماڪا اڪثر پلن جي هيٺيان بہ ٿيندا آهن ۽ ڪارروائي ڪندي ڪو هنن کي ڏسي بہ نہ سگهندو آهي. ڀلا گندي نالي هيٺان ڪهڙي پوليس چوڪي لڳندي آهي؟ يا پوليس وري هتي ڪهڙو گشت ڪندي آهي؟ انهن ڪان وڏيڪ تہ ايمبولينس نظر ايندي آهن جن جا سائرن وڄندي دلين کي هراس ۾ وجهي ڇڏين ٿا.“

نواز آهستي آهستي قدم سنڀالي پل وٽ پهچي ٿو. همراهہ کي ڏسي ٿو. پل جي هيٺيان ويٺل همراهہ هيروئني آهي جيڪو زماني ڪان لڪيو ويٺو هيروئن واپرائي رهيو آهي.

خدا هن کي هدايت ڪري. ڪيڏي نہ اذيت ڏني اٿائين. هن کي ڪهڙي ضرورت آهي نشو لڪي ڪرڻ جي؟ سڄو شهر خالي آهي. ڪير هن کي ڏسندو؟ ڪير هن کي پنهنجو منهن ڪارو ڪندي جهليندو؟ هيئن ڏينهن ڏني جو قتلام ٿي رهيو آهي. ان کي روڪڻ وارو ڪوئي ڪونهي تہ هن نشائيءَ کي ڇا جو ڊپ آهي؟ ڪير روڪيندو؟ سڀ ڪجهہ چڙواڳ ٿي پيو آهي. الله! مان هي ڪٿي ڦاٿو آهيان؟ روز ماڻهو قتل ٿين ٿا ۽ وري ٻئي ڏينهن ڪنهن کي ياد ئي ڪونهي. جيڪڏهن فوٽ پاٿ تي هنن بيگناهہ ماڻهن جون قبرون ٺاهجن تہ هلندي ڦرندي ماڻهو ان قتلام جو احساس ڪن. لڳي ٿو مان ئي اڪيلو بچيو آهيان هن کي مارڻ لاءِ. انصاف ٿيڻ گهرجي. احتساب ٿيڻ گهرجي. خواب هاڻي وڌيڪ طويل نہ ٿيڻ گهرجي. وڌيڪ خواب ۾ رهندي مان ڪٿي ڏور نہ نڪري وڃان جو واپس نہ اچي سگهان.” هو گندي نالي مٿان بيٺل آهي. ڪارو ميرو پاڻي پنهنجي وهڪري ۾ تيزيءَ سان وهي رهيو آهي.

فليٽ جو در کڙڪي ٿو. ٺڪ ٺڪ ٺڪ. نواز ٽپ ڏئي اٿي ٿو. صفيہ هن کان پري پڇي هيٺ ڪري ٿي. هٿ ۾ پستول کنيو تيز در ڏانهن ڀڄندو وڃي ٿو. “اوهو اوهو اوهو....... ٺا ٺا ٺا......... قاتل اهو اٿئي......”

نواز پاڙيسري عبدالقادر کي قتل ڪري ڇڏي ٿو جيڪو بند پيل گهر جي سڌ سماءَ لاءِ نواز کي چاٻي ڏيڻ آيو هو.

”اڙي نواز. هي ڇا ڪيئي؟ ادا قادر کي بيگناهہ ماري ڇڏيئي!“ صفيا رڙيون ڪندي بيهوش ٿي رهي هئي.

“هن منهنجون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون هيون. هيءُ ڀيانڪ خواب ختم ٿيڻ وارو آهي. ڏسجانءِ هاڻي مان سجاڳ ٿي ويندس.. مون هن کي ماري ڇڏيو. ڏسجان هاڻي مان اُٿندس. رو نہ. مان خواب ٿو ڏسان. چند لمحن ۾ سڀ ڪجهہ پرسڪون ٿيڻ وارو آهي. مان اُٿڻ وارو آهيان. ڏسجان..... ڏسجان......”

ٿوريءَ دير ۾ پوليس کي اطلاع ڏنو ويو. نواز کي سپاهي هٿڪڙيون هڻي وٺي ٿا وڃن.

نواز سپاهيءَ سان مخاطب ٿيندي، ”هٿڪڙيون نہ هڻ. منهنجون هٿڪڙيون پاڻ ئي کلي وينديون. مان خواب ٿو ڏسان.” سپاهيءَ کي کلي چوندي، “ تون بہ گم ٿي ويندين. هي هٿ ڪڙيون بہ گم ٿي وينديون.

نواز جيل جي ڪوٺيءَ ۾ اندر داخل ٿئي ٿو. هن جي نظر اندر ويٺل قيديءَ تي پوي ٿي. نواز کي ساڳو ئي ماڻهو نظر اچي ٿو جنهن هن کي ڌڪايو هيو. هو خوف ۾ ڪنبي وڃي ٿو ۽ رڙيون ڪري ٿو “اڙي مون کي بچايو! هي قاتل اجا نہ مئو آهي. مون کي هن ڀيانڪ خواب مان جاڳايو! مون کي بچايو! او ادا جمعدار! مون کي ٿڌو پاڻي هڻ. صفيءَ کي وٺي اچو. مان جڏهن ننڊ مان نہ اُٿندو آهيان تہ هوءَ مون کي ٿڌي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻندي آهي. صفي او صفي! اچ. مون کي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻ. مون کي جاڳاءِ. هو پاڻ کي چنبا هڻي ٿو. هٿ کي ڇهنڊڙيون پائي ٿو. “مان جاڳان ڇو نہ ٿو؟ منهنجو خواب ختم ڇو نہ ٿو ٿئي؟ مون کي هن اذيت مان آزاد ڪيو. مون کي ٿڌو پاڻي هڻو. مون کي جاڳايو.



نظم

مختيار سهتو

## اداسي ئي اداسي آ....

اداسي عشق جو پاڇو
اداسي سرت جي دنيا
اداسي سمنڊ جو ناول
اداسي چنڊ کي گرهڻ
اداسي رول جي ساهي
اداسي رات صحرا ۾
اداسي عشق جو پرچو
اداسي نينهن جو نغمو
اداسي ماٺ ميلي جي
اداسي هار جو تغمو
اداسي ڪونج جو ڪرڪڻ
اداسي وقت جو بيهڻ
اداسي بخت جي پيچ ڏاهہ
اداسي جي موت جي موسم
اداسي حادثو هر پل
اداسي سوچ ۾ اڻ تُڻ
اداسي پيڙ گهاٽي جي
اداسي دهل جي ڏڪ ڏڪ
اداسي بين جو سڏڪو
اداسي سارنگي اوتي
اداسي پوهہ جو چندن
اداسي جون جو تڙڪو
اداسي خوف کي جنمي
اداسي روح ٿي رهڙي
اداسي ٿانُ اڻ-ڪٽ ڪو
اداسي سمنڊ کي سوچڻ
اداسي جاڳ جو سپنو
اداسي قبر ڪا تنها
اداسي حال پنهنجي جي
اداسي حال تنهنجي جي
اداسي پيار تنهنجي مان
اداسي ڏيج ۾ مليل
اداسي سوچ ۾ هر پل
اداسي سوچ ڪان ٻاهر
اداسي سوچ جي اندر

# ايچ ڊفرنس...



بشير احمد سومرو

سيمينار هال ڏانهن آڊينس سان گڏ امر ۽ شرجيل به اندر داخل ٿيا پر هال ۾ اندر داخل ٿيڻ کان اڳ ۾ شرجيل کان مئڊم ڳڻتيءَ واري انداز ۾ پڇيو، ”سر ليڪچر ته ڏئي ويندو نه!“

”جي ميم، امر آهي ته ڪامريڊ جي ليڪچر ۾ ويهي بيهجي ويو ته هن جهڙو ڪو به نه ڏيندو جي نه ته پوءِ پڇڻ جي به جاءِ نه ملندس.“ شرجيل امر جي نفسياتي ڪيفيت مئڊم کي ٻڌائي ته هن جي چهري تي ڪجهه مايوسيءَ وارا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا.

”ڪالهه ته مون کي بهترين پئي ٻڌايائين.“ مئڊم شرجيل کي ٻڌايو.

”مئڊم، هي امر بيٺو آهي پاڻ ئي پڇي وٺوس باقي رات به هاسٽل تي ليڪچر ڏيڻ جي پريڪٽس ڪئي هيائين.“ شرجيل مئڊم کي جواب ڏئي امر ڏانهن اشارو ڪيائين.

”سر، بس اوهان آڊينس ڏانهن نه پر ڪمپيوٽر اسڪرين تي پنهنجي سيمينار ليڪچر ڏانهن ڌيان ڏجو، ائين سمجهو ته جڻ ڪاليج ۾ پنهنجن اسٽوڊنٽس کي ليڪچر ڏئي رهيا آهيو هنن کي به ائين ئي اسٽوڊنٽس سمجهو،“ مئڊم ڪجهه گهڙيون امر جي چهري ڏانهن ڏسي ڪري هن جي ڪانفيڊنس کي جاچيو ۽ چيائينس، ” باقي ڊين آف فيڪلٽي ۽ ٻين پروفيسرن يا اسڪالرز جي ڪئسچن جا جواب اچن ته ٺيڪ آهي، جي نه ته سوري ڪجو.“

امر مئڊم ۽ شرجيل جي چهري تي هلڪي نظر وڌي ته کيس محسوس ٿيو ته ٻئي ڄڻا ڪجهه مايوسيءَ جي گهيري ۾ ورتل هيا ڇو ته ٻنهي کي امر ۾ ايتري گهڻي توقع نه هئي ته هو ڪو بهتر ليڪچر ڏئي سگهندو جنهن سان مئڊم جي عزت ۾ واڌارو ايندو ۽ هال ۾ موجود نوان اسڪالرز مئڊم ڏانهن متوجه ٿي ڪري هن ڏانهن ريسرچ جي لاءِ ايندا.

اجا امر پنهنجي سيٽ تي مس ويٺو ته شرجيل فليش ڊرائيو گهريس ته جيئن اها ڪمپيوٽر آپريٽر کي ڏئي ڪري سيمينار ليڪچر سيو ڪرائي ڇو جو امر ۽ شرجيل جڏهن به ڪو ريسرچ جو ڪم ڪندا هيا ته انهن جا چار چار فائيل ٺاهيندا هيا. ان جو هڪ سبب هي هيو ته مئڊم هر وقت ڪين ڊيٽا يا اسڪرپٽ تبديل ڪرڻ جو چوندي هين. شرجيل امر کي چوندو هيو ته سائين اوريجنل فائيل هجڻ لازمي آهي باقي تبديل ٿيندڙ فائيلن کي مختلف نالا ڏئي ڪري سيو ڪندا ٿا وڃون جو اڳتي ٿيسز جي لاءِ ڪم ايندا. اهو ئي سبب هيو جو امر جي اٿڻ جي بدران شرجيل ڪمپيوٽر آپريٽر کي فليش ڊرائيو ڏني ته جيئن ليٽيسٽ فائينل ليڪچر کي سيو ڪرائجي.

ليڪچر ڏيڻ جو ٽائيم ٿي ويو هيو ۽ صرف ڊين آف فيڪلٽيءَ جو انتظار هيو. امر جي دل جي ڌڙڪن تيز ٿيندي رهي هئي. جيتوڻيڪ امر ڪاليج ۾ اسٽوڊنٽس کي ليڪچر ڏيندو رهندو هيو پر اهو ڪو ايڊو ڏکيو ڪم نه هيو ڇو ته سامهون وارن اسٽوڊنٽس کي هڪ ته اڳ ۾ ڪورس جي خبر نه هوندي هئي جيستائين هو ڪين ٽاپڪس کان انٽروڊيوس ڪرائين ۽ سمجهائين ته هو ڇا پيو پڙهائي. جڏهن اسٽوڊنٽس کي اسٽڊيءَ جو سينس ايندو هيو ته پوءِ هو ڪئسچن ڪندا هيا پر هتي ته سڀ پي ايڇ ڊي ۽ ايم فل اسڪالرز هيا ۽..... اهو خيال ايندي ئي هو ٿورو گهٻرائجي ٿي ويو.

اجا امر ان ئي پوزيشن ۾ ويٺو هيو جو هوءَ پنهنجي ايم فل فيلوز سان گڏ سيمينار هال ۾ داخل ٿي ۽ امر کي ڏسندي وڏا پر هلڪا ٺهڪ ڏئي اشهد آڱر سان پنهنجائپ واري انداز ۾ اشارو ڪندي چيائين، ”مون کي خبر هئي اڄ اوهان جو ليڪچر آهي تڏهن ته مان خاص سيڙجي ٻڌڻ آئي آهيان.“

”اوهان ته وڏي مهرباني ڪري ڇڏي.“ امر به مسڪرائيندي هلڪي آواز ۾ جواب ڏنو جو هن کي خبر هئي ته هوءَ سندس ئي ڊپارٽمينٽ ۾ ئي ايم فل فيلو هئي پر ٻنهي ڄڻن اڳ ۾ ڪڏهن به نه ڳالهايو هيو..

هو ٻئي اجا ٿورو ڪلوز ئي مس ٿيا ته جيئن وڌيڪ ڪجهه ڳالهائي سگهن پر انهيءَ وقت ئي ڊين آف فيڪلٽي سيمينار هال ۾ اندر داخل ٿيو ته سڀني جو ڌيان اوڏانهن ڇڪجي ويو ۽ امر به چست ٿي ويو جو پهريان هن جو ئي ليڪچر هيو. شرجيل وري ان ئي گهڙيءَ ۾ سيمينار ليڪچر جو ايبسٽريڪٽ وارو پيپر سڀني کي ڏئي ويو ۽ سڀني آڊينس کان سگنيچر وٺڻ ۾ مصروف ٿي ويو.

ڊين جي ڪرسيءَ تي ويهڻ سان ئي هن مئڊم کي اشارو ڪيو جو هن کيس اڳ ۾ ئي اگاه ڪيو هيو. ۽ پوءِ ايبسٽريڪٽ کي پڙهڻ لڳو.

مئڊم اسٽيج تي اچي انائونس ڪيو، ”هاڻي آئون اسٽيج تي ايم فل اسڪالر امر کي گهرايان ٿي ته هو پنهنجو سيمينار ليڪچر **ڊرائوٽ ٽالرنس ان رائيس** پڙهي.“

امر جيئن ئي اسٽيج تي آيو ته سندس نظر هن تي پئي ته هن مسڪرائيندي آڱوٺي سان ويل ڊن جو اشارو ڪيس ته امر کي ڄڻ ته بولڊ ٿيڻ جو سگنل ڏئي ڇڏيائين. هن جي اهڙي انداز جي ڪري امر کي هن کان سواءِ سڄي هال ۾ ڪو به نظر نه آيس. هن محسوس ڪيو ته ڄڻ هوءَ اڪيلي ويٺي سندس ليڪچر ٻڌي رهي هئي.

.........۽ امر به بسم الله الرحمٰن الرحيم پڙهي ڪري ليڪچر پڙهڻ شروع ڪيو ۽ کيس خبر تڏهن پئي جڏهن هن بهترين انداز، وائس ۽ فليوئينسيءَ سان ٻاونجاهه سلائيڊون ڊيٽا سان گڏ پڙهي پوريون ڪيون ته هوءَ ۽ ٻيا سڀ تاڙيون وڄائي کيس داد ڏئي رهيا هيا ۽ ڊين آف فيڪلٽي چيئر تان ئي کيس چيو، ”ويل ڊن......پر ڪجهه ڪئريز ضرور ٿيندا.“

”جي سر.“ امر اسٽيج تان ئي رپلاءِ ڏنو.

”سلائيڊ پوئتي ڪيو.“ ڊين امر کي چيو ته هن سلائيڊون پوئتي ڪرڻ شروع ڪيون..

”اتي ترس.“ ڊين ڊيٽا جي هڪ سلائيڊ ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

”جي سر.“

”هي ڪلڪيوليشن ته صحيح نه آهي.“

”سر، ان ڪلڪيوليشن جو هڪ فارمولو آهي ان فارمولي جي مطابق هيءَ ڪلڪيوليشن صحيح آهي.“

”پوءِ اوهان فارمولو ڇو نه لکيو آهي.“

”سوري سر.“

”ڪو ئي آهي جنهن کي اسٽيٽسٽڪس ايندي هجي.“ ڊين سڄي هال مان پڇا ڪئي.

”جي سر، مونکي ايندي آهي.“ هڪ پي ايڇ ڊي گائيڊ جواب ڏنو جنهن جو اصلي مقصد هي هيو ته امر کان سوال ڪري هن کي خوار ڪرائجي ته جيئن هن کان پوءِ سندس اسڪالر جي ليڪچر جي پيٽ جيڪڏهن امر سان ڪرائجي ته هن جو اسڪالر سڪسيزفل ٿئي نه ڪي امر. وڏي ڳالهه اها هئي ته گائيڊ اسٽيٽسٽڪس ڊپارٽمينٽ جو به نه هيو اها خبر امر کي بعد ۾ پئي.

نيٺ پي ايڇ ڊي گائيڊ پنهنجي جارحانه انداز ۾ چيو، ”سر، هي ڪلڪيوليشن بلڪل غلط آهي.“

امر خاموش رهيو جو اڳ ۾ ئي ڊين کي رپلاءِ ڏنو هيو ته فارمولا مطابق ڪلڪيوليشن صحيح هئي پر پي ايڇ ڊي گائيڊ نه مڙيو ۽ امر کان ڪجهه ٻيا به سوال ڪيا جنهن جا امر رپلاءِ درست ڏنا. پر پي ايڇ ڊي گائيڊ اجا وڌيڪ سوال ڪرڻ وارو هيو جو ڊين امر کي اشارو ڪيو ته هو ويهي رهي.

امر جيئن ئي اسٽيج تان چيئر ڏانهن اچڻ جي ڪئي ته هن تاڙيون وڄائي سندس استقبال ڪيو ۽ هن جي تاڙيون وڄائڻ تي سڄي هال ۾ تاڙيون وڄي ويون جنهن تي مئڊم، ڊائريڪٽر ۽ ڊين به مسڪرائي تاڙيون وڄائي ڄڻ ته امر جو استقبال ڪيو جو هن جو ليڪچر سندن اميدن کان به زياده ٿيو. هيو.

امر کان پوءِ پي ايڇ ڊي اسڪالر پنهنجو ليڪچر ڏنو جنهن تي ڊين تمام گهڻي تنقيد ڪئي جو پوءِ سندس گائيڊ هن جو ڊفينڊ ته نه ڪيو پر کيس لڪڻ جي جڳهه نه پئي ملي. ڊين آخر ۾ ڊائيس تي اچي پروگرام کي وائينڊ اپ ڪرڻ جي وقت چيو، ”امر جو ليڪچر سڪسيزفل قرار ڏجي ٿو پر اڳتي سوري نه ڪري جڏهن ته پي ايڇ ڊي اسڪالر کي ڀرپور تياري ڪرڻ گهرجي جو هن جي فائينل سيمينار ۾ وائيس چانسلر ويهندو ۽ هن جو ليڪچر ملٽي ميڊيا جي ذريعي دنيا جي يونيورسٽين ۾ ڏيکاريو ويندو ۽ هن کان ٻاهرين دنيا مان به سوال ٿيندا.“

جيئن ئي پروگرام وائينڊ اپ ٿيو ته مئڊم ۽ ڊائريڪٽر ڊين آف فيڪلٽيءَ سان گڏ ريفريشمينٽ ڪرڻ جي لاءِ اڳتي وڌي ويا ته پويان سڀئي پروفيسرز ۽ اسڪالرز به هلڻ لڳا ته ان ئي دوران هن امر کي آهستي چيو، ”مبارڪ هجيوَ.“

”جي ٿينڪ يو پر ريفريشمينٽ ته ڪائجو نه..“ امر اموشنل ٿيندي رپلاءِ ڏنو جو هو اجا تائين ليڪچر جي سحر مان نه نڪري سگهيو هيو.

”جي ها، پر سيپريٽ ٽريٽ پڻ ٿيندي.“ هن امر کي مسڪرائيندي چيو.

”ڇو نه پر ڪٿي؟“

# آئي ايم سوري...

ذوالفقار علي جوڻيجو

”تو ڪي جوچيو هيم ته امتحان جي ٽائيم ٽيبل جو سرڪيولر ناهي ڪري سيني اسڪولن ڏانهن موڪلي ڇڏجان؟“ ته پوءِ ڪجھ ڪيئي؟ يا بس واندو ويٺو سگريٽن جا سوٽا هڻندو ٿو رهين؟“ اي.ڊي.او ايجوڪيشن جلال الدين صاحب پنهنجي ڪلارڪ بشير تي ڪارن ڪڪرن جيان وسي پيو هو. صاحب طبيت جو تمام تيز ۽ ٽائيم جو پابند ۽ شين ڪي ياد ڪرڻ جي مشين سڏيو ويندو هو. ڪي ته پي.سي فور جي نالي سان سڏيندا ته ڪي وري ڪيس هٽلر چوندا هئا. مجال آهي جو سائين ڪان ڪا به شئي وسري.

ڪلارڪ بشير پنجيتاليهن سالن جو سلجهيل وڏي قد، ڊگهين مڇن ۽ وڏي وات سان غدر جي دور جي ٽائيپ رائيٽر تي ڪم ڪندي ۽ سگريٽن جا وڏاوڏا ڪش پريندي صاحب جي ڳالهين ڪي وڏي صبر ۽ تحمل مزاجيءَ سان ائين ٻڌي رهيو هو جيئن ڪو ڪاوڙيل گهر واريءَ ڪي ٿڌو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ”سائين، ڳالھ وسري وئي، ويري ساري.“

”ويري ساري جا پٽ.“

”اي.ڊي.او صاحب ڪٽي ماٺ ڪئي. پر ڪلارڪ جي زبان تي ساڳيا لفظ هئا، ’آءِ.ايم سوري. ويري ساري‘ ٽائيم ٽيبل ناهڻ وسري ويو.“

اهي سخت اونهاري جا ڏينهن هئا. شايد جون جو مهينو هيو ۽ نائين، ڏهين ڪلاسن جي امتحانن جي لاءِ فوج اچي ڪڙڪي هئي ۽ تعليم سان وابسته هر هڪ شئي جي جاچ پڙتال ڪري رهيا هئا جنهن ڪري سندن صاحب ڪٽي ميٽنگ ڪوٺائي ڪمن جي جاچ پڙتال ڪئي.

پاڻ کي سندس فرشتو سمجهندو هو ۽ غلطي ته ڪرڻ جو سوچي به نه سگهندو هو ۽ سندس اسڪول جي هيڊ ماسترن ڪي خوامخواه جا درس ڏئي ۽ اوچتا ڇاپا هڻي اڌ مئو ڪري ڇڏيندو هو.

’مسٽر الطاف!‘ جلال صاحب مسٽر الطاف ڏي مخاطب ٿيندي مسرت ڀري نظرن سان ۽ چپن تي هلڪي مرڪ سان پڇيو.

’توهان ڪي فائل ڏنو هيم ته اهو ٽريزري آفيس ۾ جمع ڪرائجو. ٿڌي پاڻي جي بوتل کوليندي پت تي قائد اعظم جي تصوير ڏي نهاريندي ۽ الطاف صاحب جي وڏيڪ تعريف ڪندي جلال چيو،

’اوهان جي لاءِ الطاف مثال آهي. هو بهترين هيڊ ڪلارڪ رهيو آهي. ۽ مجال آهي جو پنهنجا ڪم ٽائيم تي نه ڪري.‘

’هائو، سر هائو. جيئن اڳي دفعي توهان جي مهمانن ڪي ڪوئٽا واري ٽرين جي بدران پشاور واري ٽرين ۾ چاڙهي آيو هو.‘

بشير سينيئر ايڊمنسٽريٽر چبري جهڙي شڪل ڪري هانءُ ساڙ جملا چئي الطاف جي شڪل پهاج رن وانگر ڪري ڇڏي.

’خير آ، خير آ بشيرَ. تو جهڙا ٻوٽا ٻاريا آهن سڀ ڪي خبر آ. منهن نه کولراءِ نه ته ڪيترائي منهن بند ٿي ويندئي.‘ الطاف اهي جملا غصي ۾ چئي اي.ڊي.او صاحب جي ٽيبل تان هٿ ڊگهو ڪري پاڻيءَ جي بوتل کڻي سڄي پي ويو.

بهرحال سينيٽ ۾ ويٺل سينيٽرن ۽ پارليامينٽ ۾ ويٺل سياستدانن جيان گوڙ ۽ شور ۾ ڀرپور ٻڌل ميٽنگ بغير ڪنهن مقصد جي اڳتي وڌي رهي هئي.

’بس ڪيو هاڻي، ڪجھ تميز ڌاريو. مون ڪجھ پڇو توهان ڪان الطاف صاحب ۽ توهان خوامخواه جي بحث ۾ پئجي ويَوَ.‘ جلال صاحب غصي ۾ اچي ٽيبل ڪي ڌڪ هڻندي الطاف ڪي خاموش ڪرايو.

’سر، سر، سر. اصل ۾ ڪالھ منهنجي ساليءَ لاليءَ جي شادي هئي. جنهن ڪري مون ڪي هوم منسٽر، I mean گهر واريءَ جي حڪم تي ساهرن ۾ ٽڪڻو پيو ۽ اتون جي ڪم ڪار ۾ اهڙو ته رُڌس جو دنيا جهان جي خبر ڪا نه پئي. سولن لفظن ۾ اگر مان چوان ته مون ڪان ڪالھ سبمٽ ڪرائڻ وسري ويو ته غلط نه ٿيندو. آئي.ايم سوري.‘ الطاف نهايت عاجزانه انداز ۾ پنهنجي روداد بيان ڪندي ڪنڌ جهڪائي ويٺو.

’الطاف، سڌو چئو نه، زال جي موچڙن جي پئو ڪان آفيس جو ڪم وساري ڇڏئي. باقي اهي ور وڪڙ ڇا جا پيو ڏين. افسوس آهي ته تو ڪي به ويساري جي عادت پئجي وئي آهي. ڀلا مون ڪي ڏس مجال آ جو مون ڪان ڪا ڳالھ وسري.‘ صاحب مشڪندي پنهنجي ڪالر ڪي ڇاهيندي چيو. اهو چئي ائين محسوس ڪرايو ڄڻ تازو تازو مائيڪل شو ميڪر وانگر جي ڪا موٽر ريس کٽي آيو هجي. يا وري ڄڻ ته ڪا ماڙي شريف ۾ ملھ ماري آيو هجي.

’صدورا، ٻڌاءِ اڪائونٽ شيٽ بيلينس تيار ڪئي.؟ آڊٽ آفيسر هن مهيني ضرور ايندا. ڇاڪاڻ جو تعليمي اداري ۾ فوج اچي ڪڙڪي آ ۽ ڪٿي به مان نه ٿو چاهيان ته ڪا ڪمي پيشي اچي.‘

سائين، ڦهريون ته مان صدورو نه، بلڪ ملوڪ پٽ ڪلوٽ ولد چرڪوٽ پٽ سلوٽ......

’بس ڙي. خاندان جو شجرو ٻڌائڻ بند ڪر. ايترو ڳالهائيندو ڪر جيترو پڇاڻ ۽ ها منهنجي ياداشت تي شڪ نه ڪندو ڪر. تو ڪي ڇا ٿو لڳي ته تنهنجو نالو مون ڪي ياد ناهي.‘ صاحب منهنجي سونڊائي ائين وسي رهيو هيو جيئن ٻٻر جي وڻ تي ڪنهن ڏينمين جي ڪکر تي پٿر اڇلايو هجي. ايل.ڊي.سي منظور احمد سڄي ۽ ڪٻي پاسي لوٽا هڻي رهيو هيو ۽ صاحب سان نظرون نه پئي ملائي سگهيو.

’اڇا، سر اڇا. هي ونو شيٽ. مان ڪالھ ئي پنهنجي شيٽ ناهي گهر ڏانهن روانو ٿو هيس.‘ منظور احمد تڪڙ تڪڙ ۾ بيگ ۾ هٿ هڻي فائيل ڪڍي صاحب جي ٽيبل تي رکيو.

’وئلڊن.‘ فائل وٺي صاحب پڙهڻ شروع ڪري ٿو. سڄي هال ۾ خاموشي ٿي ڇائنجي وئي. صرف آفيس جي سڄي پاسي واري دريءَ جي مٿان ٽنگيل 1963 جي گهڙيال جي سوئي جو ٽڪ ٽڪ جو آواز اچي رهيو هو. ٿوڙي دير ڪانپوءِ خاموشي ٽٽي ۽ صاحب جي منهن مان رت ڇڏائجي ويو ۽ ڪاوڙ ۾ ڇيائين،

’مسٽر منظور، هي ڇا ڏنو اٿئي؟‘

’...‘

’هيءَ ته ڪنهن گهر جي سودي جي لسٽ آ، جيڪا تو مون ڪي بيلنس شيٽ ڪري ڏني آ. انڌا پاڙن پٽيا پنهنجي ته نوڪري ويندئي پر منهنجا به ٽپڙ گول ڪرائيندي جي اهي تنهنجا حال رهيا ته.؟

منظور ٿوڙي ٿوڙي ڳالھ تي هٿ ٻڌي ۽ ڪوڙا ڳوڙها ڳاڙي صاحب ڪي هميشه ڪان ريجهائيندو هو. هاڻي به پنهنجو اهو ئي ڪرتب ڏيکاري رهيو هو.

’سائين، سائين، بابا. مان صدقو وڃانءِ. بس گهر جي اهڙي پريشانين ۾ ڦاٿو آهيان. ٻيو هن جون جي گرميءَ مون اهڙو بي حال ڪيو آهي جو پنهنجي حال جي خبر ئي ڪانهي. بس ان ٽينشن ۾ شايد مان شيٽ گهر وساري آيو آهيان. آئي.ايم سوري سر.‘

’تون به، آخر توهان سيني ڪي ٿي ڇا ويو آهي. ڪٿي چريو ڏاتورو ته نه پي آيا آهيو. لڳي ٿو مان ڪي توهان سيني ڪي فائر ڪرڻو پوندو.‘ صاحب ناراض ٿيندي غصي ۾ وڏي آواز ۾ منظور ڪي دڙڪو ڏنو.

’سائين الله ڪي مڃيو. اهو غضب نه ڪجو. ٻچڙيوال آهيون. اسان ڪي ماريندئو ته اسان جي اهل و عيال جو پيٽ ڪير پاليندو.‘ ايل.ڊي.سي منظور هٿ ٻڌندي آلين اکين ۽ دٻيل آواز سان صاحب ڏي نهاريندي چيو.

’اڙي بي وقوفو، مارڻ جي لاءِ ڪنهن چيوَ. هاڻي مارڻ ۽ مرڻ ڪٿان اچي ويو؟. ان لاءِ چوندو آهيانوَ ته رات جو گهڻي دير تائين فلم نه ڏسندا ڪريو. رڳو پيو ڪرين دليپ ڪمار واري ائڪٽنگ . الله منهنجي توبه. توهان ڪي ته فائر جي معنيٰ به نه ٿي اچي اڙي فائر معنيٰ نوڪري مان ڪڍڻ. اهو فائر نه ڪي بندوقن وارو فائر . آهيو ته لائق بندوقن جي فائرن جي. پر اهڙو ثواب جو ڪم مان ڪو نه ڪندس.‘

’هاڻي ٻي بڪواس ڇڏيو. اهو ٻڌايو ته نَوَن استادن جي لسٽ ٽائيپ ڪري ورتي اٿوَ؟‘ صاحب هلڪي مسڪراهٽ چپن تي آڻيندي مس تبسم ڊيٽا آپريٽر ڪان پڇيو.

’جي سر، جي سر. سَر، پرس ۾ رکي هيم. پر خبر نه ٿي پوي ته اتان وئي ڪيڏانهن؟‘ تبسم پنهنجي آڱرن سان ڇهري تي ڪرنڊڙ وارن ڪي مٿي ڪندي مسڪرائيندي صاحب ڪي ترش نظرن سان ڏسندي چيو،

’آئي ايم سوري سر. اصل پرس گهر وسري ويو جنهن ۾ لسٽ رکيل هئي.‘

’او ماءِ گاڊ، ويساري جي مريضن ۾ ڪٿان اچي ڦاٿو آهيان. جنهن ڪان ڪجھ پڇان ٿو اهو ٿو چوي ته وسري ويو. ڪنهن ڪي ڪو ڪم ياد ناهي. اُف ڇا ٿي ويو

آهي. پلا مون کي ڏسو مان ڪا ڳالهه وساري آ، مان به توهان وانگر انسان آهيان.‘

’صاحب هي وٺو چانهه.‘

صدرو جيڪو آفيس ۾ پٽيوالو هيو. صاحب جي ٽيبل تي چانهه رکي جلد ئي ڪچن جي طرف مڙيو. صاحب چانهه جو ڍُڪ پريندي.

’اڙي صدورا، قهر پوئي هيڏانهن اچ. اڙي ڪاڏي مري وئين. هيڏانهن اچ.‘ صاحب غصي ۾ ٻاڪاريو ۽ آفيس ۾ خاموشي ڇانئجي وئي.

’جي صاحب، او جيءُ ابو، آيس، آيس. هي ڇت تہ ڪانہ ڪري پئي ابا. خير تہ آهي.‘ صدرو صاحب وٽ پهچي صاحب جي ٻانهن کي زور ڏيڻ لڳو.

’پري ٿي ڙي چريا.‘ صاحب صدرو کي ڌڪو ڏيندي چيو،

’اڙي چانهه تو ناهي آ؟‘

’هائو سائين، ڇا ٿيو پلا؟‘

’اڙي چانهه ۾ کنڊ ڪاٿي آ چريا؟.‘ جلال صدرو کي ڇنڊ پٽائي.

’اڙي اباڙي، صاحب ڪالهه مون کان ٻڌائيندي وسري ويو تہ ’کنڊ تہ ڪڏهن کان ختم ٿي وئي آهي. اڄ ڪٽي ڦڪي چانهه ئي پيئو. آئي. ايم. سوري.‘

’اڙي بيوقوف، چانهه ۾ کنڊ نہ وجهڻي هُيئي تہ ڪٽي نہ وجهين ها پر چانهه ۾ لوڻ تہ نہ ملائين ها. دل تہ چوي پئي تہ سيني کي گدو بندر تي ٻڌي اچانوَ‘ صاحب وري ڇنڊ پٽيندي صدرو کي چيو.

’آخر مان بہ تہ توهان وانگر انسان آهيان. مان کان تہ ڪا بہ ڳالهه نہ ٿي وسري. آخر توهان کي ٿي ڇا ويو آهي؟‘ صاحب ڪاوڙ ۾ پرسان پيل ميز تي سڄي هٿ سان ڌڪ هڻندي ٻاهر نڪري اُٿي بيٺو.

آفيس ۾ لڳل صرف پت تي گهڙيل جي رڳو ٽڪ ٽڪ پئي ٻڌڻ ۾ آئي ۽ سڄي هال ۾ خاموشي ڇانئجي وئي. ڄڻ تہ ناگاساڪيءَ تي بم ڪيرايو ويو هجي.

’ها، ها، ها، صدرو ٺهڪن ۾ ونجي ويو.

’اڙي صدورا، مرندي ڇا جو ايڏا ٺهڪ پيو ڏين؟‘ الطاف صدوري جي ڪن ۾ پٽڪو ڪيو.

صدوري الطاف کي ڪلندي ورڻايو، ’ادا، هوڏانهن ڏس؟ هواڏنهن ڏس، هوڏانهن ڏس،‘ صاحب هنن جي سُس پُس ٻڌندي ناراضگي جو عام روايتي انداز ۾ اظهار ڪندي پڇيو،

’اڙي نياڳئو، نيٺ اوهان کي ٿيو ڇاهي؟ ڇاتي پيا ايڏا ٺهڪ ڏيو. هڪ تہ آيو سڀ ويسرا ۽ وري آفيس ۾ بہ ڪچڪو مچايو ويٺا آهيو، ڇا توهان کي ڪنهن ننڍي وڏي جو ڊپ ۽ نوڪري جو اونو ڪونهي؟‘

’سر، ناراض نہ ٿيو. معاف ڪجو اسان کان تہ ڪم وسريو وڃن پر لڳي ٿو اوهان بہ ڪجھ وساري آيا آهيو.‘ الطاف جلال صاحب ڏي نهاريندي چيو،

’ڇا مطلب؟‘

’سر، اوهان جي پتلون ڪٿي آهي؟ اوهان آفيس ۾ چڊيءَ پاهيو ويٺا آهيو.‘ صدوري چيو.

جلال صاحب ائين نظرون جهڪايون ڄڻ پنهنجي غلطيءَ جو اعتراف ڪندو هجي. ’گرميءَ جي ڪري ۽ ڪمن ڪارين جي ڪري مون کان بہ پتلون پائڻ وسري وئي. آئي. ايم سوري. ويري سوري.‘

# پاتم جهاتي جهان ۾...



شيام ڪمار

ترڪي يا ٻين ملڪن جا ’ڦيريون پائيندڙ رقاص‘ (Whirling dervishes) پنهنجي ’نرت‘ ۾ آسماني تارن، گرهن، چنڊ ۽ سج جي مدر ۽ مدهم ’ناچ‘ (movements) جي اهل ڪندا ڪيڏو نہ خوش نظر اچن ٿا.

رومي سچ چيو آهي تہ جيڪو ’رقص‘ جو گيان رکي ٿو اهو يقيني طور ’خدا‘ جي ذات کان بہ آگاهي رکي ٿو.

درويش رقص مهل وجد ۾ اچي پاڻ کي اڏامندو محسوس ڪري ٿو، سندس گهر گهلو لباس ۽ ان جا ڍگها پلئُ ۽ ٻانهون پَرَنَ جون علامتون پاسنديون آهن. ڪڏهن سندن لباس ليڙون ليڙون ۽ چتين سان سنوريل ڏيکارجي ٿو جنهن جو مطلب اهو آهي تہ هن رقص جي مدهوشي ۾ ان کي تار تار ڪيو هو! اڄ ڪالهه چتيون لڳل لباس يا رِلي ٿاهڻ فيشن جو درجو حاصل ڪندو وڃي ٿو جنهن جو مطلب نڪري ٿو رُقص جي مخمور حرڪتن ڏانهن انسان جي واپسي ٿي رهي آهي. ڪي ماڻهو سمجهن ٿا تہ رقص حج يا ياترا جي علامت آهي! ۽ ماڻهو مايوسي جي حالت ۾ رقص اندر پناهہ ڳولهيندو رهي ٿو.

فرانسيسي انقلاب دوران پيرس تاريخ جي ’عظيم رقص‘ ۾ ٻڌل نظر ايندي هئي.

گهوماٽيون ڪائيندڙ درويشي رقص تي سوچيندي پاڪستان ٺهڻ کان اڳ جي سنڌ جي من جون تارون ڇيڙيندڙ ’ياد‘ اچي پئي جڏهن سکر، جيڪب آباد، شڪارپور ۾ ننڍيون خواهہ وڏيون جوانڻ جماڻ ڇوڪريون جوڙو جوڙو ٺهي هڪٻئي جي ٻانهن ۽ هٿن کي ڪئنچي جيان وراڪو ڏئي پڪڙي گول ڦيريون پائي سر ۽ تال ۾ ايڏي تہ پياري ڇير وجهي نچنديون ۽ ڳائينديون هيون:

ايسي موري
لال ڪٽوري

جو ڏسڻ وارن تي بہ ان جي وجدي لقاءُ جي ارتعاشي ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي!

ان جي برعڪس، عام طور، انگريزي ۽ عربي رقص ۾ شائستگي، علاماتي اظهار ۽ آهستہ روي جو عنصر تقريبن غائب نظر ايندو. ان اندر اگهاڙپ، بي لباسي تي وڌيڪ ڌيان ڇاتين ۽ ٽڙن کي پرجوش حرڪت، جنبش بلڪ طوفاني جنبش ڏيڻ لازمي عنصر سمجهيو وڃي ٿو. جيترو ان عمل کي تيز تر ڪري حرڪت ۾ آندو ويندو رقص کي اوترو ئي بي مثال ۽ لاجواب تصور ڪيو ويندو. بلڪ رمز ۽ درياهہ جهڙي آهستہ مترنم رواني جي بجاءِ ساموندي موجن جي طوفاني لهرن جهڙي ’سينہ زوري‘ نظر ايندي. اهڙي قسم جي رقص ۾ لطيف نفيس جذبن جي لنگهہ لاءِ سوڙهو دڳ ٿئي ٿو. ڪيبري، اسٽرپ ٽيز ۽ ڪنهن حد تائين ’بيلي ڊانس‘ ڪئن ڪئن (can can) ۽ ماڪي جي مک نما ٽنگون ڊگهيري لتون هڻڻ جي انداز وارا ناچ اهڙي ’ناچ‘ جا چند مثالي نمونہ آهن جيڪي عربي دنيا ۽ مغرب ۾ مقبول ڄاتا وڃن ٿا.

پر ’بيلي ڊانس ‘ ۽ ’بال روم‘ ڊانس جا ڪجھ نمونا نهايت هوشربا ۽ فني لحاظ کان اعليٰ ليکجن ٿا. انهن وسيلي اشاراتي انداز ۾ پيٽ، هٿن، پيرن ۽ ٽنگن ۽ گردن جي ڏيمي، تيز حرڪتن ذريعي باطن جي نفيس جذبات جو اظهار درياهي يا ساموندي لهرن جيان الڳ الڳ ۽ پيچدار نموني ڪيو ويندو آهي جنهن جا اڻ مٽ نقش ذهن تي هميشہ لاءِ لطيف ۽ سنو تاثر ڇڏيندا آهن.

فن جو مقصد اهو بہ ٿئي ٿو تہ انسان جي نفسياتي، جنسياتي تارن کي ڇيڙي جذبن ۾ جولاني پيدا ڪري. اهو ئي ڪارڻ آهي جو مردن جي پيٽ ۾ عورت اعليٰ پائي جي نفيس ۽ دلڪش نرتڪي ليکجي ٿي. خاص طور ’بيلي‘ ڊانس ۾ نفسياتي سواد، حظ حاصل ڪرڻ کان علاوه جذبن ۾ ’تحسين‘ ۽ ’داد‘ جي بيخود ڪيفيت ۾ ايري اچي ٿي.

ڪجھ پارکن جي نظر ۾ اهڙي عمل (نفسياتي جذبن جي پڙڪيل شعلن) ’ناشائستگي‘ يا ’بي حيائي‘ سان جوڙيو وڃي ٿو، پر منهنجي خيال ۾ اهڙي سوچ ’روايت‘ سان لاڳاپيل هوندي آهي.

’بيلي ڊانس‘ يا جرمني جو قومي ڊانس ’والٽز‘ (waltz) جيڪو انگليند ۾ بہ مقبول آهي يا اهڙي قسم جا ٻيا ناچ جيڪي مختلف ملڪن ۾ رائج آهن، اهي سيئي فن جي حيثيت ۾ ’هاڪاري نفساني‘ جذبن ۽ انهن اندر پيدا ٿيندڙ ’ولوڙ‘ سان لازمي طور ڳنڊيل هوندا آهن. جيئن يوناني muses جي اپٽار موجب هر فن هڪٻئي سان جڙيل هجڻ جي باوجود پنهنجي انفرادي حيثيت بہ رکي ٿو، تيئن ’نرتيہ ڪلا‘ جهڙو نج منفرد فن بہ قوم يا نسل جي ولولن، امنگن جي بجاءِ سماج جي طرز، ڍنگ (جنهن ۾ آنند ماڻڻ جي سلسلي ۾ انسان جي بنيادي ڪردار سان واسطو هجي ٿو.) جي تصوير ڪشي ۾ اڻ مٽ ثابت ٿيو آهي.

بيلي ڊانس جي جائزي وٺڻ مان ڄاڻ ملي ٿي تہ ’نوويري‘ (Noverre) نالي اطالوي فنڪار سڀ کان اول ان اندر جنسياتي پهلو (Sensual) کي ڳولهي لڌو هو، ۽ ان بعد وقت جي ڏاڪن تي چڙهندڙ ٻين فنڪارن ان پهلو کي وسعت بخشي ۽ ان جي اظهاري افق کي ڏيهان ڏيهہ مقبول بڻايو.

جرمني، روس، فرانس ۽ انگليند ان مان گهڻو لاڀ پرايو.

’بيلي‘ جي ڪاميابي جو راز ان جي باطن اندر اعليٰ ترين ’رومانوي ڪيفيت‘ جي موجودگي بہ آهي. يورپ ۾ خاص طور شيڪسپيئر جيڪي ’اظهاري

ناٽڪن' ۾ بلنديون ماڻيون سي بعد واري زماني ۾ بيلي جي 'سنگيتي ادائيگين' ڪلپنا کي وجد سان همڪنار ڪري سوز، ساز ۽ هڪ انوکي لذت سان يڪجا ڪري ڇڏيو.

بيلي نرتڪ سنگيت ذريعي پيدا ٿيندڙ هر نفيس خيال، از خود پيدا ٿيندڙ پرن وسيلي اڻ ڏٺل آسمانن ۾ اڏام پريندو محسوس ٿيندو آهي. 'بيلي' جي سبڪ رفتاري شيڪسپيئر جي ڪلپنا ۾ بہ ڪين آئي هئي! جواني جي آمر ۽ ان جي اجهل جذبي کان غافل ٿي سگهجي ٿو، پر ڪڏهن ڪڏهن جديد قسم جا ناچ ڏسي يا ٻڌي ائين محسوس ٿيندو اٿم ڄڻ اهي جديد شاعري جو نعم البدل آهن، انهن مان ڪجهه هيٺ ڄاڻائجن ٿا:

Contorted Pop- ان ناچ ڪرڻ مهل جسم جي سنڌن کي واڻ وانگر وڪوڙبو سڪوڙبو ۽ مروٽبو سروٽبو آهي. ان کي پسي يوگا جا ڪجهه ڏکيا آسڻ ياد ايندا اٿم، ان هيجاني رقص کي ڏسي من ۽ روح بہ مروٽيو سروٽيو اٿم.

Belly kalbeliya with Puppet - هيءُ رقص بيلي ڊانس مان ڦٽي نڪتو آهي جنهن ۾ اشارن ڪناين ۽ سنڌن جي بازيگري وارين حرڪتن وسيلي ڪٺ پتلين جي حرڪت جو گمان ٿيندو آهي.

Airial twist dance- هيءُ ٽويسٽ ناچ جو قسم آهي جنهن اندر اتان هان ٽپا ۽ ٽينگ ڏئي من ۾ ڪتڪتايون پيدا ڪيون وينديون آهن.

Hip Hop Dance- هيءُ تڏي جيان ٽينگ ڏيڻ وارو ناچ آهي.

Latin Flemence- هيءُ اسپيني فليمنيڪو جو لاطيني روپ آهي.

Bally Hop Dance- هيءُ 'تجريدي' قسم جو ناچ آهي.

Disco- هيءُ جذبات ۾ طوفاني لهرون پيدا ڪرڻ وارو اجتماعي ڊانس آهي.

ان ڪانسواءِ ياد آيو اٿم تہ ناچ گانو ۽ شاعري اهي ٽئين فن تاريخ جي دور کان گهڻو آڳاٽو هڪ ئي مهل شروع ٿيا هئا ۽ انهن کي الڳ الڳ خانن ۾ ورهائڻ ممڪن ڪو نہ هو. جارج ٿامس چواڻي اِهي گڏيل پورهئي مهل انساني جسمن جي سريلي حرڪت مان اپريا هئا. ان حرڪت جا ٻہ جز هئا: پهريون عضون جي حرڪت ۽ ٻيون ڳالهائڻ جي. پهرين قسم جي حرڪت مان 'ناچ' جنم ورتو ۽ ٻئي منجهان 'زبان' اُپري آئي ، ۽ اها ڳالهائڻ جي حرڪت 'عام زبان' ۽ 'شاعري' ۾ ورهائجي وئي.

جڏهن متي ڄاڻايل فن مان ناچ (جسماني حرڪت) جدا ٿيو تہ شاعري جنم ورتو جيڪا گيت جي صورت ۾ هئي ۽ سندس جوڙجڪ ۽ هيئت موسيقي هئي. ۽ اڳتي هلي ارتقائي منزلون طئي ڪري اهي ٻئي بہ فن جي الڳ الڳ صورتن ۾ ورهائجي ويا. لفظن جي جدائي بعد سنگيت رهجي ويو ۽ شاعري هيئت ۾ صرف سندس مترنم 'جسم' ئي رهجي ويو.

هڪ ٻي تحقيق موجب سنڌ جي ڪولهين ۾ ناچ جا چاليهہ قسم آهن پر رڪارڊ جي ناموجودگي سبب وقت جي دز ۾ لٽجي ويل ٻڌايا وڃن ٿا.

بيلي نرت جي نوراني سونهن کان بي خبر رهي نٿو سگهجي.

جڳ پرست 'بيلي'، 'بريڪ' ۽ 'اسٽرپ ٽيز' ڊانسر آئسو ڊورا ڊنڪن (The Danube ۽ Funeral march) ۾ ۽ سندس ساٿي نيوروفيف ان فن ۾ دنيا اندر چڱو خاصو ڌاڪو ڄمايو هو. ان کان علاوه جوزفين بيڪر، 'ماتا هري'، 'لولا مانٽيز' (Lola Mautez)، اسپين جي 'لابيلي اونيرو'، آمريڪي رقاصہ 'رٿ سلينٽ ڊينس' (راڌانرت ۾) روس جي رقاص 'واسلا نجسنڪي' (waslaw Nijinsky) پڻ پنهنجي پنهنجي 'نرتڪ فن' (اٺويهين ۽ ويهين صدين ۾) جي ڌاڪ ۾ ڏيهان ڏيهہ مشهور ٿيا هئا.

ان جي باوجود منهنجي خيال ۾ اسان جي خطي جي ناچ ۽ مغربي رقص ۾ اهڙو فرق آهي جهڙو 'وچتر وينا' ۽ 'نغاري' ۾ ٿئي ٿو!

آفريڪي ڪنڊ ۾ مشهور 'مبارا رقص' اندر، لوڪن جي عام عقيدي مطابق 'چي وارا' نالي ديوتا جو روح سمايل هوندو آهي جنهن جي شڪل هرڻ سان مشابهت رکي ٿي جنهن کين زراعت جي علم ۽ طريقي سان نوازيو هو.

ان کان علاوه 'مزورڪا' (Mazurka) فوجي ڊانس، والٽز ڊانس اٽلي ۽ يورپ جي ٻين ملڪن ۾ ڏاڍا مقبول ۽ عام آهن. انهن اندر ٻپن ۽ ڪڙين تي بيهي ڪري ڦرتي سان گول چڪر ڪاٽي زمين تي اسپيني سانن (Bulls) وانگر زور سان سرتال ردم ۾ 'مگن' پيرن سان ڌڪا ڪندي موسيقي جي لئہ تي نچبو آهي. ان کان علاوه 'چاپاپا'، 'راڪ ان رول' ۽ 'پولش' ناچ بہ تن جي رڳ ڦڙڪائڻ ۾ بي مثال ۽ گرمائيندڙ آهن. مشهور گرنٿ ڪار 'بُڪاشو' جي لاجواب تخليق 'ڊيڪيمران' ۾ انيڪ 'نرت' (dance) جي نمونن ۽ انهن تي جوڙيل ڌُنن جو ذڪر موجود آهي، انهن مان 'استيمپائيل' (Istampile) 'سلتريلي' (Saltreli) ۽ ٽروٽو (Trotto) ڄاڻائڻ لائق آهن جيڪي Lute ۽ viol نالي سازن جي ڌن تي دليون ۽ ذهن گرمائيندا هئا.

ڪلاسيڪي نرت اندر 'اپياس' جي 'ڌنڌ' ۽ 'مونجهاري' مٿان جيت جو جهنڊو ڦڙڪندو ڏسي سگهجي ٿو. 'بدنظمي' مٿان نظم ۽ 'ٽينگ ٽپن' مٿان هڪ ڪائناتي 'قانون' جو فطري منظر اکين، دل ۽ دماغ کي تراوت بخشيندو ڏيکارجي ٿو. ان 'الوهي نرت' وسيلي فن اندر آدجڳد کان رحماني (Apollonion) ۽ شيطاني (Dionysian) شڪتين جي ويڙهہ جو عجب رنگ بہ پسي سگهجي ٿو. پوئين حالت جي تقاضا 'من موجي' صورت ۾ غرق ٿيڻ جي مقصد ۾ ويساهہ رکي ٿي، ۽ پهرين فنڪار کان شعوري طور فن جي هاڪاري روايت موجب ان جي يعني 'فن' جي بلند اقبالي جي لاڳيتي تقاضا ڪندي رهي ٿي. ان ڪري 'ڪلاسيڪي رقص' صرف ذوق حسن ۽ سواد ۽ حظ سان واسطو نٿو رکي، بلڪ ان ذريعي رحماني متي جو بہ مڪمل اظهار ٿئي ٿو. مشهور جرمن فيلسوف نطشي پنهنجي ڪتاب 'الميہ جو جنم' ۾ پڻ متي ذڪر ڪيل متي جي تصديق ڪندو نظر اچي ٿو. پر، سندس تصديق جو پڙ شيطاني پاسي ڏانهن وڌيڪ لڙيل ڏيکارجي ٿو. هن مطابق ان انداز اُتساهہ (inspiration)، تخليقي نشو، ڪلپنا جي سگنڌ ۾ اُڏام سمايل رهي ٿي! پر پهرين صورت کي پاڻ ۾ سموئي ائين لڳندو آ ڄڻ ندي جي ڪناري تي بيهي ڪجهہ الوهي (Divine) قسم جي شيءَ ڏسي ۽ ٻڌي رهيا هجون ۽ ان جي پس منظر ۾ ڦهليل فطرت اندر موجود سر، لئہ ۽ تال کي پنهنجي وجود اندر 'ساهہ' ذريعي داخل ٿيندو محسوس ڪندا هجون!.

'نرت ڪلا' کي واکاڻيندي مارٽن لوٿر سن 1542ع ۾ لکيو هو، جڏهن سنگيت کي فن جي بلندي سان چلڪايو وڃي ٿو تہ هر ڪو خدا جي ان ڪلپنائي تخليق کي حيرت مان تڪي ٿو. شروع ۾ 'هڪ آواز' جو مختصر 'حصو' پڌرو ٿئي ٿو جنهن جي چوگرد ٽي يا چار ٻيا 'حصا' بہ گردش ڪندا نچندا ٽپندا ۽ پهرين حصي تي گهور گهوران ٿيندا ڏيکارجن ٿا. ان وقت ائين ڀاسندو آهي ڄڻ اهي سيئي حصا پهرين سادي 'حصي' جي چوطرف 'سرڳ پوري' اندر ٿيندو 'چوڦير نرت' (Square dance) جيان 'ازلي ناچ' نچندا هجن!" هن جي وشواس هو تہ "سنگيت ۽ نرت ڪلا منجهہ جنت جو 'واس' هيو ان ڪري اهو 'ڪرم' ڌرتي تي خدا جي سجاڻپ جي ڪرت سان لاڳاپيل 'پوتر عمل' (Sacradact) هيو!"

پنهنجي فن ۾ يڪتا نرتڪي (Dancer) پنهنجي جسماني سونهن، سگهائي، صحت ۽ ڦڙتي جو اونو هر وقت رکندي رهندي آهي. خاص طور سندس سڊول موهيندڙ ٽنگون، دلڪش، موزون سٿر، پريل لسيون مخملين ٻانهون، خوبصورت ريشمي هٿ ۽ ڊگهيون مخروطي آڱريون جيڪي رقص دوران فضا ۾ پرين جيان ترنديون ۽ جادوئي علامتي حرڪتون ڪنديون ڏيکاربيون آهن ڪنهن بہ فن شناس کي وجد ۾ آڻي دنيا کان پري ڪنهن 'الوهي سنسار' ۾ وٺي وڃڻ لاءِ ڪافي آهن. نرتڪي جي انهن سپني عضون اندر هڪ قسم جي ازلي چڪ سمايل هوندي آهي، انهن اندر بي داغ آسماني سونهن ۽ من ۾ ڪتڪتايون پيدا ڪندڙ دلڪشي پاڻي جي پوتر جهرڻي جيان سدا وهڪ ۾ پسي سگهبي آهي.

اهڙي قسم جي اپسرائي نرتڪي نہ صرف پنهنجي سڊول ٽنگ، سندر ريشمي ٻانهن، هٿن ۽ آڱرين ذريعي رقص ۾ محو ٿي ويندي آهي بلڪ پنهنجي نشيلي اکڙين وسيلي بہ نرت وجهي ڏسندڙ جي سڌ ٻڌ وڃائڻ جو ڪارڻ بڻبي آهي.

نہ صرف حال ۾ سپني ملڪن اندر 'نرت ڪلا' کي فني دنيا اندر اوچو درجو ۽ سنمان ڏنو وڃي ٿو بلڪ پراچين يگ سان واڳيل مڙيني ملڪن خاص طور اڻ ورهايل هندستان، عربستاني اپبيٺ، آفريڪي ۽ لاطيني آمريڪي ملڪن ۾ بہ ان فن جي مهانتا ۽ پرورش 'شاعري' جيان ڪئي ويندي هئي.

نرت ڪلا کي سنگيت کان اوچو مقام حاصل رهيو آهي، خاص طور ماضي بعيد جي اتيڪ پيگن (Pagan) سماجن اندر! سماج جي انهن درجن تي تخليقي ۽ مظاهراتي فن کي غير تخليقي ۽ اڻ ڏٺل ڪلا تي هونءَ بہ ترجيحي مقام حاصل رهيو هو.

هيءَ ابهام ويڙهيل سمجهاڻي اهي ذهن ئي سمجهي سگهندا جيڪي سنگيت مان ورتل اتساهہ وسيلي پيدا ٿيندڙ ويچار ڌار ذريعي 'چترڪاري' جو شعور ۽ ٻڌي رکي سگهڻ جا اهل آهن. (هلندڙ)



# پٽڪو...

زاهد منگي

سج اپرڻ سان ئي رئيس جي اوطاق جي ٻاهران شاميانن هيٺان پيل ڪرسين تي ماڻهو ويهڻ شروع ٿي ويا ڪن پل ۾ وڏي انگ ۾ پيل ڪرسيون ڀرجي ويون جيڪڏهن ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ ڪرسي خالي پيل به هئي ته ان تي پرسان واري همراه پوتڙو رکي والار ڪري ڇڏي هئي. سمورن ماڻهن جو ڌيان سامهون وڏي سهڻي نموني سجايل اسٽيج طرف ڪجي ويو، جتي وڏي رئيس مرحوم جي وڏي تصوير لڳل هئي جنهن کي ڏسي ڪجهه ڳوناڻن جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا ڪي ڳوناڻا پاڻ ۾ سرباٽن ۾ رئيس جون يادون سارڻ لڳا.

"هئ هئ، ڇا ته سخي مڙس هو. راڄ ڀاڳ لاءِ ڇپر ڇانو هو. چور ۽ ساڌ کي ڪوهه تان سڃاڻندو هو. فيصلي ۾ حق جي ڳالهه ائين ڪوٺي ڪيندو هو؛ جئين مکڻ مان وار. وڏي ڏيا وارو ۽ مٿير مڙس هو. هاڻي اهڙا ماڻهو ڪٿي لڀن؟"

"ها ادا. بروبر پر ننڍو رئيس به گهٽ ڪونهي. هوبهو وڏي رئيس تي ويو آ. سورنهن آنا ڪو فرق ئي ناهي. ڏسجان ته راڄ ڀاڳ ڪئين ٿو سنڀالي؟" "ها ادا، بروبر. پر ننڍي رئيس جا شوق به مڙئي ڪجهه..." همراه هيڏي هوڏي ڏسي پنهنجي جملي کي ڪاٽي ويو. اوچتو اوطاق جو در کليو. اڳيان ننڍو رئيس ۽ سندس پويان ست راڄي چڱا مڙس هئا جن مان اڪثر کي بوسڪي جا تري سان پٽڪا ٻڌل هئا. ڪاٽن جا ڪپڙن مان سندن وڏا پيٽ ظاهر هئا. ۽ پنهنجي وڏين مڇن کي وٽيندي اچي اسٽيج تي ويٺا. سندن احترام ۾ پنڊال ۾ ويٺل هڙ خلق اٿي بيٺي.

اسٽيج تان اعلان ٿيو. "هاڻي اسان جي انتظار جون گهڙيون ختم ٿيون. رئيس پنهنجي اباڻي پڳ ٻڌڻ لاءِ اسٽيج تي اچي ويو آهي. مان پڳ کي پهريون ور ڏيڻ لاءِ رئيس جي مرشد قبلا سائين کي چوندس ته اچن ۽ رئيس جي پڳ کي پهريون ور ڏين." مرشد اٿيو ۽ رئيس جي اڳيان پيل ٽيبل تي گلن جي هيٺان پيل بوسڪي جو پٽڪو کڻي رئيس کي پڳ جو ور ڏيڻ لڳو. ائين آهستي آهستي مختلف برادرين جي سردارن ۽ راڄ جي چڱن مڙسن پڳ کي ور ڏئي مڪمل ڪيو. پڳ ٻڌڻ کان پوءِ رئيس اٿي ڊائيس تي آيو ته سندس احترام ۾ سڄي پنڊال ۾ ويٺل ماڻهو به اٿي بيٺا. رئيس هٿ لوڏي ڪين ويهڻ لاءِ چيو ۽ ڳالهائڻ شروع ڪيو. "مان ٿورائتو آهيان آيل سمورن سردارن ۽ چڱن مڙسن جو جيڪي اسان جي سڏ کي مان ڏئي هلي آيا آهن. اڄ مون کي ڏک به آهي ته خوشي به؛ ڏک اهو ته بابا سائين اسان کي ڇڏي هليو ويو ۽ خوشي اها آهي ته اڄ مون پنهنجي خاندان جي روايتن کي مان ڏيندي هي پڳ ٻڌي آهي. هي پڳ منهنجي ابن ڏاڏن جي امانت آهي. مان ساهه کان وڌ هن پڳ جو خيال رکندس. سر ڪٽائيندس؛ پر هن پڳ کي جهڪڻ نه ڏيندس. هن پڳ جي مان ۽ شان کي قائم رکندس. منهنجا در توهان پائرن جي لاءِ سدائين کليل رهندا". رئيس تقرير ختم ڪري ويٺو ته پرسان واري قنات کي هٽايو ويو. اندر گلمن تي پت جا پاٽوڙا پيل هئا. پت تي نظر پوندي ئي ماڻهن ائين ڊوڙ پاتي جئين ماڪوڙا مناڻ ڏي ڀڄندا آهن. پت تي جنگ لڳي وئي. ماڻهو هڪٻئي کان پت ڦرڻ لڳا ڪيترن جا ته ڪپڙا به خراب ٿي ويا. چڱا مڙس خلق جي حالت ڏسي کلندا بنگلي ۾ اندر هليا ويا جتي وڏين گول ميزن تي ڇيلي جو گوشت، ڪڪڙ جا پيس مڇي جا ٽڪرا ۽ ٻيا طرحين طرحين جا طعام کائڻ وارن جي انتظار ۾ هئا. مهمانن ماني کائي پوري ڪئي ته سامهون واري هال جو پردو هٽايو ويو. ايڪو سائونڊ تي نصيبو لال جو آلاپ هليو ته رئيسن سُر کي سمجهندي ٽشو پيپر سان واڇن کي اگهي شهپرونيا. ماحول متو ته پنج نرتڪيون پنهنجي دلفريب ادائن سان جلوه افروز ٿيون، ۽ نچڻ لڳيون. وينلن جا ڇهرا ٻهڪي پيا. ٻيڪ گرائونڊ موسيقي تبديل ٿيندي رهي. نمڪن ۽ پنجابي گانن جو آواز سڄي هال ۾ گونجڻ لڳو. ۽ وڏيرا مست ٿي پيا. هڪڙي وڏيري واڇ ڊوڙي ڪري ٻي وڏيري جي ڪن ۾ پٽڪو ڪيو.

"پنجاب سامراج سان پلاند پيا ڪيون."

جنهن تي هڪ چٻي قومپرست کان ٺهڪ نڪري ويو.

"ڪيئن ٿو پائين؟" هن ڪاٻي ڪيسي مان پوو ڪڍيو.

سڄو ماحول رومانوي ٿي ويو. ننڍي رئيس هڪ ناچڻي کي سڏ ڪيو. ناچڻي جي قميص جا سامهون وارا بٽڻ کليل هئا. رئيس جهڪي ناچڻي جي ڇاتيءَ کي ڇيلاٽي جيان چنبڙي پيو. ناچڻيءَ ٺمڪي جي ٻهاني سان رئيس کي ڪاٻي ٿونٺ سان پيار مان پرتي ڪيو. رئيس ٿاٻو ڪاڌو. ۽ سندس تازي ٻڌل اباڻي پڳ وڃي ناچڻي جي پيرن ۾ پئي.

۽ رئيس نشي کان بيحال پڳ اتي ئي ڦٽي ڪري ڦان ڪري اچي صوفا تي ڪري پيو. هال ۾ ناچڻين جا ساز ۽ آواز هڪ نوحو بڻجي پيا.

# ڪي نه وريو پيار مان...



عبدالحق قريشي

رحيمان جي پوڙهي پيءُ کي پنهنجي ڌيءُ مان سوين اميدون هيون. تنهن جو وڏو سبب سندس وڏي پٽ جو پنهنجي زال جي چوڻ ۾ اچي گهر ڇڏڻ هو. اُن بعد ته پيءُ جي پوڙهين اکين ۾ فقط رحيمان کي بهتر مستقبل ڏيڻ جو سپنو هو. هن پنهنجن سان گڏو گڏ برادريءَ کي به ڏيکارڻ ٿي چاهيو ته هن پنهنجي ڌيءُ کي پڙهائي ان لائق بڻائي ڇڏيو آهي ته هوءَ هاڻي پنهنجي پڙهائي پوري ڪري ڪنهن آفيسر جي عهدي تائين آسانيءَ سان پهچي سگهي ٿي. تنهن لاءِ هن پنهنجي پيٽ جي خرچ کي ڪٽڻ ۽ قرض کڻڻ کي به قبول ڪيو. پر هن جي اميدن تي اُن ڏينهن پاڻي ڦري ويو جڏهن کيس خبر پئي ته سندس ڌيءُ پڙهڻ ڳڙهڻ ۾ ڪجهه ڪري ڏيکارڻ بجاءِ ڪاليج ۾ ڪنهن ڇوڪري سان پيارجي راند کيڏي رهي آهي. ڌيءُ جي پيار جي داستان جا پنا ڪاليج جي چارديواري مان نڪري پاڙي جي گهرن ۾ به ورڪرڻ لڳا. تڏهن کيس لڳو هو ته پنهنجن خوابن کي تعبير ڏيڻ لاءِ هڪ هڪ پٿر چونڊي جيڪو رستو جوڙيو هو. اُن ۾ هڪ وڏو ڏار پئجي ويو آهي. تڏهن هن جون اکيون ڀرجي آيون. کهڙين به مصيبتن ۾ هو رنو ڪونه هو. هن هر مصيبت جو کلندي کلندي همٿ سان مقابلو ڪيو هو پر اڄ پنعنجن لڙڪن کي روڪي نه پئي سگهيو. اُن رات نه ڄاڻ ڪيتري دير تائين هو روئندو رهيو. صبح ٿيندي ئي هن گهر واريءَ کي پنهنجي فيصلي کان صاف صاف واقف ڪيو ته اڄ کانپوءِ رحيمان نه ته ڪاليج ويندي نه ئي گهر کان سندس قدم ٻاهر نڪرندو.

رحيمان چپ چاپ اهو سڀ ٻڌي رهي هئي.

هن واقعي کان بعد پيءُ پنهنجي ڌيءُ سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ڇڏي ڏنو. هو ڪڏهن اک کڻي به ڌيءُ ڏانهن نه نهاريندو هو ۽ هو ڏانهن رحيمان کي به ڪڏهن همٿ نه ٿي هئي ته هو پيءَ سان اک ملائي سگهي. انهن ڏينهن ۾ ئي پيءُ رحيمان جي شادي ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو تنهن لاءِ هو ڪيترن ئي دوستن ۽ مائٽن سان لهه وچڙ ۾ آيو ۽ انتظار ۾ هو ته ڪنهن سٺي خاندان سان ڳالهه ٻولهه ٿئي ته هو رحيمان جو رشتو پڪو ڪري ڇڏي.

رحيمان منجهي پئي هئي ته هوءَ کهڙي واٽ وٺي. هن لاءِ هڪ پاسي پيءُ جو گهر هو ته ٻئي پاسي نئين گهر جوڙڻ جو سپنو هو جيڪو هن ارباب سان گڏ رهي پورو ڪرڻ ٿي چاهيو. انهن مونجهارن ۾ هوءَ آخرڪيسيتائن رهي ها، ڪو نه ڪو ته فيصلو ڪري هن ٻڌ ترمان نڪرڻو هو.

سياري جي ان ڏڪاندڙ سرد رات ۾ هن جو پوڙهو پيءُ ڪونگهرن ۾ غلطان هو. تڏهن هوءَ بي فڪري ٿي وئي هئي ته هن لاءِ چپ چاپ گهر ڇڏي ڀڄڻ جو هي ئي موزون وقت آهي. تڏهن هڪ مختصر خط لکي هُن ميز تي رکيو ته الائجي ڇو سندس اکيون ڀرجي آيون. هو پاڻ به نه پئي سمجهي سگهي ته هن جي اکين ۾

هي لڙڪ ڇو تري آيا آهن ؟. سو بہ تڏهن جڏهن پنهنجو گهر هوءَ پنهنجي مرضي سان ڇڏي وڃي رهي هئي. اُن بعد آهستي آهستي هن ٻاهريون در کوليو. اونداهہ ۾ اوچتو ڪجهہ ڪتا ڀونڪڻ لڳا. پر پوءِ شايد رحيمان کي سڃاڻي هنن ڀونڪڻ بند ڪري ڇڏيو. ڀهريون ئي قدم رکندي ئي ڪيس لڳو تہ هُن جا هي قدم ٻيهر هن چائنٽ تي وري نہ ورندا.

پوڙهو پيءُ جڏهن صبح جو اٿندي ئي ڏٺو تہ رحيمان گهر ۾ موجود ڪانہ هئي. ميز تي رکيل خط مليو جنهن ۾ هُن لکيو هو تہ هيءُ گهر هڪ نہ هڪ ڏينهن مونکي توهان جي مرضيءَ سان ڇڏڻو هو. پر هاڻي مان پنهنجي مرضيءَ سان گهر ڇڏي وڃي رهي آهيان. خط پڙهڻ بعد پيءُ ۽ ماءُ تي ڄڻ سناٽو ڇانئجي ويو انهن کي سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ هو روئن، رڙيون ڪن يا چپ چاپ ايڏو وڏو زهر جو ڍڪ پي وڃن. سڄي ڏينهن جي سوچ ويچار کان پوءِ ٻنهي زال مڙس اهو طئہ ڪيو تہ رحيمان کي ڳولهڻ جي ڪا بہ ضرورت ڪونهي. جئين تہ هُن نادان ڇوريءَ سماج ۾ هنن جو اهڙو نڪ ڪپيو آهي جو هو ڪنهن کي منهن ڏيکارڻ جوڳا ئي ناهن. ان ڪري هاڻي هن لاءِ هن گهر جا دروازا سدائين لاءِ بند رهندا.

(2)

رحيمان کو رانديڪو تہ هئي ڪانہ جو ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ لڪائي ڇڏجي، هوءَ تہ جئندڙ جاڳندڙ نوجوان ڇوڪري هئي. هُن جي گهرمان غير موجودگي هڪ سوال بڻجي پاڙي وارن جي وات مان نڪري وڏي پٽ جي ڪنن تائين وڃي پهتي ۽ هو زال سوڌو گهر اچي ڪڙڪيو. پٽ ۽ ننهن جي آڏو انهن وٽ سواءِ سر جهڪائي روئڻ جي ٻيو هوئي ڇا؟. سوماٽ ڪري هنن جي تلخ ڳالهين جي ٻرڇين جا ڏک سهندا رهيا.

وقت جو ڦيٿو ڦرندو رهيو ۽ هاڻي گهر ۾ ننهن جي راڄ سان گڏو گڏ هڪ پوٽي ۽ ٻنهي زال مڙس جي وارن جي اڇاڻ ۾ بہ واڌارو اچي چڪو هو. ننڍڙي ٻار کي ڪراڙي ماءُ جي حوالي ڪري پٽ ۽ ننهن تہ صبح جو پنهنجين نوڪرين تي هليا ويندا هيا ۽ ڪراڙو پيءُ ڪنڌ ۾ پيل کٽ تي ماٺ ڪري ويٺل هر وقت گهرجي دروازي ۾ نظرون کپائي الاءِ ڇا گهوريندو رهندو هو. اڄ بہ معمول مطابق ٻئي زال مڙس ڪم تي ويل هيا. ڪراڙي بہ پوٽي کي ساليانی انجيڪشن هڻائڻ سرڪاري اسپتال وٺي ويل هئي. گهر۾ سناٽو ڇانيل هو. ڪراڙو پيءَ کٽ تي ويٺل گهرجي دروازي ۾ نظرون کپائي گهوري رهيو هو.

ساڳئي وقت گهر جي ٻاهريان چائنٽ تي رحيمان بيٺل هن چائنٽ کي گهوري رهي هئي. جنهن کي بہ سال اڳ اورانگهي پنهنجو گهر ڇڏي پنهنجي پريمي ارباب سان گڏ ڀڄي وئي هئي. اڄ ٻيهراُن ئي چائنٽ تي هن جا قدم موٽي آيا هيا. اندر گهڙڻ کان اڳ ئي هن جا پير ڏڪڻ لڳا هيا. ڪيس ڄاڻ هئي تہ پيءُ جي چپن جي ديوارن کي ٽوڙي نڪرندڙ ڌماڪن جهڙن لفظن ۽ ٽانڊڻ جهڙين اکين جو سامهون ٿيندو. رحيمان کي اها بہ ڄاڻ هئي تہ هن پنهنجي پوڙهي پيءُ جي سهڻن خوابن کي خاڪ ۾ ملايو آهي. پيءُ جي نگاهن ۾ هوءَ هڪ ڏوهارڻ هئي.

ڪجهہ دير ائين ڏڪندڙ وجود سان بيٺل سوچيندي رهي. آخرهمٿ ڪري ڏڪندڙ هٿ سان هن دروازو کڙڪايو. دروازو کڙڪائيندي ئي هُن جي دل جي ڌڪ ڌڪ تيز ٿي وئي. خبر ناهي ڪير دروازو کوليندو؟. هُن جو پيءُ يا ماءُ؟. جيڪر دروازو کولي ۽ مونکي ڏسي دروازو بند ڪري ڇڏين تہ پوءِ هوءَ ڪيڏانهن ويندي ؟. اهو سوال ڄڻ ڪاريهر نانگ جو ڏنگ هو جيڪو سويل کان هُن جي وجود کي ڏنگي رهيو هو. ان ڪري هوءَ اندر ئي اندر ڪنبي رهي هئي.

”هي گهر منهنجي منزل ناهي. منهنجي منزل تہ منهنجو پيارارباب هو. جڏهن پيار ئي نہ رهيو تہ منزل ڇا ڪندس؟“ سوچ جي انڌيري وهڪري ۾ وهندي اوچتوئي هڪ خيال هن جي ذهن ۾ ڪڙڪبيتي جيان چمڪيو، جنهن جي روشنيءَ ۾ هُن کي پنهنجي منزل ڏسجڻ ۾ اچي وئي ۽ هن جي سوچ جو سمونڊ شانت ٿي ويو. رهي. ڪجهہ دير تائين دروازو نہ کليو تہ هُن وري دروازو کڙڪايو. تڏهن اندران ايندڙ پيرن جي آهٽ مان هو سمجهي وئي تہ هن جو پيءُ آهي تہ هُن جي چهري تي مردن جيان پيلاهڻ ڇانئجي وئي. دروازو کليو تہ ويچارين نگاهن سان هن پيءُ ڏانهن نهاريو ۽ سندس چپ چريا.

”بابا.“

هُن کي ڏسي پيءُ جي اکين مان ڏک جي پاڇن سان گڏ بہ لڙڪ وهي نڪتا. هو ڪجهہ پل رحيمان کي بت بڻيو ڏسندو رهيو. پوءِ مڙي وڃي کٽ تي ويهي رهيو. رحيمان بہ ٿڪل قدمن سان هلندي کٽ جي پرسان پيل موڙهي تي اکيون هيٺ جهڪائي ويهي رهي.

”ڇو آئي آهين؟“ گهر جي سناٽي ۾ پيءُ جو ڳورو آواز گونجيو.

”ارباب مونکي طلاق ڏئي گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي.“ رحيمان تمام آهستي آهستي مرٽينگ آواز ۾ جواب ڏنو.

”ڇو؟“ پٽس ٻيو سوال پڇيو.

ڪجهہ دير تائين تہ هوءَ اهو طئہ نہ ڪري سگهي تہ کهڙو جواب ڏئي پر پوءِ ڪيس لڳو تہ سچائي کي ڪوڙ جي پردي سان ڍڪڻ جي بجاءِ سچ ڳالهائڻ گهرجي.

”هو سٺو ماڻهو ناهي.“ رحيمان بس ايتروئي چئي چپ ٿي وئي.

”۽ تون بہ تہ ڪا سٺي ڌيءُ ناهين، جي هو خراب هو تہ اهڙي شخص جي ڪري پنعنجو گهر ڇڏي ڇو ڀڄي وئي هئين.“ پيءُ لفظن ۾ نفرت اوتيندي چيو.

(3)

”پيار جي واٽ تي هلندڙ پيرن کي فقط پيار جي منزل نظر ايندي آهي پر اها منزل منهنجو مقدر ۾نہ هئي يا شايد مونکي توهان گهر وارن جي دل رنجائڻ جي سزا ملي آهي.“ رحيمان ڦڪي مرڪ سان چيو.

ڪجهہ پلن لاءِ خاموشي ڇانئجي وئي،

”تو سان اهڙوئي ٿئيڻو هو. ڪاش تو اهو اڳ ۾ سوچيو هجي ها.“ ڪجهہ دير بعد پيءَ ٻيهر ڳالهائڻ شروع ڪيو.

”ڪيئن سوچيان ها؟ پيار جي باهہ جي تيزي ايتري تہ طاقتور هوندي آهي جو برو ڀلو سوچڻ جي مهلت ئي ڪانہ ڏيندي آهي.“ رحيمان هٻڪندي اکيون جهڪائي چيو.

” تون تہ هن گهر جي عزت تي ٽُڪ اڇلائي ڀڄي وئي هوئين ۽ جڏهن اُها ٽُڪ تنهنجي پنهنجي ئي منهن تي پئي آهي تہ توکي هي گهر ياد آيو آهي؟ . توکي هن گهر ۾ پير رکڻ جي همٿ ڪئين ٿي؟“ پيءَ زهر مليل لهجي ۾ پڇيو.

”همٿ تہ ڪانہ پئي ٿي. پرڇا ڪيان ها؟ اڄٽو تہ هن ئي گهر ۾ هو.“ اکين مان لڙڪ وهائندي رحيمان آهستي آهستي چيو.

”جيڪر تون هن گهر ۾ رهڻ جي ارادي سان آئي آهين تہ هي گهر هاڻي منهنجو ناهي. هي گهر مون انهن قرضن جي عيوض جيڪي مون دوستن کان تنهنجي پڙهائي لاءِ کنيا هيا. انهن کي ڏيڻ لاءِ تنهنجي ڀاڄائيءَ جي پيءُ کي وڪڻي چڪو آهيان.“ پيءَ ڏکويل لهجي ۾ چيو.

”بابا مان هن گهر جي ڏوهارڻ آهيان ۽ هن گهر ۾ رهڻ جي حق کي پنهنجي نادانيءَ سان وڃائي چڪي آهيان. مان هتي رهڻ نہ، مان تہ پنهنجي گناهہ جي معافي گهرڻ آئي آهيان.“ رحيمان ٻئي هٿ ٻڌي روئندي چيو. ”مان توکي پنهنجي نادان نياڻي سمجهي معاف تہ ڪيان ٿو پر افسوس رحيمان تنهنجي ڀاڄائي ۽ ڀاءَ ڪڏهن بہ نہ چاهيندا تہ تون هتي رهين ۽ شايد تنهنجي ماءَ ۽ مان بہ اهوئي چاهيندس.“ پيءَ جي اکين بہ لڙڪ هيا.

”توهان جي معاف ڪرڻ سان منهنجي بي چين دل کي چين ملي ويو آهي . مون بہ بس اهوئي ٿي چاهيو. هاڻي مان وڃان ٿي، بس توهان کان رڳو ايترو چاهيندس تہ جڏهن بہ دعا لاءِ هٿ کڻو مون بدنصيب کي ضرور ياد رکجو.“ رحيمان روئندي پيءَ جي پيرن کي جهلي مٿو جهڪائي روئيندي چيو.

”تون هاڻي ڪيڏانهن ويندئين؟“ پيءَ جي اکين مان بہ لڙڪ وهيا ۽ هن جو ڏڪندڙ هٿ رحيمان جي جهڪيل مٿي کي سهلائڻ لڳو.

”ڪيڏانهن ويندس؟ بابا اتي ئي جتي وڃڻ سوچيو اٿم .“ رحيمان مٿو مٿي ڪري اداس لهجي ۾ چيو.

”ڪنهن ساهڙيءَ وٽ؟“ رحيمان جي لهجي جي اداسيءِ پيءُ کي بہ اداس ڪري ڇڏيو. .

” جنهن اپاڳڻ کي سچو پيار ئي نصيب نہ ٿيو تنهن کي سچي دوست ڪئين نصيب ٿيندي؟.“ پربابااهو يقين رکجو تہ گهر جي عزت جي چادر تي جيڪو داغ مون لڳايو هو هاڻي هن داغ کي ڌوئيندس.“هُن جي اکين مان وري لڙڪ وهيا.

. ڪجهہ پل ائين ئي گذريا پوءِ رحيمان اٿي ۽ پنهنجي چادر سان لڙڪ اگهي ڳورن قدمن سان هلندي چائنٽ اورانگهي کان اڳ مڙي پيءَ ڏانهن نهاريو جيڪو پنهنجو ڪنڌ جهڪائي کٽ تي ويٺل هو. رحمان پنهنجو هٿ لوڏي چائنٽ اورانگهي ٻاهر نڪري وئي.

ٻاهر نڪري سامهون ايندڙ رڪشا کي روڪيو تہ هن جي نظر سامهون ايندڙ ماءَ تي پئي، جنهن جي سيني سان چمبڙيل ٻار شايد هُن جي ڀاءُ جو ٻار هو. ماءَ کي ڏسي هُن جو سڄو وجود ڏڪيو ۽ هن جي اکين مان لڙڪ وهڻ لاءِ بيتاب ٿيا پر هن جلديءَ سان منهن ڦيرائي رڪشا ڊرائيور کي ڏنو ۽ چيائين .

”ڄامر شورو جي پل تي هل.“




# مدد علي سنڌي، حيدرآباد.

**صبح ستائي، شام ستائي، ڏينهن ڏڪوئي، رات رنجائي!!**

(اوهانجو/ اسانجو) سوجهرو پهتو. سوجهرو ڏسي ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي. اصل ۾ سوجهرو اهڙو ادبي پرچو آهي، جيڪو وقت سان، هر مهيني جي شروع ۾ پهچي ٿو. ادبي مخزنن جو وقت سان ڪڍڻ هڪ وڏو مسئلو آهي، پر اوهانجي محنت ۽ تجربي جي ڪري پڙهندڙن کي هڪ تمام سٺو رسالو اچي ٿو سندن ادبي اُڃ اُجهائي!

جولاءِ 2014ع جي سوجهري ۾ ٽائيٽل تي نسيم احمد ڪرل، ڍول فقير جي ورسين جي حوالي سان سندن فوٽا ڏيئي توهان هنن کي ياد ڪيو آهي. ساڳئي وقت جولاءِ ۾، سنڌي ٻوليءَ جي سينيئر ڪهاڻيڪار ماهتاب محبوب جي جنم ڏينهن جي حوالي سان سندس فوٽو، ۽ نصير مرزا جو مضمون ڇپائيتو آهي. نصير مرزا کي پنهنجي مضمون ۾ ماهتاب محبوب جي ڪهاڻين جو تفصيل سان جائزو لکڻ کپندو هو. سچ پچ ماهتاب محبوب جي ڪهاڻين جو اڃا تائين تفصيل سان جائزو نہ ورتو ويو آهي. سندس ڪهاڻين/ ناول/ شخصيتن تي لکيل خاڪا/ يا خود هن جو تازو ڪتاب ’هي حسن ...‘ تي علحده لکڻ جي ضرورت آهي، مون جڏهن سندس ڪتاب ’هي حسن ....‘ پڙهيو، تہ مون کي محسوس ٿيو (اهو منهنجو شخصي رايو آهي ۽ ان مان آئون ڪنهن کي بہ گهٽ ۽ وڌ نہ ٿو ڪرڻ چاهيان) تہ سنڌي ٻوليءَ ۾، سنڌ اندر ڪنهن بہ اديب تي هن قسم جو ڪتاب نہ لکيو ويو آهي. مون کي اهو ڪتاب تمام گهڻو وڻيو، بلڪ مون تي ڪيترا ڏينهن هي حسن ڪتاب جو اثر ڇانيل رهيو. ماهتاب، اصل حيدرآباد جي آهي، حيدرآباد جي وچولي ڪلاس جي خاندان تي هوءَ هڪ بهترين ناول يا وري يادگيريون لکي سگهي ٿي.

نسيم ڪرل، سنڌي ٻوليءَ جو تمام ادبي سگهه وارو ڪهاڻيڪار هو. اوهان جو ذاتي دوست هو. اسان لاءِ هو سدائين ’نسيم ڪرل صاحب‘ رهيو، ۽ اسان کي بہ هو نئين ايج جو ڇوڪرو سمجهندو هو. طارق اشرف سان بہ سندس دلي محبت هوندي هئي. طارق بہ ساڻس اوهان وانگر ڏاڍو حجائتو هوندو هو. آڪٽوبر 1969ع جي ڳالهہ آهي. طارق اشرف صاحب جي الهندي ڪچي حيدرآباد واري گهر جي پر ۾ سهٽي مخزن جي آفيس هوندي هئي. ان ۾ بمشڪل ٻہ ٽي ماڻهو، طارق صاحب سميت ويهي سگهندا هئا. نسيم سان بہ اتي پهريون پيرو ملاقات ٿي. ڏاڍو لاپرواهيءَ سان طارق صاحب جي ٻن ڪوچن تي اهليو ويٺي سگريٽ ڇڪيائين. آئون پهتس. طارق صاحب تعارف ڪرايو. لاپرواهيءَ سان چيائين، ”’اڳتي قدم‘ تو ڪڍيو آهي؟ مان کي تہ يقين ڪونہ ٿو اچي. ڪامريڊ آهين ڇا جو ٽائيٽل تي متڪو ۽ ڏاٽو ڇپيو اٿئي؟“

طارق صاحب چند ڪڍيس، نسيم پهرئين تي ملاقات ۾ ايڏا سوال؟

مان ماٺ ڪري سامهون ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. طارق جو صوفا، نسيم ڪرل جي بار برداشت ڪرڻ کان ڪيٻائيندو آواز ڪڍي رهيو هو. ايتري ۾ نسيم رڙ ڪئي، ”چاءِ اڃا بہ نہ گهرائيندين ڇا؟‘ هاڻ تہ تنهنجو ٻالڪو مدد اچي ويو آهي. ان کي چئو تہ وڃي ڪيفي فردوس مان اسپيشل چاءِ وٺي اچي!“

طارق وري چيس، ”صبر ڪر چاءِ اندران اچي ٿي“، ائين چئي هو اٿي اندر ويو، ۽ ڪجهہ دير ۾ اسپيشل چاءِ ٽري ۾ کڻي آيو. طارق صاحب، سدائين ان وقت بہ چاءِ تمام سٺي ۽ اعليٰ ڪوالٽيءَ جي پيئندو هو. سندس من پسند چاءِ، ارل گري هوندي هئي. ان وقت ارل گري جو دٻو، 50 رپين ۾ ملندو هو. هاڻ ڪراچيءَ جي آغاز سپر اسٽور تي ارل گريءَ جو دٻو 600 روپين ۾ وڪامجي ٿو.

سو طارق صاحب گهر ۾ سدائين ارل گريءَ چاءِ ٺهرائيندو هو. ڪٽليءَ جي مٿان ٽي ڪوزي، کنڊ ۽ کير جدا. پر اها چاءِ، طارق صاحب فقط خاص دوستن لاءِ ٺهرائيندو هو. باقي پاڻ روزانو شام جو پهرئين ڪيفي فردوس تي فيروز احمد ميمڻ سان (۽ بعد ۾ فردوس سئنيما جي ڪئنٽين ۾) وڃي چاءِ پيئندو هو. ان مهل جيڪڏهن ڪو دوست سندس سامهون ايندو بہ هو، تہ ان کي پري کان سلام ڪندو هو، جو طارق صاحب کي اها ڳالهہ نہ وڻندي هئي تہ فيروز ميمڻ سان گڏ ڪچهري ڪندي ڪو ماڻهو اچي ساڻن گڏ ويهي!

باقي، مون سان، ظفر حسن ۽ ولي رام ولڀ سان گڏجي اورينٽ هوٽل ۾ تڏهن هلندو هو، جڏهن آئون ڪا ڪهاڻي لکي سندس خدمت ۾ پڙهڻ ۽ پوءِ رايو ڏيڻ لاءِ پيش ڪندو هوس. ڪهاڻي پڙهڻ ڪانپوءِ رايو فقط هوٽل اورينٽ جي نوري لائونج ۾، چاءِ ۽ هوٽل جي خاص ٺهيل چڪن پيٽيز کان پوءِ ملندو هو. طارق اشرف جو اهو معمول جاري رهندو آيو. پوءِ طارق صاحب جي ڪچهريءَ ۾ عمر قاضي، عرفان شاهہ، نديم ميمڻ، ارشاد قاضي بہ اچي شامل ٿيا.

بهرحال ڳالهہ هلي پئي نسيم ڪرل جي پهرئين ملاقات جي! چاءِ آئي، نسيم سوال ڪيو، ”بسڪوٽ ڪاٿي آهن؟ طارق ڏاڍو ڪنجوس آهين!“

طارق صاحب چيس، ”ڪٿان ايندا صبح ساڻ بسڪوٽ، اورينٽ هوٽل ۾ رهيو پيو آهين، اتي هلي اسانکي چاءِ پيئار ۽ يا وري اسين تو کي بسڪوٽ کارايون!

نسيم اهو ٻڌي چيو، ”اي ڀائو مدد تون ڪا مڙسي ڪر!“

آئون ڊوڙي وڃي، ڪيفي فردوس هوٽل تان نائيس بسڪوٽن جا ٻہ ننڍا پيڪيٽ وٺي آيس، بسڪوٽ آندم تہ طارق صاحب چيو، ”ابا، هاڻ اهي ٻہ نسيم پاڻ کائي ويندو، ٻين کي اصل نہ ڏيندو!“

نائيس بسڪوٽ ڏاڍا سٺا هوندا هئا، مٿن کنڊ بہ لڳل هوندي هئي. پيڪ فرينز وارن هاڻ تہ اهي بسڪوٽ ناهڻ بند ڪري ڇڏيا. نسيم واقعي اهي ٻئي پيڪٽ پاڻ وٽ رکي، انهن کي کولي، چاءِ ڪٽليءَ مان ڪڍي تہ ارل گري چاءِ جي سڳنڌ چؤطرف پکڙجي وئي. هڪڙو ڪوپ پاڻ ٺاهي، اڃا بسڪوٽ چاءِ ۾ ٻوڙڻ تي هو، تہ طارق صاحب رڙ ڪئي ”خبردار! جيڪڏهن تو ارل گري چاءِ ۾ بسڪوٽ ٻوڙي کاڌو آهي؟“

نسيم چوڻ لڳو، ”ميان! تون تہ صفا ڪو ڊڪٽيٽر آهين، ڀائو چاءِ ۾ بسڪوٽ ٻوڙي کائڻ اسان سنڌين جي عادت آهي! ڪيئن مدد. تون تہ ڪجهہ ڳالهاءِ، يا تو کي طارق جي آڏو ڳالهائڻ جي اجازت ڪونهي، ڊڄين ٿو ڇا؟“

مان ڪجهہ ڳالهايان، تہ ايتري ۾ طارق صاحب چيو، ”نہ بلڪل اجازت ڪونهي. بسڪوٽ چاءِ سان الڳ ڪري کائو!“

نسيم وڏو ساهہ کڻي، چاءِ کان اڳ ۾ بسڪوٽ کائڻ لڳو، ان وچ ۾ هن مون کي بہ هڪ بسڪوٽ ڪڍي ڏنو، مون سچ پچ تہ ان مهل محسوس ڪيو، تہ نسيم ڪرل جي اندر ۾ هڪ معصوم ٻار ويٺل آهي. هو بلاشڪ هڪ وڏو، ڪچي جو زميندار آهي، ۽ گهڻن کي صوفي تي ويهي هٿ ڏيندو آهي، پر ان ۾ ڪا بہ وڏائي نہ آهي، ٻت جو پريل، ٿلهو متارو، هٿن ۾ سگريٽ، پينٽ ۽ شرٽ ۾ مچن وارو اهو شخص سنڌي ٻوليءَ جو وڏو ڪهاڻيڪار نسيم ڪرل هو.

ٻئي ڏينهن، صبح جو طارق صاحب مونکي اورينٽ هوٽل ۾ وٺي هليو. اتي نسيم ڪرل ترسيل هو. اسان جي روم ۾ پهچندي شرط چوڻ لڳو، ”هلو هلون ٿا ٺنڊي ڄام ڀائو وٽ!“ پوءِ هو جيپ ۾ اسان کي ٺنڊي ڄام وٺي هليو هو. جڏهن واپس ٿياسين تہ هو حيدرآباد پهچي، پاڻ هوٽل ۾ هليو ويو هو. اسين ٻئي واپس سهٽي پريس ۾ آيا هئاسين.

ان ڪانپوءِ نسيم ڪرل سان چڱي ڏيٺ ويٺ ٿي، ڪجهہ ڏينهن ۾ هو ٻيهر حيدرآباد آيو، تہ طارق وٽ ساڻس ملاقات ٿي. طارق ٻڌايس، ”مدد وارن وٽ پراڻا گراموفون رڪارڊ آهن!“ نسيم کي راڳ، خاص طور تي سنڌي ڪافي ٻڌڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. چوڻ لڳو، ”هاڻ هلي پنهنجو گهر ڏيکار!“ طارق صاحب چيس، ”ٻئي پيري تو کي مدد اچي ريڪارڊ ڏيکاريندو،“ ۽ پوءِ ڪچهريءَ ۾ ظفر حسن، غلام نبي مغل، ولي رام ولڀ بہ اچي شامل ٿيا ۽ ڪچهري شروع ٿي وئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو آئون گهرئي هجان تہ ڪنهن مون کي اچي ٻڌايو، ”ڪو ماڻهو تو کي هيٺ پيو سڏي. اسان جو گهر مجيب محل، الهندي ڪچي ۾ ويسٽ ڪچا پوسٽ آفيس جي مٿان هوندو هو. آئون ٻاهر نڪتس، ڏسان نسيم ڪرل هيٺ بيٺو آهي. يڪدم لهي وٽس آيس. چوڻ لڳو ”بابا هي آفت جيڏي ڏاڪڻ ڪير چڙهندو؟ مان کي هلي ڪٿي ٻئي هنڌ ويهار!“

مان کيس اسان جي پاسي واري گهٽيءَ ۾ ٻئي گهر وٺي آيس، تڏهي وڏي ياءُ ممتاز، اسان جي گهٽيءَ واري گهر ۾ نئون ڊرائينگ روم ٺهرايو هو. ان ۾ ڏاڍي شوق سان فرنيچر سان ٻن ايڪائي ٽِنن جو آمريڪي اي. سي هڻايو هئائين. نسيم کي اتي ويهاريم، تہ ايتري ۾

ادا وڏو اچي ويو. نسيم ڪرل سان سندس تعارف ڪرايم. ادا، پاڻ نسيم ڪرل جي ڪهاڻين کي ڏاڍي شوق سان پڙهندو هو. مون وٽ جي 50 ڪان به وڌيڪ پراڻا ريڪارڊ نسيم جي حوالي ڪيا. انهن ۾ هز ماسٽر وائيس ڪمپنيءَ جا ڀڳت ڪنور رام، ماسٽر چندر، ماسٽر ٽيئون مل، محمد رمضان، شمشاد بيگم جا ريڪارڊ هئا. نسيم انهن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اهي ريڪارڊ کڻي روانو ٿيڻ لڳو. ويندي ويندي ادا وڏي ڪيس رات جي ماني حيدرآباد جيم خاني ۾ ڪارائڻ جي دعوت ڏني ته هو ڏاڍو خوش ٿيو.

ٻاهر، ادا وڏي پنهنجي ڪار ۾ ڪيس اورينٽ هوٽل روانو ڪيو. هيڏانهن آئون به ڏاڍو خوش ٿيس، ته اڄ جيم خاني ۾ هلي ماني ڪائبي، ۽ انڪان اڳ جيم خاني جي بار ۾ بيئر به چڪبي. اصل ۾ جيم خاني ۾ ڊريس جي سختي هوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن وڏي ڀاءُ سان پينٽ شرٽ ۾ وڃڻ ٿيندو هو. پر ادا وڏو، اسان کي بار طرف رخ ڪرڻ به نه ڏيندو هو. البت ٻڌبو هو ته جيم خاني ۾ انگلش وهسڪي رعايتي اگهن تي ملندي آهي.

نسيم ڪرل جي دعوت جو ٻڌندي شرط جهڙوڪر مان پاڻ کي جيم خاني بار ۾ ويٺل محسوس ڪيو. خير شام ٿي، آئون به ٺهي سنيري وينس. شام جو ساڍي ستين وڳي ڌاري ادا وڏو تيار ٿي پنهنجي روم مان نڪتو، مون کي ڏسي چوڻ لڳو، ”نسيم صاحب کي هوٽل ۾ فون ڪري چئو ته تيار ٿي ويهي، آئون ڪيس وٺڻ پيو اچان!“ مون يڪدم گهر جي فون تان اورينٽ ۾ فون ڪيو، ۽ نسيم صاحب کي آگاهه ڪيو ته اسين اچون پيا.

ان وچ ۾ ادا هيٺ لهي ويو هو. مان به تڪڙو تڪڙو ڏاڪڻ لهي هيٺ آيس. اسان جو ڊرائيور احمد علي ڪار وٽ بيٺو هو. ادا ممتاز، ڪار ۾ سدائين ڊرائيور جي پر ۾ اڳئين سيٽ تي ويهندو هو. ڪار، ادا کي لڳل پروفيسي پروفيوم جي خوشبوءِ سان پئي مهڪي. مان پويان وينس ۽ ڪار رخ ڪيو اورينٽ هوٽل ڏانهن. هوٽل گاڏي کاتي ۾ موتي محل جي سامهون هوندي هئي. قاضي اڪبر ۽ قاضي عابد ڏاڍي شوق وچان اها هوٽل ٺهرائي هئي. آئون سمجهان ٿو ته ڪراچيءَ جي انٽر ڪانٽينينٽل هوٽل کان به سٺي هوٽل هئي. هيٺ نوري لائونج، پر ۾ تماچي لائونج، مٿي هڪ وڏو هال، سئنيما هال، ڪمرا نديا، البت ماني عاليشان، کهڙي ڳالهه ڪجي. سدائين سنڌي وڏيرن جا ڪٽڪ اچي هوٽل ۾ لهندا هئا. هوٽل جي ٻاهران نسيم ڪرل انتظار ۾ بيٺو هو. ادا، ڪار مان لهي ساڻس مليو. آئون به لهي بيهي رهيس. ايتري ۾ نسيم ۽ ادا وڏو ڪار ۾ پوئين سيٽ تي گڏ وڃي ويٺا ۽ آئون اچا اڳيون در کولي ويهڻ تي هوس ته نسيم چوڻ لڳو، ”ڀائو تون ڪيڏانهن ٿو هلين؟“

ادا وڏي به چيو، ”ها مدد، تون نه هل، جو تو کي شلوار قميس ۽ پٽاٽڪو سينڊل پاتل آهي. جيم خاني ۾ الو ڪونهي. تون پلي گهر هل!“ آئون سمجهي ويس، هي پهرين جيم خاني جي بار ۾ وڃي وهسڪي پيئندا، ۽ پوءِ ماني ڪائيندا، ان ڪري مون کي پاڻ سان گڏ نٿا وٺي هلن. بهرحال وڏي ڀاءُ سان اسين بحث ڪونه ڪندا هئاسون، جو هو جهڙوڪر اسانجي والد کان به وڌيڪ سختي ڪندو هو. وهسڪي ته پري جي ڳالهه، مور ڳو مون کي سگريٽ چڪڻ تان مار ڪدي هئائين. (پر ڳالهه ڀاءُ جي صحيح هئي، جيم خاني ۾ ان وقت فقط پينٽ ۽ شرٽ سان ميمبر ۽ ان جي گيسٽ کي وڃڻ ڏيندا هئا.)

مون ڪاوڙيل منهن سان هنن کي ڏسندي ڪار جي در کي زور سان بند ڪيو ۽ ڳاڙهي اوپل ڪار زوزاٽ ڪندي منهنجي پر مان لنگهي وئي، آئون دل ۾ وڏي ڀاءُ کي بورجوازي ۽ نسيم کي وڏيرڪي ذهنيت جا لقب ڏيندو سامهون گاڏي کاتي جي بوڪ اسٽالن تان اخبارن جون سرخيون اٿلائيندو، اچي سلطان هوٽل ۾ سينگاپوري دوده پتي چاءِ جو آرڊر ڏيئي وينس. اچا چاءِ آئي ته سامهون ڏسان ته طارق اشرف بوڪ اسٽال تي اچي بيٺو آهي. مان جلدي جلدي ساسر ۾ چاءِ پي، بل ڀري ٻاهر نڪتس ته طارق بوڪ اسٽال واري کان ’سُهڻي‘ رسالي جو حساب وٺي، گهر ڏي روانو ٿي رهيو هو. ڊوڙي وڃي ساڻس گڏيس. منهنجو منهن لٿل ڏسي چوڻ لڳو، ”خير ته آهي، تو ته ٻڌايو هو، اڄ نسيم ڪرل کي جيم خاني وٺي پيا وڃو، ڇو، ممتاز تو کي نه وٺي ويو ڇا؟“ پوءِ جڏهن سمورو احوال ڏنم ته کِلي چوڻ لڳو ”اڄ تو سان تمام سٺي ٿي آهي. چندا، ڏاڍو خوش ٿيو هئين، تو کي جيم خاني جي بار ۾ بيئر پيئڻ جو شوق هو. هاڻ ماٺ ڪري هل مون سان!“

ٻئي ڏينهن نسيم ڪرل سهڻي پريس ۾ آيو، آئون اڳيئي اتي ويٺو هوس. طارق صاحب سان ٻنا هٽ ملائڻ جي صوفي تي ويهي رهيو. وڏا ساهه کڻي چوڻ لڳو، ”طارق هن ڪُڏيءَ ۾ ساهه نٿو منجهي تنهنجو؟ مدد علي، هل اسان کي وٺي هلي پنهنجي ڊرائينگ روم ۾ ويهار!“

طارق صاحب، ڪُڏي لفظ تي چڙي پيو، چوڻ لڳو، ”نسيم ڇو راتوڪا خمار اڃا نه لٿا اٿئي ڇا، جو اڄ سهڻيءَ جي آفيس تو کي ڪڏي پئي محسوس ٿئي؟“

نسيم کلي چوڻ لڳو، ”ڪڏيءَ کي ڪُڏي نه چوندس ته ٻيو ڏوڙ چوندس. ابوهه، اسين ڪچي جا ماڻهو!“

”ڇڱو هاڻ بس ڪر، تون ته رات مدد عليءَ کي واهه جو ڦٽو ڪري ممتاز سان هليو وئين جيم خاني.“

”ته پوءِ زوراور ڇا ڪريان ها. وڏي ڀائرن سان ننڍا ڀائر ويهي ڊرنڪ ڪندا آهن ڇا؟ طارق تون ته صفا ڪو شهري ماڻهو آهين. توهان شهري ماڻهن کي کهڙي خبر سنڌي روايتن جي!“

نسيم جي هُل سبب طارق صاحب ماٺ ٿي ويو. منهنجي به ڳالهه دل سان وڃي لڳي، ته اهو قطعي طور تي ناممڪن هو، جو ادا وڏو هلي مون کي به وهسڪي پيئاري ها، ۽ اهو به پاڻ سان گڏ ويهاري!“

***

نسيم سان هڪ ٻي مزيدار ملاقات جو قصو، نسيم به ڏاڍو مزو وٺي ٻُڌائيندو هو. ٿيو ائين جو 1970ع ۾ ئي سنڌ متحده محاذ جي آفيس جو افتتاح قاضي قيوم روڊ حيدرآباد تي واقع الخليل چيمبرز ۾ ٿيو هو. ان ۾ سائين جي. ايم. سيد، شيخ عبدالمجيد سنڌي، خانبهادر محمد ايوب کهڙو، پير علي محمد راشدي، قاضي اڪبر، سيد عارف شاهه بخاري، آغا غلام نبي پٺاڻ ۽ ٻيا ليڊر آيل هئا. افتتاح ڪانپوءِ رات جو سائين جي. ايم. سيد پرڳڙي هائوس ۾ ترسيل هو. رات جو سائينءَ مون کي هڪ خط لفافي ۾ بند ڪري ڏنو، ۽ چيو، ”آئون صبح جو سن هليو ويندس. هي خط خانبهادر کهڙي کي سڀاڻي ضرور وڃي ڏجان جو هو به سڀاڻي رات جو ڪراچي هليو ويندو!“

سو آئون ٻئي ڏينهن اهو لفافو کڻي اورينٽ هوٽل پهتس. شام جو ست ٿيا هئا. هوٽل جي رسيپشن تي شاهه محمد عباسي مرحوم ويٺل هو. شاهه محمد عباسي، ماهتاب محبوب جو ڀاءُ هو. سندس وڏي ڀاءُ پير محمد عباسيءَ کي به آئون سڃاڻندو هوس. مون ڪيس ٻڌايو ته خانبهادر کهڙي سان ملاقات ڪرڻي آهي. هن مون کي سامهون صوفي تي ويهڻ لاءِ چيو، ۽ فون تي خانبهادر کهڙي جي روم جو فون تي ڪانٽيڪٽ ڪري، هن کي اطلاع ڏنائين. کهڙي صاحب الائي ڇا چيس، هو مون کي سڌي فون تي ساڻس ڳالهرايو. مون ڪيس ٻڌايو ته ”سائين جي. ايم. سيد توهان لاءِ خط موڪليو آهي!“ چوڻ لڳو، ”آئون به هوٽل ڇڏڻ وارو آهيان، تون اتي ويهه ته آئون هيٺ اچان ٿو!“ مان سامهون ڪوچ تي ويهي رهيس، اڃا پنج منٽ گذريا ته خانبهادر لفٽ مان اچي لٿو. مون کي سامهون ويٺل ڏسي اڳتي وڌي آيو، مون ڪيس سائينءَ جو خط سندس حوالي ڪيو ته پاڻ به اتي صوفي تي منهنجي پر ۾ ويهي پڇا ڪرڻ لڳو، ”سيد ڪڏهن روانو ٿيو؟ ڀلا حيدرآباد ۾ محاذ جي مرڪزي آفيس کلڻ سان کهڙو فرق پوندو!“

مان هن سان ڳالهائي رهيو هوس، جو سامهون ڏٺم ته سيد زمان شاهه ٽڪڙائي مرحوم، تماچي لائونج ۾ ويٺو اسان کي ڏسي، زمان شاهه، منهنجو به ذاتي دوست هو، ۽ ان وقت قاضي محمد اڪبر ڪيس روزاني عبرت جو خصوصي نمائندو براءِ سنڌ مقرر ڪيو هو. بهرحال اسان جي ويٺي، لفٽ مان نسيم ڪرل به اچي لٿو. ڪرل جي نظر خانبهادر تي پئي ته هو اڳتي وڌي ساڻس گڏيو، ڇاڪاڻ ته خانبهادر کهڙو به خيرپور ضلعي جي ڪچي جو زميندار هو ۽ نسيم جي والد سان سندس دوستي هوندي هئي. ان ڪري نسيم ڏاڍي عزت سان کهڙي کي نوڙي مليو، ۽ مون کي ڏسي چيائين، ”مدد، ڪر خبر تون هتي خانبهادر صاحب کان انٽرويو وٺڻ آيو آهين ڇا؟“ مون ڪيس چيو، ”آئون سائينءَ جو خط کهڙي صاحب لاءِ کڻي آيو هوس.“

ان وچ ۾ کهڙو به اتي ٻاهر وڃڻ لاءِ روانو ٿيو، ۽ نسيم مون سان گڏ هوٽل کان ٻاهر اچي مون کان موڪلائي هليو ويو.

ٻئي ڏينهن صبح جو آئون سنڌ متحده محاذ جي آفيس پهچان، ته اتي آفيس سيڪريٽري ڪامريڊ ابن حيات پنهور مون کي عبرت اخبار کڻي ڏيکاري چيو ”ميان صاحب کهڙي سان ملاقات ڪرڻ ويو هئين ڇا؟“ مان تعجب ۾ هن کي ڏسندي کڻي جو اخبار ڏٺي ته اخبار جي پهرئين پيج تي سيد زمان شاهه جي خبر ڇپيل هئي، ته خانبهادر محمد ايوب کهڙي سان سنڌ اين ايس ايف قومپرست گروپ جي اهم اڳواڻ ملاقات ڪئي ۽ ساڻس مختلف سياسي معاملن کي ڳالهائيندي اينڊڙ اليڪشن ۾ سنڌ متحده محاذ ۽ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي امڪاني اتحاد بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي.

خبر پڙهي منهنجون وايون ٻتال ٿي ويون. ڪامريڊ صاحب حسب عادت ڪاٻه تنقيد نه ڪئي. مون ڪيس سڄي ڳالهه ٻڌائي ۽ اچي پر ۾ پنهنجي آفيس (ايس

اين ايس ايف قومپرست گروپ جي) جمالي پٽيوالي کان ڪولرائي وينس، جو مان شاگرد جماعت جو آفيس سيڪريٽري هوس. اچا اتي وينو هوس، ته سيد شاهه محمد شاهه، ڪامريڊ عمر شورو، اقبال ميمڻ ۽ ٻيا دوست به اچي پهتا. خبر هنن به پڙهي هئي. شاهه محمد شاهه مون تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو، ”يا استعفيٰ ڏي يا ترديد ڪر هن خبر جي.“ مون ڪيس ٻڌايو ته مان فقط خط ڏيڻ ويو هوس، باقي خبر ۾ ڪا به حقيقت ڪونهي!

پر ڏنم ته سموري سنگت ڪاوڙيل هئي. شاهه محمد شاهه يڪدم ڪامريڊ عمر شوري کي مون واري خبر جي ترديد لکڻ لاءِ چيو ۽ ڪجهه دير ۾ روزاني هلال پاڪستان جي آفيس ۾ شيخ علي محمد کي ڏياري موڪلي. هلال پاڪستان اخبار، قلعي جي گهٽي نمبر 4 مان نڪرندي هئي ۽ پيپلز پارٽيءَ جي ترجمان اخبار هئي. شيخ صاحب اها ترديد وري ٻئي ڏينهن پهرئين پيج تي 3 ڪالم سان ڇپي ڇڏي.

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ نسيم کرل سان سهڻي پريس ۾ ملاقات ٿي. بس پوءِ ته هن اها ڳالهه شروع ڪري ڇڏي، مدد علي جا ڪم ڏسو! مان اتي پاڻ هوٽل ۾ موجود هوس. خانبهادر کهڙي وٽ سيد جو خط کڻي آيو هو. ٻئي ڏينهن سندس ملاقات جي خبر عبرت ۾ پڙهيم، ته ٽئين ڏينهن هلال پاڪستان ۾ مور ڳو خبر جي ترديد! ايوب کهڙي کي غدار سنڌ جا لقب! توبهه بابا. هي ڇوڪرو اڳتي هلي سياستدان ٿيندو، پر ڪندو کهڙو به ياد!!“

پوءِ ته سڀ وٺي کِلڻ لڳا ۽ آئون چپ!!

پوءِ نسيم کرل سان ويجهڙائپ ٿي. هڪ ڀيرو 1973ع جي ڳالهه آهي. نسيم کرل تي وارنٽ نڪتو، جو هو به ڪڇي جو اڙدو زميندار هو ۽ سنڌ جو وزيراعليٰ ممتاز علي ڀٽو به کرل جو دنگئي زميندار، سو نسيم به اچي حيدرآباد پهتو. ظفر حسن پنهنجي لطيف آباد يونٽ 6 واري بنگلي تي نسيم کرل جي دعوت ڪئي. ظفر حسن سان منهنجي دلي قرب ۽ عقيدت وارو رستو هوندو هو. هن مون کي به دعوت ڏني. دعوت ۾ ڪجهه سنڌي اديب هئا. جن ۾ طارق اشرف، غلام نبي مغل، وليرام ولڀ ۽ محبوب صاحب شامل هئا. اتي نسيم ڏاڍو ڇهڪي رهيو هو. ڪيس ذري جي به پرواهه نه هئي. مون کي ڏسي چوڻ لڳو، ”تنهنجي لاءِ ته منهنجو شروع کان اهو خيال هو ته تون هڪ نه هڪ ڏينهن سياستدان ٿيندين؟“ ۽ پوءِ منهنجي حوالي سان خانبهادر کهڙي واري ڳالهه ڪندو محفل کي کِلائيندو رهيو.

آئون سندس ڪهاڻين جو فين هوس. سندس ڪهاڻيون پارس ۽ ڪچو رنگ، ته منهنجون وڻندڙ ڪهاڻيون هونديون هيون. سندس ڪيترين ئي ڪهاڻين مان سنڌ جي ٻهراڙين جي سڳنڌ ايندي هئي. سندس آبزرويشن غضب جي هوندي هئي. سندس ٻولي دل کي ڇهندڙ، مطالعو کٽي سندس ايترو گهڻو ڪونه هو، پر هو ڪهاڻي لکڻ جو شهنشاهه هوندو هو. سندس اها آبزرويشن حيرت انگيز حد تائين گهاٽي هوندي هئي. مون کي اها 14 جولاءِ 1979ع جي رات به ياد آهي، جڏهن نسيم کرل کي هي جهان ڇڏايو ويو هو. ان رات سڄي سنڌ ۾ سخت برسات پئي هئي. نسيم کرل انهيءَ مينهوڳيءَ جي مند ۾ سنڌ کي الوداع ڪري ويو! گوليءَ جي هڪ ٺڪاءُ سان نه رڳو خيرپور جو ڪچو ۽ سنڌو درياهه جا ٻئي ڪپر گونجي اٿيا هئا، پر سنڌ هڪ اعليٰ ڪهاڻيڪار وڃائي ويٺي هئي. ٻئي ڏينهن حيدرآباد ۾ برسات پئجي رهي هئي. ظفر حسن ۽ آئون سندس ڪار ۾ وڃي خيرپور پهتا هئاسين. اتي ٻيا ته سڀ موجود هئا، پر ڪلندڙ، سدائين چرچا ڪندڙ، سنڌ جو عظيم ڪهاڻيڪار نسيم کرل موجود ڪونه هو. سمورو وايومنڊل ڄڻ عبدالڪريم پليءَ جي هن وائيءَ وانگر هو:

دردن دل آزاري سائين!

ڪر ڪا موٽڻ واري سائين!

صبح ستائي، شام ستائي، ڏينهن ڏکوئي، رات رنجائي!

آهه اڌارو ڏيهه سڄوئي.......

نسيم کرل جي ٻن ڪهاڻين جو اوهان شاندار تجزيو ڪيو آهي. البت سنڌي ڪهاڻيءَ بابت اوهان جي هن راءِ سان ڪجهه قدر اختلاف ڪري سگهجي ٿو، ”سموري سنڌي ڪهاڻي، روايتي سنڌي ڪهاڻي آهي، جيڪا مدي خارج، فيوڊل سماج جي ڏيڻ ۾ قاتل آهي!“

***

امداد حسيني، لطيفيات بحث ۾ گهڻي ڄاڻ ڏني آهي. شاهه لطيف خود پنهنجي شاعريءَ ۾ لفظ ڄِن ۽ ڪِن ڪتب آندو آهي، پر هن قسم جا بحث ضرور ٿيڻ گهرجن. ساڳئي موضوع تي ڊاڪٽر غفور ميمڻ جو مضمون به پڙهندڙ کي معلومات ڏئي ٿو.

ڪهاڻين جي ڀاڱي ۾ ڊاڪٽر رسول ميمڻ جو ناول 12 قسطن کان هلندڙ آهي. ناول پورو ٿيندو، ته پوءِ ان تي مفصل رايو ڏئي سگهجي ٿو. ان سان گڏوگڏ نورجهان سومرو جي ڪهاڻي ’ڪاٺا ٽيل لغڙ‘ پڻ دل کي ڇهندڙ ڪهاڻي آهي. نورجهان سومرو جي ڪجهه وقت اڳ سهڻيءَ رسالي ۾ هڪ ڪهاڻي، جنهنجو نالو مون کان وسري ٿو، ڏاڍي زبردست ڪهاڻي ڇپي هئي.

محمد صديق مگيو جي ’ڏڀارو لاش‘ به معروضي حالتن پٽاندر ڪهاڻي آهي. محمد صديق جي ٻولي، سندس ڪهاڻين جي اصل سڃاڻپ هوندي آهي. انور شيخ جي ڪهاڻي برف جو وٽو، تمام مختصر ڪهاڻي هوندي به هڪ مڪمل ڪهاڻي آهي. تمام مختصر ڪهاڻيءَ ۾ اصل ڳالهه کي چوڻ هڪ وڏو فن آهي، ۽ انور شيخ پنهنجي ڳالهه ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي.

حر گوريلا جنگ جي هن ڀيري واري قسط ۾ اوهان پير سورهيه بادشاهه شهيد صبغت الله شاهه جو هڪ اڻ لڀ فوٽو ڇاپي ڇڏيو آهي. اهو فوٽو ريئر فوٽو آهي، خبر ناهي ته اهو ڪٿان هٿ ڪيو؟

شيام ڪمار جي دلچسپ آتم ڪٿا وڃي 34هين نمبر تي پهتي آهي. هاڻ شيام صاحب کي هن آتم ڪٿا کي ڪتابي شڪل ۾ آڻڻ لاءِ تياريون ڪرڻ گهرجن. پراڻي شاعر محمد حسن ساز تي شيخ عبدالحليم جوش مختصر مضمون لکي ڪيس ياد ڪيو آهي. گهڻن ماڻهن کي شايد خبر نه هوندي ته محمد حسن ساز هڪ سٺو شاعر هو. ’نئين زندگي‘ رسالي ۾ گهڻو وقت اڳ مسلسل سندس شاعري ڇپجندي هئي. محمد حسن ساز هن معاشري جو ستايل شخص هو. زندگي پنهنجون سموريون ڏاڍايون هن سان روا رکيون. شايد ان ڪري ئي هڪ شعر ۾ چيو هئائين:

هزارين مون کي مليا رنج و غم ڏيڻ وارا،

مليو نه آهي، جهان ۾ ڪو غمگسار اچا!

زندگي ڏاڍي ڪٺن آهي، وقت ڪنهن بيرحم سمنڊ جي لڙ لهرن وانگر ٿو انسان کي وهائيندو هلي. ڏک جي هن فضا ۾ وري ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو جو غلام رسول ڪلهوڙي بابت لکيل مضمون، غمگين ڪري ڇڏيو. جيڪب آباد ۾ مرحوم عبدالڪريم گدائيءَ کانپوءِ غلام رسول ڪلهوڙو ادبي سرگرمين جو جهنڊو جهولايو وينو هو. ڏاڍو ڏک ٿيو، هيءَ ڪهاڻيڪار به 30 جون 2013ع تي آپگهات ڪري هن دنيا کي الوداع چئي هليو ويو. جيڪب آباد جي بيگاري واهه ۾ هن ٽپو ڏيئي پنهنجو انت آندو ته مون کي سندس موت تي مشهور ڪهاڻيڪار ورجينا وولف ياد اچي وئي. هن به پڇاڙيءَ ۾ نديءَ ۾ ٽپو ڏيئي زندگيءَ جي شمع کي وسائي ڇڏيو هو. ماڻهو آپگهات ڇو ٿو ڪري، يا ان مهل هن جا جذبا ڪهڙا ٿا ٿين، اهو هڪڙو سمجهه ۾ نه ايندڙ موضوع آهي. هڪ عام ماڻهوءَ جي ڀيٽ ۾ هڪ اديب جڏهن آپگهات جو فيصلو ٿو ڪري ته اهو ڪوئي جذباتي نه پر سوچيل سمجهيل فيصلو هوندو آهي، منهنجي شخصي سوچ پٽاندر! (ٿي سگهي ٿو آئون غلط هجان!)

خطن واري ڀاڱي ۾ ناياب بروهي، مشهور ليکڪ امر جليل جي شاهه لطيف بابت ڪيل تنقيد جو جائزو ورتو ويو آهي. اهو وڏو بحث طلب موضوع آهي، ته اسان جا وڏا اديب هڪ خاص منزل تي پهچي پوءِ ڇا لاءِ شاهه لطيف جي خلاف ڪات ڪهاڙا ٽا کڻي نڪري پون؟ تنقيد ڪا خراب شيءِ نه هوندي آهي، پر شاهه لطيف يا انجي شاعريءَ ۾ آندل ڪردارن جهڙوڪ: سهڻيءَ جو مذاق اڏائڻ، يا انهن بابت گوهر افشاني ڪرڻ کان اسان کي باز اچڻ گهرجي. شاهه لطيف کي هاڻ نه ته تنقيد ۽ نه وري اجائي تعريف جي ضرورت آهي. شاهه لطيف جي شاعري، پنهنجي جاءِ تي خود هڪ آئنو آهي. ان ڪري شاهه کان مڙئي اسان جا وڏا (!!) اديب پاسو ڪن، هنن کي پنهنجي ڳالهه ڪرڻ گهرجي. سنڌي ٻولي، ۽ سنڌ پنهنجن وڏن اديبن کي گهڻي عزت بخشي آهي. ڪڏهن منهنجي جليل سان ملاقات ٿيندي ته آئون به هن سان هن مسئلي بابت ضرور ڳالهائيندس! شاهه لطيف کي اسان سنڌ ۾ مشهور نه ڪيو آهي، بلڪ اڍائي سئو سال اڳ جڏهن شاهه سنڌ تي ڇانئجي ويو هو، ته ان وقت نه ڪا ٽي. وي هئي، نه اخبارون ۽ سڌ سماءُ جا ذريعا هئا. ٻولين جا ڪلاسيڪل شاعر انهن ٻولين جي سڃاڻپ هوندا آهن. ان ڪري انهن کي پنهنجي ذاتي فڪري سوچ کان هن کي بخش ڪرڻ گهرجي، ”اهو چڱو ڪم ٿي پوندو. ٻين خطن ۾ سيوهڻ جي مير حاجن، ۽ هالا جي حاجن نظاماڻيءَ جا خط پڙهڻ وٽان آهن. شال سوجهرو اچا به ترقي ڪري ۽ اوهان کي ۽ اوهان جي سٿ کي همت ڏي. اسان جي اوهان لاءِ اهائي دعا آهي.

## ڊاڪٽر رخمان گل پالاري، ڪراچي.

جولاءِ 2014 وارو سوجهرو مليو، جنهن ۾ سائين امداد حسيني صاحب جو مضمون جِنِ تِنِ يا جَنَ-تَنَ... ۽ ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ صاحب جو مضمون "لطيفيات ۽ لسانيات" ڏٺل آهن. ٻنهي مضمونن جي شروعات ئي جڻ ته منهنجي حوالي سان ٿيل آهي. منهنجي لاءِ اهي ٻئي شخصيتون انتهائي ادب ۽ احترام لائق آهن. سندن ڪيل ڳالهين کي پلي سَنَدَ جي حيثيت حاصل هجي، پر مون جهڙي ڏڏَ کي به اڻجهائيءَ جي باوجود پنهنجي ذاتي راءِ رکڻ جو حق آهي. منهنجي هنن ٻنهي مانائتن استادن، "اياز حسين قادري ڪانفرنس" ۾ منهنجي حوالي سان جيڪي ڪجھ لکيو آهي ۽ مون جيڪڏهن ائين ئي ڳالهايو آهي، ته پوءِ آئون واقعي ئي سندن سزاوار آهيان. ان سڄي پروگرام جي سي ڊي اڄ به شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر جي آفيس ۾ موجود آهي، اهي آن دي رڪارڊ ڳالهيون آهن، جي لڪائڻ سان به لِڪي نٿيون سگهن. منهنجي حوالي سان هنن سائو ۽ سڄاڻ هستين جيڪي ڪجھ لکيو آهي، سو سندن وڏو ماڻهپو آهي، آئون ٻنهه پتڪڙو ماڻهو آهيان، سندن ڳالهين کي رَدُ ته نٿو ڏيئي سگهان. باقي ٿوري وضاحت ڪرڻ جي گستاخي ضرور ڪندس.

سائين امداد حسيني صاحب پنهنجي مضمون جي شروع وارين سٽن ۾ لکي ٿو، "ان سيشن ۾ رخمان گل پالاري 'شاهه لطيف ۽ اياز قادري' جي عنوان سان ڳالهايو، هن ڪجھ ڳالهيون موضوع کان هٽي به ڳالهايون ڪيون، هن 'جِنِ' ۽ 'جَنِ' 'تِنِ' ۽ 'تَنِ' تي به ڳالهايو ۽ چيو، جِنِ ۽ تِنِ وارا لفظ صحيح آهن. ٻي ڳالهه هن منهنجي حوالي سان اها ڪئي. "امداد حسيني چوي ٿو ته سينگار جا بيت سگهڙن جا گپوڙا آهن." جڏهن ته مون ائين ڪڏهن به ڪٿي به نه چيو آهي ته، ڪو سينگار جا بيت سگهڙن جا گپوڙا آهن، نه ئي ائين چئي سگهان ٿو ڇاڪاڻ ته سينگار جا بيت سنڌي شاعريءَ جو املهه ۽ خوبصورت حصو آهن."

سائين امداد حسيني صاحب جي خدمت ۾ عرض آهي ته سائين اها جِنِ ۽ تِنِ واري ڳالهه سائين اياز حسين قادري صاحب سان ٿيل پهرئين ملاقات ۾ به نه ٿي هئي، ان ڳالهه کي به ڪي پندرهن سال گذري چڪا آهن. اهو بحث ڪو نئون ناهي. قادري صاحب ان جِنِ ۽ تِنِ واري لفظن جي حوالي سان چيو هو ته "شاهه لطيف جا رسالا سهيڙيندڙن وڏن عالمن جَنِ ۽ تَنِ لکيو آهي، اوهان جي جِنِ ۽ تِنِ واري ڳالهه به وزنائتي آهي. آئون پنهنجي طرفان ڪا حتمي راءِ نٿو ڏيان." ٻي گپوڙن واري ڳالهه جا مون اصل ۾ هيئن چئي هئي. "اردو وارا ته اسان جي لوڪ ادب کي ڄٽن ۽ جاهلن جو ادب ٿا سمجهن. شاهه لطيف جو رسالو به برزبان لوڪ ادب سرجيندڙ سگهڙن کي ياد آهي. سگهڙن کان ته اسان جا عالم سڳورا به ڇرڪن ٿا، جيئن سائين اماد حسيني به چوندو آهي ته. "اهي سگهڙن وارا گپوڙا آهن." سائين گپوڙو هٽي هڪڙو ڏور ته سرجي ڏيکاريو. گپوڙ هٽي هڪڙو هنر ته ناهيو، گپوڙو هٽي هڪڙو سينگار ته جوڙيو." مون حقيقت ۾ اهي جمال ڳالهايا هئا، جن لاءِ سائين امداد حسيني، صاحب لکيو آهي ته، "پالاري چوي ٿو ته امداد حسيني سينگار جي بيتن کي سگهڙن جا گپوڙا ٿو چئي." مون ساري ماجرا سائين امداد حسيني صاحب جي اڳيان رکي آهي، جي اڃان به آئون ڏوهي آهيان ته پوءِ جيڪا به سزا تجويز ڪري هي فقير حاضر آهي.

شاهه لطيف تي انسائيڪلوپيڊيا پيئي جڙي جنهن جي ايڊيٽرن واري بورڊ ۾ سائين امداد حسيني صاحب به پنهنجي قيمتي راءِ سان نوازيندو آهي. پر ڪن اختلافي شين تي سندس هي نوٽ به نمايان هوندو آهي. "اهي سگهڙن وارا گپوڙا آهن." اها اختلافي راءِ رکڻ سائين امداد حسيني صاحب جو حق آهي. پر ان کي سگهڙن وارا گپوڙا ڇو چئجي؟ ان ڳالهه سان آئون به اختلاف ڪري سگهان ٿو. اصل حقيقت گپوڙن واري اها آهي، جنهن لاءِ ڇتي ڪوريءَ واري ڊيگھ ڪرڻي پيئي. باقي رهي جِنِ تِنِ يا جَنَ-تَنَ واري ڳالهه، جنهن تي ڊاڪٽر غفور صاحب پنهنجي مضمون "لطيفيات ۽ لسانيات" ۾ تفصيلي بحث ڪيو آهي. جنهن تي لکڻ جي خاص ضرورت ڪانهي.

سائين منهنجي ڳالهه هتي ختم نٿي ٿئي. ڊاڪٽر غفور صاحب ته پنهنجي "لطيفيات ۽ لسانيات" واري مضمون جي شروعات ئي هنن سٽن سان ڪئي آهي. " 10 مئي تي محترم اياز قادري بابت ڪوٺايل ڪانفرنس ۾ هڪ اهڙو بحث ڇڙي پيو جنهن سان ڊاڪٽر قادريءَ جو ڪو تعلق نه هو. ڳالهه اتان شروع ٿي جڏهن ڊاڪٽر رخمان گل پالاريءَ چيو. شاهه جي ٻوليءَ سان هٿ چراند ٿي رهي آهي، خاص طور سان شاهه جي ٻوليءَ کي اترادي بنائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. ان ڪان علاوه لوڪ ادب خلاف اسان جي ڏاهن واويلا مچائي ڏني آهي. مثال امداد حسيني صاحب "سينگار کي سگهڙن جا گپوڙا چوي ٿو."

الله جي پناهه، جتي به عالم سڳورا گڏجي، ڪنهن مون جهڙي اڻجهه جي باري ۾ ڪا ڳالهه ڪن ته ڪير ان ڳالهه کي رد ڪندو. منهنجو مانوارو استاد ڊاڪٽر غفور ميمڻ صاحب ته "سينگار جا بيت سگهڙن جا گپوڙا آهن." جي تائيد ڪندي چار وکون اڃان به سوايون پريندي اهو چئي وينو ته "پالاري جي چوڻ مطابق: شاهه جي ٻوليءَ کي اترادي بنائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. لوڪ ادب خلاف اسان جي ڏاهن واويلا مچائي ڏني آهي. مثال امداد حسيني صاحب، سينگار کي سگهڙن جا گپوڙا چوي ٿو." ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ صاحب منهنجو استاد آهي. سو آئون وڏيڪ ڪڇي نٿو سگهان. باقي جِنِ تِنِ وارو ذڪر ڪندي مون سولي سنڌي ۾ چيو هو ته: "آئون هتي اترادي، لاڙي ۽ ڪوهستانيءَ جي ڳالهه نٿو ڪيان. شاهه لطيف تي اهو احسان ڪيو، ڀٽائيءَ کي ڀٽائيءَ واري ٻوليءَ ۾ پڙهو ته اوهان جي مهرباني ٿيندي." ڊاڪٽر غفور صاحب هڪ ٻيو جملو به منهنجي ڪاتي ۾ داخل ڪيو آهي ته "لوڪ ادب خلاف اسان جي ڏاهن واويلا مچائي ڏني آهي." ڊاڪٽر صاحب کي وڌيڪ ڇا ٿو چئي سگهجي. مون هيٺيون جملو ضرور چيو هو ته، سجوڪ صاحب لوڪ ادب جي باري ۾ هيءَ ڊيفينيشن ڏئي شايد وڏو ڏوهه ڪري وڌو.

It is older than alphabate, it is older than literature, it is Lore and belong to illetrate person.

اهو (illetrate person) اسان جي عالمن کي ڄڻ ڇڪ ٿو وڃهي. هو ڇرڪي ٿا پون، جا پنهنجي جاءِ حقيقت آهي.

منهنجي ٿوڻين تائين هٿ ٻڌي، ٻنهي مانائتين هستين سان وينتي آهي ته فقط هڪ ڀيرو اها پروگرام واري سي ڊي ڏسو، پوءِ اهي ڳالهيون جي توهان لکيون آهن ۽ مون اهي ڳالهيون ائين ئي چيون آهن، ته پوءِ جيڪا به سزا ڏيو اڪين تي. جي نه ته مهرباني ڪري ٻڪيا پلي نه ڏيو ڪپڙا ته لِيڙون لِيڙون نه ڪيو.

## منور ڪيهر، ڳوٺ آگاڻي.

جولاءِ 2014 جو سوجهري جو ٽائيٽل ڏاڍو خوبصورت هو. اوهان گذريل دور جي عظيم هستين ۽ موجوده دور جي باوقار افسانا نويس ادي مهتاب محبوب جون تصويرون ڏئي پنهنجو ادبي فرض پورو ڪيو آهي.

'ٽچ مي پليز' ۾ اوهان ادبي منافقت ۽ پنهنجا نوازڻ واري روش کي چڱي طرح ظاهر ڪيو آهي. اسان جا قومي ادارا 'ترڻ' بدران 'ٻڏڻ' جي خواهش رکن ٿا. لڳي ٿو ملڪ ۾ ڪو راتو-راتي ئي ڪونهي ڪا. امداد حسيني صاحب بيرومل جي حوالي سان جَنَ يا تَنَ جي حوالي سان درست بحث ڪيو آهي. سنڌ جي مختلف حصن، لاڙ، اتر، ڪوهستان، وچولو ۽ ٿر وغيره جي ماڻهن جا اُچار هڪ جهڙا ناهن. جنهن تي ڊاڪٽر غفور صاحب مفسل بحث ڪيو آهي. نسيم کرل جي ڪهاڻي، 'ڪچو رنگ' جو تجزيو پڙهي ڏاڍو مزو آيو. بهتر ٿئي ها ته 'چوٿيهون در' جو به تنقيدي جائزو پيش ڪيو ها.

ڪهاڻين ۾ مونکي حميدالله ايڊووڪيٽ جي ننڍي ڪهاڻي، 'تلاوت ڪندڙ اکيون' ڏاڍي پراثر لڳي. اسان وٽ اهو وڏو الميو آهي ته پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ پراڻن ماڳن مڪانن کي زوري ڪلمو پڙهائي مسلمان ڪيو ويو آهي ۽ اهو سلسلو هلندڙ آهي. رسالي جي سونهن، 'جي مارن مون ڏي موڪليا' ادي ناياب بروهي، فوزيه ناز، مير حاجن مير ۽ حاجن نظاماڻي جا خط علمي، ادبي منظرنامي تي وڏي چٽر ۽ طنز آهي. اهڙن خطن سان نون ماڻهن ۾، سياسي، علمي، ادبي ۽ تنقيدي طور هڪ نئين جرَ ۽ اتساهه پيدا ٿئي ٿو.

## اياز رضوي، نئون ڪوٽ.

نائين زيرو ته پري جي ڳالهه آهي. اسان ته پنهنجي شهر جي سيڪٽر تي به ڪو نه ويا آهيون ۽ نه ئي سيڪٽر انچارج جي نالي جي خبر اٿائون. ها، اهو اعتراف ڪندي ڪا هٻڪ محسوس نٿو ڪريان ته جڏهن پائي لوگن متحده جا آثر ٿي اوڊيا ۽ حيدرآباد جي هڪ هوٽل ۾ ليکڪن ۽ دانشورن جي ڪانفرنس ڪوٺائي هئائون ته آئون هڪ ويجهي دوست جي زور پرڻ تي شريڪ ضرور ٿيو هئس. پر اتي مون انهن جي تاثراتي بڪ ۾ پنهنجو موقف ڀرپور نموني رکيو هو. ۽ ڪين صلاح ڏني هئم ته، "اوهان غلط رستي تي آهيو. سنڌ ۽ سنڌين سان دشمني ۾ اوهان کي ڪجھ به حاصل ٿيڻو ناهي. اسان به توهان وانگر ٻاهران آيل آهيون. پنهنجي ثقافت، ٻولي ڇڏي سنڌ جي مٽيءَ ۾ جذب ٿي ويا آهيون. هاڻي اسان ۽ سنڌ وچ ۾ ڪو به ليڪو يا سندو ڪونهي، تنهن ڪري توهان سوچ سمجھ کان ڪم وٺو، نه ته تاريخ اوهان کي ڪڏهن به معاف نه ڪندي.

## علي نواز آريسر، حيدرآباد.

ماهوار سوجهري جو جولاءِ 2014ع جو شمارو پڙهيو اٿم. هن شماري ۾ محترم تاج بلوچ جو ايڊيٽوريل پڙهڻ وٽان هو، ۽ دل چيو ته هيڏي وڏي ادبي بحث ۾ حصو وٺجي، ڇو ته فاضل ليکڪ قلم جي بيباڪيءَ جو جيڪو مثال قائم ڪيو آهي، اهڙو مثال سنڌي ادب جي پاٺڪن لاءِ يقينن نيون راهون کوليندو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪڙو عام اصطلاح آهي، ونگار، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، بيگار، بيگر. فاضل ليکڪ جو 'ٽچ مي پليز' پڙهڻ کان پوءِ اندازو ٿئي ٿو ته: پاڻ به ڪنهن جي ونگار وهندي بيگر ڪدي آهي.

فاضل ليکڪ هن ايڊيٽوريل ۾ پائلي ڪوئلهي جي ناول 'اليون منٽس' جي سنڌي ترجمي تي اعتراض وارڻ سان گڏ فاضل نقاد جو تعصباڻو رويو به سامهون آيو آهي. ناول لاءِ صاحبِ موصوف لکي ٿو ته: "اهو ناول برازيل جي هڪ نوجوان ۽ خوبصورت وئيشيه 'ماريا' جي جنسي تجربن جي ڪٿا آهي، جيڪا نوخيزيءَ ۾ چوٽ ڪائڻ کانپوءِ عاشقيءَ کان توبهائون ڪندي اهو چئي جنيوا هلي وڃي ٿي 'Love is terrible thing that will make you suffer' ۽ جنيوا ۾ ماريا پنهنجي وجود کي پئسي ۽ جنسي نماءُ لاءِ لوئندي ۽ لباڙائيندي رهي ٿي."

ڇئي ٿو ته اهڙي ڪتاب جي اسان جي سماج يا ثقافت ۾ ڪا جاءِ بڻجي ٿي؟

آءٌ ان جو جواب ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان، ڇو ته سنڌي ادب ۾ هي پهريون اهڙو ڪتاب ناهي، جيڪو جنسيات جي موضوع تي لکيو ويو آهي. ناول 'يارنهن منٽ' جي اسان جي سماج ۾ جاءِ ان ڪري به ٿئي ٿي ته: اسان جون به سماجي حالتون اهي ئي آهي، جهڙيون دنيا جي ٻين غلام يا پٺتي پيل ملڪن جون آهن، دنيا ۾ جتي به غلامي پنهنجا پير پختا ڪري ويندي آهي، ته اتان جو اديب ئي واحد سونهون هوندو آهي، هن وقت به سنڌ جي صورتحال ڪجهه اهڙي ئي بڻجندي پئي وڃي، جهڙي ريت برازيل جي هن ناول جي نائڪ ته وري به پنهنجو پاڻ کي اهڙي ڏٻڻ مان ڪڍي ٿي اچي، اهو ڪردار سماج جي لاءِ ناسور ڪيئن ٿو چئي سگهجي؟ نواز خان پاران ترجمو ڪيل هي ناول به سنڌ مان سماجي بُراين مان جان ڇڏائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو. بهرحال حيرت انگيز ڳالهه اها آهي ته اسان جو روشن خيال اديب ايڏي سطحي سوچ رکندڙ آهي؟

فاضل ليکڪ، هڪ ڇوڪري فوزيه ناز جي خط جي جواب ۾ لکيو آهي. "فوزيه صاحبه توهان جا اعتراض ڪنهن به حد تائين دُرست نه آهن، اوهان جنهن محدود ماحول ۾ رهو ٿا، اها انهيءَ ماحول جي شديد گهرج آهي اهڙا اعتراض اُٿاري سگهجن ٿا، پر مسئلو هڪ پاسائون بحث هيٺ نٿو آڻي سگهجي. اوهان جي پائٽي ٻارن سوڏو آمريڪا کان واپس آئي آهي، (ايئن لڳو ڄڻ ڪي.پي.ڪي جي پٺتي پيل علائقي جي خاتون هجي) آمريڪي Teenagerجي اخلاقي سوچ ايتري سطحي ڪٿي آهي؟ آمريڪي ٻارن لاءِ ڏار چينل آهن، جتي ٻارن جي ذهني اوسر لاءِ سيڪس کان سول تائين (sex to soul)فلمون، فيچرس ۽ ٻيون بي انت اهڙيون شيون ڏيکاريون وڃن ٿيون، جنهنجو ننڍي ڪنڊ ۾ (پارت کي ڇڏي) ڏيکارڻ جو تصور به نٿو ڪري سگهجي. نان ٽراسپرنٽ يا ٽرانسپرنٽ بدعت تي قلم ڪٽڻ، پورنو گرافي ۾ شامل ناهي، بلڪ اصلاح جو اهو پهلو آهي، جيڪو گهڻ مقصدي آهي. اسان جو معاشرو، 'عيبن' تي پردو وجهڻ ڪري ئي وڏيڪ 'عيبدار' بڻجي پيو آهي. جيڪڏهن مهڙ کان ئي ٻارن کي سُٺي ۽ خراب ماحول ۽ ان جي سُٺن يا اگرن اثرن يا نتيجن بابت ڄاڻ هجي ها ته جيڪر 'ڄاڙڪيءَ جي ڪپ تان اڏامندڙ ڏوڙ' تي ايڏا ڇنڊا نه پون ها. اوهانجي خط جي جواب لاءِ بي انت ثبوت، قانوني ڪتابن ۾، هاڪاري سوچ سان محفوظ آهن. ويجهو دستاويز منٽو جي 'ٺنڊا گوشت' جي ڪيس وارو موجود آهي. ٺنڊا گوشت ۾ منٽو جو هڪ ڪردار مئل عورت سان بلادڪار ڪري ٿو، ۽ عدالت منٽو کي ان ڪيس (پورنو گرافي) مان آجو ڪري ڇڏي ٿي. ڄاڙڪيءَ جي ڪپ تان اُڏامندڙ ڏوڙ ته ٻارن پڙهي به ناهي، ٻارن جي ماءُ پڙهي آهي، جيڪا آمريڪا ۾ رهي ٿي. اهڙا ويچار ڪنهن گهٽ پڙهيل ۽ محدود منظرنامي ۾ ساه کڻندڙ خاتون جا ويچار/اعتراض ته ٿي سگهن ٿا، پر آمريڪي عورت جا نه. اصل ۾ فحاشي داخلي شيءِ ناهي، خارجي سوچن جو ڪو خرابو آهي. (ت.ب)

هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته: جيڪڏهن سوجهرو رسالو ڪا فحش ڪهاڻي ڇپي ٿو ته اهو درست آهي، ۽ جيڪڏهن ساڳئي موضوع جي ڪنهن ڪتاب کي اثارٽي اوارڊ ڏئي ٿي ته ان کي ثقافتي ۽ سماجي لحاظ کان ننديو پيو وڃي، ساڳيو ماڻهو هڪ ئي وقت ٻن ٻيڙين ۾ سوار نظر اچي ٿو، آهي به ناهي به، جي ٻڏتر ۾ لڙهي ويل سوچ جي هن مالڪ جو اهو جواب پڙهي محترمه فوزيه ناز ته ضرور خوش ٿي هوندي، مون کي اجا تائين اها ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي ته فاضل ليکڪ اها ڳالهه ڪيئن ڪئي آهي ته: سُٺي ڪارڪردگي جو تعلق صلاحيت ۽ ڏات سان هوندو آهي، جيتوڻيڪ سندس صلاحيتون هن ئي ايڊيٽوريل مان نروار ٿيو بيٺيون آهن، ان کان علاوه سوجهري جا پڙهندڙ ته گهڻو اڳ ۾ واقف ٿي چڪا هوندا، جڏهن ج.ع منگهاڻي سوجهرو ڇڏي وئي. هونئن به فاضل ليکڪ جي سڃاڻپ آهي ئي 'سوجهرو' جنهن جو سوجهرو به ج.ع منگهاڻي جي ڇڏي وڃڻ کان پوءِ ختم ٿي ويو آهي. ڇاڪاڻ جو فاضل ليکڪ جو ٻيو ڪو علمي پورهيو اجا تائين منظر تي اچي ناهي سگهيو، باقي شيخ اياز کان وڏو شاعر هئڻ جي سوچ رکندڙ سندس شاعريءَ تي اعتراض واريا ويا آهن.

ناياب بروهي جي فرضي نالي سان خط، جيڪو لهجي مان ئي ڪنهن شير جو لکيل لڳي ٿو، جيڪو شير سنڌي وارو 'شينهن' نه پر اردو وارو ئي 'شير' آهي، جيڪو پڃري کان ٻاهر ڪڏهن نڪتو ئي ناهي. هن جو پهريون اعتراض امر جليل تي آهي ته هن شاه لطيف کي ليکڪ ڪيئن ڪوٺيو آهي؟ هن چواڻي ليکڪ صرف اهو آهي، جيڪو پاڻ پنهنجي هٿن سان لکي ۽ شاه سائين ڪڏهن به پنهنجي هٿن سان نه لکيو ، ۽ سندس ڪلام ٻين لکيو آهي. هاڻي صاحب موصوف جي عقل جي انتها ڏسو؟ منهنجي خيال ۾ سنڌ جا ڪيترائي اهڙا ليکڪ آهن، جيڪي پاڻ ڪنهن نه ڪنهن سبب جي ڪري لکي ناهن سگهندا ۽ ننڍي کنڊ جي ٻين ڪيترن ئي وڏن ليکڪن جا مثال به موجود آهن، جن جون لکتون ڊڪٽيشن وٺي لکيون ويون.

صاحب موصوف جي تنقيد جو ٻيو پاسو آهي اديبن جي 90 تي حاضري. هتي هن صاحب صرف انهن اديبن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان قومي سوچ رکندڙ آهي، ۽ قومي تحريڪ سان لاڳاپيل آهن. هن وقت سنڌ ۾ ادب جي حوالي سان به لاڙا ڪم ڪري رهيا آهن، هڪڙو اهو لاڙو آهي، جنهن فڪري پاسي کي پنهنجي تخليق جو محور بڻايو آهي، ۽ ٻيو اُهو لاڙو آهي، جيڪو اُردو آباديءَ جي خلاف انتشار ڦهلائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، ۽ پنجاب جي خوشامد ۾ ڪسر ڪو نه ڇڏي آهي. فرضي نالي سان لکندڙ ليکڪ روشن خيال اديبن لاءِ لکي ٿو ته پيسن تي خريد ڪيل غلام. هتي لفظ غلام تي ٿورو تبصرو ڪجي. صاحب موصوف پاڻ اهو ٻڌائي سگهندو ته غلام ڇا کي چيو ويندو آهي؟ غلاميءَ جا معيار ڪهڙا ٿيندا آهن؟ ٺيڪ آهي، اهي سمورا اديب ليکڪ غلام آهن، ته پوءِ پاڻ ڇا آهي؟ سندس عملي ڪردار ڪهڙو آهي؟ جن تي غلام هئڻ جو الزام آهي، انهن جي تخليقن ۾ وري به سنڌ جي جهلڪ پسجي ٿي، غلاميءَ جي خلاف علم اُپو ٿيل نظر اچي ٿو، پر صاحب موصوف پاڻ ته غلاميءَ جي اهڙي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل آهي، جو پنهنجي مرضيءَ سان سوچڻ جي به صلاحيت ڪو نه آهي.

ٽيون اعتراض اهو آهي ته: شاه لطيف جي شارحن شاه سائين جي شاعريءَ سان وڏو ظلم ڪيو آهي، انهن شاه جي لفظن جون معنائون ئي تبديل ڪري ڇڏيون آهن وغيره. هتي اڃا به اڳتي لکي ٿو ته : سپيئي شاه لطيف جا شارح جيئن ته هڪ علائقي اتر سان تعلق رکن ٿا. پهرين اهو عمل ڊاڪٽر گربخشاڻي ڪيو ۽ پوءِ ٻين ڪيو، جن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ اڃا به ٻه وکون اڳتي آهي.

هاڻي اچو ته شاه لطيف جي شارحن جو سرسري جائزو وٺون ته اتر جا ڪهڙا شارح آهن؟ شاه سائين جو پهريون شارح سائين جي. ايم سيد آهي، جنهن سڀ کان پهرين لطيف کي قومي فڪر ۾ نروار ڪيو، ان بعد سندس لائق نياڻي ڊاڪٽر دُر شهوار سيد آهي، جنهن شاه لطيف جي شاعريءَ جو فڪري پسمنظر سمجهايو، ان کان پوءِ شاه سائين تي جيڪو وڏ کان وڏ ڪم ڪيو، اهو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ آهي، جنهن شاه سائين جي رسالي جا بيت الڳ ڪري رسالو ڇپايو، ۽ باقي جامع تحقيق ڪري ان کي ڏهن جلدن ۾ هڪ مڪمل دستاويز بڻايو. اهڙيءَ طرح ڪجهه ٻيا به نالا سامهون آڇن ٿا، جن ۾ علامه آءِ آءِ قاضي، ڊاڪٽر اينميري شمل، رسول بخش پليجو، عبدالواحد آريسر، ٻانهون خان شيخ، محمد حسين ڪاشف ۽ محمد سومار شيخ جا نالا سرفهرست آهن. مٿين سيني مان هڪ به اُتر جو ناهي، نه ئي اتر جي محققن لطيف کي ايترو نروار ڪيو آهي، ڊاڪٽر گربخشاڻي شاهه جي شاعري کي ترتيب ضرور ڏني آهي، پر ان کي شارح هرگز نٿو چئي سگهجي. ترتيب ڏيندڙن جي لسٽ ڪٽبي ته اسان جي سامهون ڪوڙ سارن پبلشرن جا نالا به اچي ويندا، تنهن ڪري اهو اعتراض به اجايو ئي آهي.

ساڳئي ايڊيٽوريل ۾ سنڌي لئنگئيج اثارٽيءَ جي چيئرپرسن ۽ سيڪريٽري تي تمام گهٽا چوهه ڇنڊيا آهن، ۽ انهن جي صلاحيتن تي روشني وجهندي ننديو به آهي، فاضل ليکڪ پهريون اعتراض اهو اُٿاريو آهي ته: اثارٽيءَ جي چيئرپرسن ججن جي جمهوري فيصلي کي ريٽي، پنهنجي صوابديدي اختيارن تحت انعامن جي ورڇ ڪئي آهي. هتي واضح ڪندو هلان ته هن انعام ورهائڻ واري تقريب ۾ آءٌ به موجود هئس، هتي نه صرف سيني ججن جا نالا انائونس ڪيا ويا هئا، پر اثارٽيءَ جي سيڪريٽري محترم تاج جويي هڪڙو اهم انڪشاف ڪندي چيو هو ته: مون کي ڪجهه دوستن ميسج ڪيا آهن ته 'يارنهن منٽ' ناول کي انعام تاج دوستي ملهائيندي ڏنو آهي، ان لاءِ آءٌ هتي ٿنهيءَ ججن جا نالا ٻڌايان ٿو(؟) اعتراض ڪندڙ دوست انهن ججن کان وڃي پڇا ڪن ته اُنهن انهيءَ ڪتاب کي اوارڊ ڇو ڏنو؟

فاضل نقاد اڪادميءَ جي چيئرپرسن ڊاڪٽر فهميده حسين تي تنقيد ڪندي لکي ٿو ته:

”سٺي ڪارڪردگيءَ جو تعلق صلاحيت ۽ ڏات سان هوندو آهي، اڪادميءَ جي چيئرپرسن جون صلاحيتون، علمي ۽ ادبي ڪنٽريبيوشن مشڪوڪ رهيون آهن. ڏات ڏٺي ۽ باصلاحيت ماڻهو هميشه شفافيت ۽ ميرٽ کي ترجيح ڏيندو آهي، پر پليجرزم جا عادي ڏوهاري ليکڪ، سدائين بي صلاحيت دوستن کي نوازڻ يا سياسي بنيادن تي فيصلا ڪرڻ جا عادي هوندا آهن. فهميده حسين صاحبه پاران جالبي ۽ پي. گري جي مضمونن، مقالن، خيالن يا عبارت جي چوري (plagiarism)ادبي دنيا سان لاڳاپو رکندڙ کهڙي پڙهيل لکيل ماڻهوءَ کان ڳجهي رهي آهي؟“

مون کي خبر ناهي ته ڊاڪٽر فهميده حسين ڪا چوري ڪئي آهي يا نه، ان جي وضاحت پاڻ ئي ڪندي. هڪ دوست چيو ته. تاج بلوچ ڪجهه وقت اڳ انديا جي مشهور فلم اجازت جو گانو، ”ميرا ڪُڇ سامان تمهاري پاس پڙاهي، وه لوٽا دو.“ جيئن جو تيئن نقل ڪري پنهنجي نالي ڇپرايو هو. ساڻس گڏ هڪبئي نوجوان وري اهو ٻڌايو ته انديا جي هڪ شاعر سريش جوشي جا نظم پڻ هن ترجمو ڪري پنهنجي ڪتاب ’خوشبو جو زهر‘ ۾ هلايا هئا ۽ هاڻ وري مون ماهوار ’پرک‘ ڪراچيءَ جي ڊسمبر 2000ع واري پرچي ۾ ’تاج بلوچ هڪ چور شاعر‘ نالي واري مضمون ۾ سريش جوشي جا نظم ترجمو ڪرڻ جي تصديق ڪئي آهي. هن مضمون ۾ ٻيون به ڪيتريون ئي ڳالهيون آهن، جيڪي اسان جي هن شاعر جي ادبي ۽ شخصي ڪردار کي واضح ڪن ٿيون.

هتي ٻيو سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ۽ فاضل ليکڪ پاڻ ئي ان جو اظهار ڪري چڪو آهي ته سُٺي ڪارڪردگيءَ جو تعلق صلاحيت ۽ ڏات سان هوندو آهي، ٺيڪ آهي فاضل ليکڪ، ڊاڪٽر فهميده حسين جي ڪاتي ۾ هڪڙي چوري هنئين آهي ۽ ان جي ڪردار کي مشڪوڪ ڪونيو آهي، پر ساڳئي وقت ڊاڪٽر صاحبه جو علمي ادبي پورهيو ٻيو به گهڻو آهي، ان جي ڀيٽ ۾ فاضل ليکڪ وٽ آهي ئي صرف شاعري، جنهن تي به الزام آهي ته اُها چوريءَ جي آهي؟ هاڻي پاڻ ئي وضاحت ڪري ته بهتر آهي، نه ته پڙهندڙ هونئن ئي وڏو نقاد آهي، پاڻهي ڪٽ ڪندو.

هي سڄو ڪم ونگار طور ٿيل ڏسجي ٿو، پوءِ اها ونگار نوڪري پڪي ڪرائڻ لاءِ هجي يا سرڪار جي خوشامديءَ لاءِ هجي، رهي ڳالهه پائلي ڪوئلهي جي ناول جي ترجمي جي ته: اُهو ناول جيڪو دنيا جي ٽيهن کان وڌيڪ ٻولين ۾ ترجمو ٿي ميڄتا ماڻي چڪو هجي، ان ناول کي ادب جي ذمري کان خارج ڪرڻ جي ڳالهه ڪندڙ ڪو احمق ئي ٿي سگهي ٿو.

(مان شاعر آهيان، نقاد آهيان، ڪهاڻيڪار، صحافي يا ٻيو ڪجهه: تو سميت، تنهنجو دوست تاج جويو، ان جا حواري ۽ تنهنجي ميڊم چئرپرسن چڱيءَ ريت ڄاڻن ٿا. منهنجو ادب ۾ ڪهڙو ڪنٽريبيوشن آهي؟ سڄي هند-سنڌ ڄاڻي ٿي. شل اهو پل نه اچي جو آئون پاڻ کي شيخ اياز جهڙو سوچيان. هو ته سڄي عمر اهو طئي ئي نه ڪري سگهيو ته هو آهي ڇا؟ شاعر، قومي ڪارڪن، ملحد يا مسلمان؟ جنهن شخص جو ٿاٽ پراسيس ئي ڪليئر ناهي ان جهڙو پلا ڪير ٿيندو؟ ان جهڙو ڏٺي ڪنهنکي نه ڪري. پر ادارن ۾ جن ماڻهن جو مفاد آهي، اهي ڪيس ڏوڪڙن لاءِ بي دليو ئي سهي، ڳائن وڄائين ٿا، سال ۾ هڪ ڀيرو.

آئون يا ڊاڪٽر شير مهراڻي ڪنهن جي ونگار وهنداسين؟ ڪجهه واضح ڪرين هان ته سئو. باقي تون جن جي ونگار وڙهو آهين اهو سڀ سمجهون ٿا. تنهنجي خط مان هيٺيون ڳالهيون واضح آهن.

1. سنڌي اديبن جو هڪ ٽولو ايم ڪيو ايم جو حامي ۽ ساٿاري آهي، جنهن ۾ تون پڻ شامل آهين.(ايم ڪيو ايم سان ’نمڪ حلالي‘ جون مبارڪون)
2. ڊاڪٽر فهميده حسين ادبي چوريون ڪيون آهن.
3. گربخشاڻي شاهه جو شارح ناهي.
4. ناياب بروهي اصل ۾ ڊاڪٽر شير مهراڻي آهي.
5. آئون (تاج بلوچ) ادب ۾ سيڪس جي شموليت جي حوالي سان ٻن ٻيڙين جو سوار آهيان.
6. ج ع منگهاڻي سوجهرو ڇڏي وئي آهي.
7. اڪادمي انعامن جي ورڇ ميرٽ تي ڪري ٿي.
8. ۽ ٻيون ڪي مبهم ۽ غير واضح ڳالهيون.

پهرين ڳالهه ته تون پاڻ ڇئي چڪو آهين ته اديبن جا به ڌڙا آهن، هڪڙن کي ايم ڪيو ايم جو آشيرواد حاصل آهي ۽ ٻيا ناحق واويلا ٿا مچائين. توهان کي اها نمڪ حلالي نيبهه هجي، پلي ايم ڪيو ايم سان لاڳاپا استوار ڪيو. اسان اهڙي سنڌ دشمني خلاف واويلا ڪندا رهندا سين. ڇاڪاڻ ته ايم ڪيو ايم پنجاب جيان سنڌ جي اصلوڪن مفادن جي خلاف آهي، جيڪا سياست ۾ جي ايچ ڪيو جي انڊڪٽ ڪيل آهي. اپ اڪئين پيو ڏسجي. ڪهڙي ڳالهه کان لنوائيندا؟

ٻي ڳالهه ته تون پاڻ ڇئي وينو آهين ته ميڊم فهميده حسين ادبي چوريون ته ڇا پر سينه زوريون ڪيون آهن. سينه زوري ته توسان به اڪادمي ۾ ٿئي پئي پر شڪر ڪر جو حيلن وسيلن سان ستين گريڊ مان 15 نه ته 14هون گريڊ ته وٺي وئين. جي 14 گريڊ توکي نه ملي ها ته تون ته اڪادمي مان ٽين ٽپڙ ويڙهي چڪو هئين. جتي نوجوانن جي ’صلاحيتن کي اجاريو‘ پيو وڃي.

ٽين ڳالهه ته اهو سڀڪو مڃي ٿو ته شاهه جو پهريون مجيل شارح ڊاڪٽر گربخشاڻي آهي، سندس ترتيب ڏنل رسالي ڪانسواءِ ”مقدمه لطيفي“ ئي ايڏو اهم آهي جو اڄ به نصابن ۾ پڙهائڻ سان گڏ ريفرنس بوڪ جي حيثيت رکي ٿو.

چوٿين ڳالهه ته ناياب بروهي مهڙ کان ئي سوجهرو ۾ لکندي پئي اچي. ڊاڪٽر شير مهراڻي ته گهڻو پوءِ سوجهري ۾ لکڻ شروع ڪيو، ۽ هو سوجهري ۾ شاعر طور انٽروڊيوس ٿيو. سندس ٻيا مضمون ته ويجهڙ ۾ ڇپيا آهن. ناياب بروهي ڪهاڻيون به لکيون آهن، جڏهن ته شير مهراڻي جي ڪا هڪ ڪهاڻي به سوجهري ۾ ناهي ڇپي. ناياب اتر سنڌ سان تعلق رکندڙ شارحن کي ٻولي جي بنياد تي رد ڪيو آهي. شير مهراڻي ته پاڻ اتر جو آهي، ان ڏس ۾ تاج جويي سان مشورو ڪرين ها ته شايد توکي سنئين واٽ ڏسي ها. پر نه: هن جو ڪم ئي گهاٽيون اونداهيون پوکڻ آهي۔ بي صلاحيت ماڻهو پئسن لاءِ ۽ غير قانوني طور اسٽيبلشمينٽ جي آشيرواد سان پنهنجي قدبت ۽ لياقت کان مٿي عهدا ماڻڻ، ۽ پراڻا چوپڙا اگهي پگهي نئين سر پيش ڪرڻ جو شوقين.

برابر آئون سنڌ جي پريويلنگ ڪنڊيشنس اندر ادب ۾ سيڪس کي ڪروڊ فارم ۾ پيش ڪرڻ جي خلاف آهيان. پر جنسي بدعت پوءِ اها ڪنهن به گهاڙيٽي ۾ هجي: ان جي پنيرائي ڪيان ٿو. ’اليون منٽس‘ جي مائي ’ماريا‘ جي جنسي تجربن مان جي سنڌي سماج کي ڪجهه پلئه پوي ها. يا ڪنهن ادبي نظرئي کي ڏڍ ملي ها ته اسان ضرور آڌرياءَ ڪيون هان. اسان کي ڪنهن سان به دشمني ناهي. ادب دوست آهيون.

ميڊم ج ع منگهاڻي اسان کان يا سوجهرو کان ڪڏهن پري آهي؟ هوءَ مسلسل سوجهري ۾ لکي رهي آهي البته ’ايڊيٽر ان چيف‘ جو عهدو هن مجبوريءَ ۾ ڇڏيو آهي، ڇاڪاڻ ته هوءَ شاهه لطيف جو رسالو ترتيب ڏيڻ ۾ رڌل آهي. اڪادمي انعامن جي ورڇ ڪيتري ميرٽ تي ڪندي آهي، اهو هر سڄاڻ ماڻهو ڄاڻي ٿو. ادارو جنهنکي انعام ڏيڻ چاهيندو آهي ته ان جو ڪتاب مارڪيٽ مان خريد ڪري به ان کي انعام ڏيندو آهي. باقي وڏي قد وارن پنهنجن حريفن کي ويجهو به نه اچڻ ڏيندي آهي. (فهميده حسين صاحبه ان فقري کي چڱيءَ ريت سمجهي ٿي.) جيڪڏهن ڪو ڳرو وارو ڪتاب مقابلي ۾ ايندو آهي ته سندن ڪنڌ تي ڄڻ ڪاتي وري پوندي آهي، ۽ ججن کي پٽڪا ميڙ ڪري ان ڪتاب کي حيلي بهاني سان رد ڪيو ويندو آهي، جنهن جو زنده مثال ڊاڪٽر رسول ميمڻ جو ناول ’قالو بلا‘ ۽ ڪهاڻين جو مجموعو، ’حليمان‘ آهن. سنڌي ادب جو ’ڪائو بوائي‘ پٽڪا ميڙ ۾ پي ايچ ڊي هولڊر آهي.(سنڌي ميڊيم ۾) ۽ موصوف هڪ اڀتو سبتو مضمون لکي هر هنڌ پيو ور ور پڙهندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته ساڳي مضمون ۾ نالو ڦيرائي ڪنهن ٻي شخصيت کي پيٽا ڏيندو آهي. جيئن هن سچل تي لکيل گڏريل سال وارو مقالو وري هن سال پڙهي ڏوڪڙ ڪمايا. ڇا ٿا پانيو ديانت جي انتها آهي نه؟

2013ع ۾ ج ع منگهاڻي صاحبه جي ناول، ’رڃ‘ (جيڪو 2013ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.) کي ڇٽا پيٽيءَ ۾ ڪهڙي بنياد تي شامل نه ڪيو ويو؟ يا ڊاڪٽر شير جي ڪتاب، ’شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات‘ ڪهڙي بنياد تي ڪتابن جي ڇٽاپيٽي ۾ شامل نه ڪيو ويو. اها اڪادمي جي بي ايماني، پنهنجا نواز پاليسي ۽ بدديانتي ناهي؟

تو جڏهن اڪادمي جي حمايت ۾ گوڏي جيڏو خط لکيو آهي يا لکرايو آهي۔ ڪيئن ٿو چوين ته تون اڪادميءَ ۾ ناهين وينو؟ پاڻو ’سرويچ سنڌي‘ تون ته چئرپرسن ۽ سيڪريٽري جو پولٽريو آهين جو ستين گريڊ مان خوشامد تي ڊبل پروموشن وٺي 14هين گريڊ ۾ اچي پهتو آهين. ڪو پڇاڻو آهي؟ اصل ڳالهه اها آهي ته اڪادمي کي اهل ماڻهن جي ضرورت ئي ڪانهي.

جيسيتائين نواز زنئور جي ترجمي جو تعلق آهي ته آئون انتهائي ادبي سچائيءَ سان عرض ڪيان ٿو ته اهو ترجمو نه رڳو ناقص پر نان ڪميونيڪيٽو آهي. مترجم، ناول جي رمز، ادبي اشارن ۽ متن جي جزئيات کي ڇهي ئي نه سگهيو آهي. ترجمي جي لاءِ جيڪي به جج هوندا انهن پڪ سان ’يارنهن منٽ‘ جو انگريزي ورجن پڙهيو ئي نه هوندو. ٻي ڳالهه ته پائلو ڪو نظرياتي اديب نه پر ڪمرشل رائيٽر آهي. ڇا تي ٿا پڙو؟

’سرويچ سنڌي‘ عرف علي نواز آريسر صاحب اوهان مونتي ٻن صدين ڪانپوءِ اهي تهمتون ڀيهر مڙهيون آهن جيڪي گهڻو گهڻو اڳ، ’ڪر سوال ڏي جواب‘ جي منطق سان مختلف رسالن ۽ ڪتابن ۾ اچي رد ٿي چڪيون آهن. ٻيلي هاڻي ڪو نئون الزام مڙهيو. بي صلاحيت ماڻهو آهيو اوهان کان ڪو نيڪي جو ڪم ته هونئن به ناهي پڄڻو. ت ب)